بلوچستان: سنڌين جو تاريخي وطن

رڪ سنڌي

ساٽيهه اشاعت گهر حيدرآباد
2024ع

سپ حق ۽ واسطا ليکک وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: بلوچستان: سنڌين جو تاريخي وطن
مصنف: رک سنڌي
ساٿيهه اشاعت گھر حيدرآباد سنڌ
پهرين ايڊيشن: سال 2024ع

Book: Baluchistan: Historical Homeland of Sandhi's

Writer: Ruk Sindhi

Saneeh Ishat Ghar Hyderabad Sindh

First Edition: 2024

فهرست

مهاڳ

1. مختلف دورن ۾ سنڌ جون سرحدن
2. بلوچن جو اصل وطن
3. عرب دور ۾ ايرن ۾ بلوچن جون آباديون
4. بلوچن جي موجوده بلوچستان طرف لڏپلاڻ
5. موجوده سنڌ ۾ پنجاب طرف بلوچن جي لڏپلاڻ
6. ڪلهوڙا حڪمرانن طرفان سنڌ ۾ بلوچن جي آبادڪاري
7. ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ اندر بلوچن جي آبادڪاري
8. موجوده بلوچستان تي “بلوچستان” نالو ڪڏهن پيو؟
9. بلوچستان جون اصلوڪيون سنڌي برادريون
10. جت، جاٽ، جدگال
11. ايران جا سنڌي جدگال
12. ميد (مهاڻا)
13. سبي: سنڌين جو تاريخي شهر
14. مڪران: سنڌين جو سرحدي مورچو
15. بلوچستان ۾ سنڌي ٻولي جا لهجا
16. بلوچستان ۾ سنڌين جا مذهبي ماڳ
17. بلوچستان ۾ سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ
18. بلوچستان جا سنڌي شاعر
19. سسئي جو پنهون بلوچ نه پر سنڌي هو
20. بلوچستان قديم سنڌ آهي
ببلوگرافي

مهاڳ

جڏهن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضــي لاءِ ڪاهه ڪئي هئي ته مياڻي ۾ دبي جي ميـدان تي هن ديس جي وارثن سر جو سـانگو لاهي، سـاڻن سـاهه جي آخــري هــڏڪي تــائين ويڙهــه وڙهي هــئي. ان ويڙهه وڙهندڙ سرويچن "مرسون مرسـون سـنڌ نـه ڏيسـون" جـا نعـرا بلنـد ڪيـا هئـا. ٽـالپر مـيرن جي لشـڪر ۾ شـامل بلـوچن اهـو وچن ورجـايو هـو تـه "سنڌ اسان جي ماءُ آهي، ان جو تحفظ ڪرڻ اسان جي ايمان جو حصـو آهي." سـندن اهي لفـظ تـاريخ جو حصو بڻجي ويا، اهي لفـظ ڪنهن چيـا هئـا، سـنڌ سان اهڙو وچن ڪنهن ورجايو هو، ان بابت تــاريخ ۾ لکيل آهي ته:

"مياڻيءَ جي ميدان ۾ شهيد ٿيندڙ حـاجي غلام محمد ٽالپر، مبارڪ خان ٽالپر، مير غلام شاهه، مــير محراب خـان ٽـالپر، عبداللـه خـان نظامـاڻي، محمـد علي خان لغاري، دريا خان لغـاري، غلام حيـدر خـان لغـاري، حـاجي خـدا بخش چانـگ، مـراد علي خـان چانگ جن سنڌ تان سر واريندي هڪلون ٿي ڪيون.

"اين سنڌ ملڪ بمزله مادر ما بلوچان است

که از پستان شير پيدائيش پشت به پشت

پرورش يا فته ايم حقوق مادر و پدر بر

اولاد بسيار است نهايت جان رانثار

راهه خدمت اين والده خواهم نمودا."

(ترجمو) “هي ملڪ سنڌ اسان بلوچن جي ماءُ برابر آهي، جنهن جي ڇاتي مان اسان پشت به پشت کير پي وڏا ٿيا آهيون، ماءُ پيءُ جا اولاد تي گهڻا حق آهن. اسان پنهنجي مادر وطن تي جانيون قربان ڪنداسون.”

سنڌ سوين هزارين ڪان سالن بلوچن سميت مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن کي پنهنجي گود پئي پاليو آهي. جيڪي ڪالهه مختلف مشڪلاتن جو شڪار ٿي لڏجي ڏتڙجي پنهنجا ڏيهه ڇڏي هتي پهتا هئا، انهن کي به جيءُ جايون ڏنيون. جڏهن ته هن ڌرتيءُ سندس ئي ٻچن مٿان حملو ڪري ايندڙن کي به آخر پاڻ سمائي ڇڏيو. عرب، ارغون، مغل، ترخان، پناڻ جيتوڻيڪ مختلف دورن سنڌ تي حملي آور ٿي آيا هئا، پر اڄ سندن اولاد سنڌ جا اهڙا ئي عظيم پٽ بڻجي ويا، جهڙا ٻيا قديم سنڌي پاڻ کي تصور ڪن ٿا.

جڏهن قومون پنهنجي تاريخ پاڻ نه لکنديون آهن، ته سندن قومي وطن يعني سرزمين تي مختلف دورن پناهگير بڻجي آيل پکوڙا ٻاهران آيل حملي آور پنهنجو حق جتائيندا رهندا آهن. اها ئي سچي وارتا اڄ سنڌ سان ٿئي پئي. سنڌ جي سرزمين ماضيءَ جن ڏتڙيل لٽيل ٽولن گروهن کي پنهنجي ڇاتيءَ جو کير پياري تاتي نپائي وڏو ڪيو. اڄ اهي ئي پنهنجي ماءُ جي جسم کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ لاءَ سازشون مڪاريون ڪري رهيا آهن. ان جي تاريخي سرحدن کان انڪار ڪري رهيا آهن.

سنڌ جي تاريخ سان هٿ چراند ڪندڙ، ڪوڙا نقشا جاري ڪري نفرتن جو ٻج ڇٽيندڙن کي ڪنهن به نه روڪيو آهي. هڪ ٻئي جي "فطري اتحادي" هجڻ جو راڳ آلاپيندڙن ۽ پائپي جو درس ڏيندڙن مان به ڪنهن پنهنجي خاموشي نه ٽوڙي آهي. انهن خيالي نقشن ۾ سنڌ کي بمبئي بيڪري جو ڪيڪ سمجهي ڪاٽڻ بدران هڪ ئي ڳيت ۾ ڳڙڪائڻ جو خواب لڌو ويو آهي. ان سڄي منصوبي هيٺ ڪوڙا ڪتاب لکي ڇپرايا پيا وڃن. جن ۾ هزارين سالن جي ديس سنڌ مٿان منڌيئڙو ڦيرايو پيو وڃي. سنڌو ماٿري جي سرحدن اندر رهندڙ هر ماڻهو جي سڃاڻپ کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته سنڌ اڄ جنهن جاگرافيائي سرحدن تي موجود آهي، اهي سرحدون ان جون سوين سال اڳ نه هيون. ماضيءَ ۾ سنڌ تمام وسيع ايراضي تي پکڙيل ملڪ هيو. اڄ پاڪستان جن سرحدن تي قائم آهي، سنڌ ان کان به وسيع علائقي جي مالڪ هئي. پنجاب، پختون خواهه، بلوچستان، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ راجستان جا علائقا سنڌ جي سرحدن ۾ شامل هيا. تاريخ جي ستم ظريفي سبب پلي اڄ اهي علائقا سنڌ جي سرحدن ۾ شامل ناهن، پر سنڌ انهن سڀني خطن، رياستن يا صوبن جي ماءُ آهي. جڏهن ڪجهه ناعاقبت انديش ماڻهو پنهنجي ئي ماءُ خلاف سازشون ڪن ٿا، ان جي وجود کي ميسارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته هو اصل ۾ پنهنجي تاريخي حيثيت ۽ وجود کان انڪار ڪن ٿا.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي وجود تي سوال اٿاريندڙن کي تاريخي ثبوتن سان جواب ڏنو ويو آهي ته اوهان جنهن سرزمين تي موجود آهيو، اها قديم

سـنڌ آهي. جنهن ماضــيءَ اوهــان کي پناهــه ڏني هئي، اوهان کي اجهو، لٽو اٽو فراهم ڪيو هــو. ان ڪري هيءَ ڌرتي اوهان جي دشمن نه پـر مـاءُ آهي. اوهان پنهنجي مـاءُ جي تحفـظ، عـزت عظمت لاءِ ايئن ئي ڪرادر ادا ڪيو، جـيئن ميـاٽي جي ميـدان اوهان جي وڏڙن سر گهـوري پنهنجـو قـرض چڪـايو هو.

اڄ جڏهن ڪنهن کي به ڪو ڪــوڙ، مڪــاري نڳي ڦٻي نه ٿي سگهي، ان جي باوجود تــاريخ ســان پيانڪ مذاق ڪئي پئي وڃي. ان ڪــري ضـرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جي تاريخ سـان ٿينـدڙ هـاڃن کي نـه صـرف وائکـو ڪيـو وڃي، پـر اهـڙين مـڙني دعــوائن کي دليلن ســان رد ڪيــو وڃي. جيڪي هن هزارين سالن جي تاريخ رکنـدڙ قـوم سـان ڪيـا پيـا وڃن. ستم ظريفي اهـا آهي تـه جنهن قـوم هـزارين ســالن کــان هن سـڄي خطي تي حڪمـراني ڪـئي آهي ان جـــون ســـرحدون لکين ميلن تي پکڙيـــل رهيون آهن، ان جي تاريخي وطن کي تسـليم ڪــرڻ کان بـه انڪـار ڪيـو پيـو وڃي. جيڪي ٽـولا مختلـف دورن دنيــا جي ٻين خطن مــان تــڙجي، ڌڪجي پنــاهگير بڻجي هن ديس پهتــا، اهي پناهــه ڏينــدڙ ديس جي دنگن جو احترام ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن.

ماضيءَ جيڪو ڪجهـه ٿيـو آهي، اهـو تـاريخ جو حصو بڻجي چڪو آهي، ان کي ڪوبه تبديل ڪري نـه ٿـو سـگهي. تـاريخ اسـان جي خواهشـن مـوجب تبديل ٿي نه ٿي سگهي. اوهــان تــاريخي حقيقتن کي تبــديل ڪــرڻ جي ڪوشــش ڪنــدا تــه دنيــا ان کي تسـليم نـه ڪنـدي. اوهـان پـاڻ کي معتـبر بڻـائڻ لاءِ تاريخي حقيقتن کي ٽوڙي مروڙي پنهنجي خواهشـــن جو غلام بنائي نه ٿا سگهو.

هن ڪتاب ۾ ڪافي اهڙيون تاريخي حقيقتون سامهون آنديون ويون آهن، جن ڪي ڏسندي ڪٿي خوشي وچان سر اوچو ٿي وجي ٿو، ته ڪٿي ڪنڌ شرم کان جهڪي وجي ٿو. هي ڪتاب ڪنهن به فرد، برادري، قوم يا ملڪ جي ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ نه لکيو ويو آهي، نه وري ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ ان جو مقصد آهي. هي ته فقط تاريخ جو آئينو آهي، جنهن ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي شڪل نظر ايندي.

رڪ سنڌي

07 آڪٽوبر 2024ع

باب: پهريون

مختلف دورن ۾ سنڌ جون سرحدن

سنڌ ڪروڙين سالن کان سنڌي ڳالهائيندڙن جو وطن رهيو آهي. سنڌي ڳالهائيندڙن هن خطي ۾ ڪٿان به ٻاهران لڏپلاڻ ڪري اچي رهائش اختيار نه

ڪــئي آهي. پــر هن ئي ڌرتي تي پنهنجي تــرقي ۽ تعمير جا ڌاڪا طئه ڪيـا آهن. موجـوده سـنڌ جيڪـا هن وقت تمام ننڍڙي جاگرافيائي حدن انـدر محـدود ڪئي وئي آهي، سا ماضيءَ ۾ تمام وسيع ايراضــيءُ تي ڦهليـــل هــئي. اج پاڪســتان جن جاگرافيــائي سرحدن تي قائم آهي، سنڌ جون سرحدون ان ڪـان به وڌيڪ وسيع ايراضي ۾ پکڙيل هيـون. اسـان هيٺ مختلـف دورن ۾ سـنڌ جي تـاريخي سـرحدن بـابت ثبوت پيش ڪري اهو واضح ڪنداسـين تـه موجـوده بلوچسـتان سـنڌ جي سـرزمين تي قـائم ٿيـل صـوبو آهي. بلوچستان جا علائقا ماضـيءَ ۾ سـنڌ جـا حصـا رهيـــا آهن. بلوچســتان جـــا ســبي، ڪڇي، قلات، لـورالائي، مڪـران، لس ٻيلـو ۽ سـمورو سـامونڊي ڪنارو هزارين سالن تائين قديم سـنڌ جي سياسـي، سماجي تهذيبي، تمـدني ۽ اقتصـادي اثـر هيٺ رهيـا آهن.(1)

سنڌو سڀيتا واري دور ۾ سنڌ جون سرحدون

اڄ ڪـان هـزارين سـال اڳ سـنڌ انـدر جيڪـا تهــذيب اُســري، اهــا جاگرافيــائي طــور تي مــڙني ايشيائي تهذيبن ڪان وسيع ايراضيءَ ۾ اٽڪـل 5 لـک چورس ميلن تائين پکڙيـل هـئي. ان جـو ڦهلاءُ روس جي سرحدن تائين وڃي پهتـو هـو. سـنڌو سـڀيتا جـو علائقو پکيڙ ۾ بابل ڪان چؤڻو ۽ مصر ڪـان ٻيڻـو هـو. ســنڌو ســڀيتا جي ايراضــيءَ ۾ موجــوده ســمورو پاڪستان يعني موجوده پنجاب، موجوده بلوچسـتان، موجـــوده خيـــبرپختون خواهـــه ۽ موجـــوده ســـنڌ، هندســتاني پنجــاب، اولهــه يــو پي، هريانــا، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مهاراشٽر ۽ افغانستان جو ڪجهه

حصو شـامل هئـا. ان وقت سـنڌو رياسـت امڪـاني پنجن صوبن ورهايل هوندي هئي. جنهن جو مرڪز موهن جو دڙو هوندو هو موجـوده سـنڌ، مرڪـزي صـوبو هونـدو هـو. هڪ صـوبو، موجـوده بلوچسـتان هوندو هو، جيڪو اولهائون صوبو سڏبو هو ان جــو گاديءَ جو هنڌ يا مرڪزي شهر دمب سادات هو. اتر وارو صوبو موجوده پاڪستاني پنجاب ڪجهه خيبر پختـون خواهـه صـوبي جي حصـن تي مشـتمل هـو. جنهن جو مرڪزي شهر هڙاپا هـو. اوڀـر وارو صـوبو ڀارتي پنجاب ڪجهـه ڀـر وارن حصـن تي مشـتمل هوندو هو، جنهن جو مرڪزي شهر ڪـالي بنگن هـو. جڏهن ته ڏکڻ وارو صـوبو ڪڇ، ڪاٺيـاواڙ گجـرات جي حصن تي مشتمل هو. جنهن جو مرڪـزي شـهر لوٿل هو. (2)

راءِ گهراڻي جي دور سنڌ جون سرحدون

جنهن وقت سنڌ تي راءِ خاندان جي حڪـومت (450ع کـــان 642ع) هـــئي، ان وقت موجـــوده بلوچستان جـو علائقـو سـنڌ جي سـرحدن شـامل هيـو. يعـني اهـو خطـو سـنڌ وطن جـو حصـو هيـو. راءِ خانـدان جي دور سـنڌ جـون سـرحدون گهـٽي يــاگي موجـوده پاڪسـتان جي حــدن تــائين پکڙيــل هيـون. راجــا راءِ سـهارس (ٻيـون) جي حڪمـراني واري دور ســنڌ چئن يــونٽن (صــوبن) ورهايــل هئي. هر يونٽ مٿان هڪ گورنر مقرر ٿيل هوندو هو. (3) اهي يونٽ ڪجهه هن طرح هيا: ڏکڻ وارو يونٽ سمنڊ جي حدن کان شروع ٿيـو ٿي. جنهن نـيرون ديبل بندر جا علائقا شامل هيا. ان يونٽ جو گـادي وارو شهر برهمڻ آباد هيو. مرڪـزي يـونٽ مڪـران جي سامونڊي علائقي کان شروع ٿي ٿيو. جنهن جــو

مرڪـــزي شـــهر يعـــني گـــادي وار هنـــڌ سيوســـتان (موجوده سيوهڻ) هيو. ٽيون اولهـه وارو يـونٽ وڏي ايراضـي تي مشـتمل هيـو، جنهن ۾ پاٽيـا، ڇڇپـور، ڏهرپـور يعـني موجـوده سـنڌ جي اولهـه وارا علائقـا شامل هيا. جنهن جو گادي وارو شهر اسڪالندا هيو. جڏهن ته اتر وارو يونٽ ڪشمير تائين واري علائقي تي مشتمل هيو، جنهن جـو گـادي وارو شـهر ملتـان هيـو. (4) راجـا راءِ سـهارس ٻيـون سـنڌ تي 626ع تـائين حڪـومت ڪـئي. چچ نـامي مـوجب سـهارس ٻيون جي حڪومت جون الهنـدي واريـون سـرحدون ڪُرد جبلن ۾ قيقانان (قلات ۾ مڪران) تائين وسـيع هيون. يعني ان دور ۾ نه فقـط موجـوده پاڪسـتاني بلوچستان پر ايران جا به علائقا شامل هيا. (5)

برهمڻ دور ۾ سنڌ جو سرحدون

سـنڌ ۾ راءِ گهـراڻي جي بادشـاهي ختم ٿيڻ ڪـان پـوءِ بـرهمڻن جي حڪـومت (642ع-712ع) شروع ٿي. برهمڻ گهراڻي جي پهرين راجا چچ سـنڌ جي سرحدن کي مستحڪم ڪيـو. راجـا چچ جي دور ۾ سنڌ جي سرحدن ۾ سمورو موجـوده بلوچسـتان، ايران جا علائقا چابهـار بندرگاهـه ۾ ڪرمـان شـامل هئا. چچنـامي مـوجب راجـا چچ ڪرمـان (ايـران) ۾ پنهنجي سلطنت ۽ دمشـق جي اسـلامي خليفي جي وچ ۾ سرحدن کي چٽو ڪرڻ لاءِ وڻ پوکرايـا هـا. ان وقت ايران تي عرب والار ڪري چڪا هئا.

رحيمداد خان مولائي شيدائي، "سنڌ ۾ رهنـدڙ بلوچ قبيلا" ۾ لکي ٿو ته، "چچ نامي مـان خـبر پـوي ٿي ته برهمڻ راجائن جي زماني ۾ هن ملڪ (سـنڌ) جون حدون اتر ۾ درياهه جهلم کان شروع ٿي ٿيون، ڪشمير جـا هيٺيـان ضـلعا بـه ان ۾ شـامل هئـا. اتـر

اولهندي □ درياهه هيلمند ان جي حدبندي ڪندو هــو. ڏکڻ الهندي □ ايران □ سنڌ جي سرحد نــور منشــور (ڪرمــان) تــائين هــئي. ڏکڻ □ عــربي ســمنڊ، ڏکڻ اڀرندي ڪڇ جي نار □ اڀرندي واري سرحد راجپوتانــا □ جيســـلمير جي ريگســـتان □ هڪ گمنـــامي واري حالت □ هــئي.” (6) بــرهمڻ گهــراڻي جي حڪــومت دوران به ســنڌ وســيع ايراضــيءَ □ پکڙيــل هــئي. نــه فقط موجوده بلوچستان پر ايران جا علائقا بــه ســنڌ وطن □ شامل هيا.

عرب دور □ سنڌ جون سرحدون

محمد بن قاسم جي ســــــــنڌ تي فتح واري عرصي يعني 712ع تائين، سبي □ ڪڇي جــا علائقــا سنڌ حڪومت جي سرحدن □ شامل هئــا. ســنڌ جــو عباســي گــورنر هشــام بن عمــر تغلــبيءَ گنــداوا تي چڙهائي ڪــري اتي جي حــاڪم کي هٽــائي، اتي جــو انتظـــام درســـت ڪيـــو □ ســـچو ملڪ (ســـنڌ) منصــوره حڪــومت جي هٿ هيٺ رکيــائين. جهــڙي طرح راءِ خاندان جي دور □ سنڌ جي پکيڙ □ وسعت لکين ميلن تي پکڙيل هئي □ بــرهمڻن جي دور □ بــه اهي حدون برقرار رهيــون. ملتــان، قنــڌار، مڪــران، ڪڇ، لس ٻيلو □ ڪاٺياواڙ – تائين ســنڌ جي حــاڪمن جــو حڪم هلنــدو هــو. عــربن جي ابتــدائي دور □ بــه سنڌ جون ساڳيون سرحدون برقرار رهيون. (7)

سومرن جي دور □ سنڌ جون سرحدون

سنڌ □ سومرا راڄ (1011ع-1351ع) تاريخ □ وڏي اهميت رکي ٿو. عربن جي ٽن صــدين جي غــير سنڌي راڄ ڪانپوءِ، سومرن جي صــورت □ ســنڌ کي

پنهنجـــو ديسي راڄ مليـــو هـــو، جنهن دور جـــا سنڌي سماج، زبان، ادب ثقافت تي گهـرا اثـر پيـا هئا. سنڌ جي ناميارِي محقـق ايم ايڇ پنهـور مـوجب سنڌ جي تاريخ سومرن جو دور ان کـري بـه اهم آهي، جو هن گهراڻي سـنڌ تي 340 سـال حڪـومت ڪئي. ايترو وقت سڄي دنيـا ڪـو راڄ گهراڻـو نـه هيو. (8)

سـومرا سـنڌ جـا ڏيهي حـاڪم هيـا. ڪجهـه تاريخـدانن سـومرن جـو حسـب نسـب عـربن سـان ملائڻ جي ڪوشـش ڪـئي. ان عمـل پويـان فقـط مـذهب جـو جـذبو قـابض عـرب حڪمـرانن سـان لاڳاپـا جـوڙڻ جي هڪ ناڪـام ڪوشـش هـئي. پـر تـاريخي شـاهدين ذريعي اهـا ڳالهـه ثـابت ٿي تـه سومرن کي عرب قـرار ڏيڻ غلـط هيـو. هـو صـدين کان هن ڌرتي جا فرزند رهيـا آهن. هي قـبيلو اصـل سنڌ جو آهي ان جي هندو راجپوت هجڻ ڪو به شڪ نـه هئڻ ڪـپي. ڪڇ، گجـرات راجسـٿان اڄ به سومرا آبـاد آهن اهي هنـدو آهن. ان پسـمنظر حقيقت وڌيڪ صاف ٿي سامهون اچي بيـٺي آهي، ته سومرا عرب نه، پر مقامي راجپوت نسل جا هئا. (9)

سـومرن جي دور سـنڌ سـبي اُڇ تـائين هـئي. سـنڌ جي پرڳڻـا سـاڳيا اهي ئي هئـا، جيڪي 641ع چچ سرڪار جي وقت هيا. جيتوڻيڪ ڪڇ سولنڪين، مڪـران معـاذن ملتـان قريشـي شـيخ دائـود والاري ورتـو هـو. ان تي وري غزنـوي چـڙهت ڪري ويا هئا. (10)

سومرن جي دور بلوچسـتان جـا تمـام گهڻـا علائقـا سـنڌ جي سـرحدن شـامل هيـا. (11) ان بـابت ناميـارو تاريخـدان ايم ايڇ پنهـور لکي ٿـو تـه،

“سومرن جي سـبي – ڪڇي جي پٽن تي بـولان لڪ تـائين حـاڪميت هـئي. سـبي وهليڪن (وليڪن) جي دور (چوٿين صدي عيسوي) ڪان وٺي بلڪـه ان ڪـان به اڳي سنڌ جو حصـو هـئي. سـبي اڳـتي هلي سـنڌ جي بڪـر سـرڪار جـو حصـو ٿي ۾ 1740ع ۾ نـادر شاهه سنڌ مان چني خان آف قلات کي ڏئي ڇڏي. (12) جنهن کي بعـــد ۾ ڏيهي حڪمـــرانن پنهنجي سرحدن ۾ شامل ڪيو.

سمن جي دور ۾ سنڌ جون سرحدون

سما سنڌ جا مقامي باشـندا هئـا. سـمن سـنڌ تي 1351ع ڪـــان 1520ع تـــائين 169 ســـال حڪومت ڪئي. سـما اصـل ۾ قـديم سـنڌي علائقي ڪڇ جـا رهـاڪو (سـماٽ) هئـا. هنن اقتـدار حاصـل ڪرڻ بعد پاڻ کي ڄام جو لقب ڏنو.

سمن جي دؤر ۾ سـنڌ جـون سـرحدون اتر ۾ سبيءَ تائين هيون. اهو سڄو علائقـو سـنڌ حڪـومت ۾ شـامل هونـدو هـو. ڄـام ننـدي جي حڪـومت ((914هـه/ 1508ع) تـائين سـبيءَ وارو علائقـو سـنڌ سـان شـامل هـو. (13) تاريخـدانن مـوجب سـمن جي حڪومت ۾ سنڌ جي ملڪي سرحدن ۾ وسـعت آئي. موجوده سنڌ سـميت ٿـر، اُڇ، سـبي، لس ٻيلـو سنڌ ۾ شامل رهيـا ۾ سـمن جي حـاڪمن جي هـتي مضبوط حڪومت قـائم رهي. ڄـام ننـدي جي دور ۾ سـمن جي سـلطنت پنهنجي وسـعت جي انتهـا کي پهـتي. ٿـر جـو خطـو، اڇ، سـبي ۾ لس ٻيلـو سـنڌ ۾ شامل هئـا. گمـان غـالب آهي تـه ڄـام سـڪندر اول جي دور ۾ اڇ ۾ پـــتي واهڻ (پٽـــا واهڻ) ســـنڌ جي قبضـي ۾ آيـا. ڄـام سـنجر پڻ ملڪي سـرحدن کي مستحڪم رکيو. (14)

ســـمن جي دور لســـپيلي ســـنڌين جي حاڪميت پيهـر سـگهه حاصـل ڪـرڻ لڳي. ناميـاري تاريخدان پروفيسر غلام محمد لاکي مـوجب، “سـنڌ ســمن جي حڪمـــراني قـــائم ٿيڻ بعـــد لس جي سنڌي قبيلن سک جو ساهه کنيو سياسـي طـور تي کين اسـرڻ جـو موقعـو ملي ويـو. سـنڌ جي سـمن گهـٽي انـداز وچي لس کي وسـايو، جنهن ڪـري خاص سـنڌ جـو تمـدن لس ٻيلي رائج ٿي ويـو. ان دور هـتي “رونجهـا” قـبيلي جي حڪمـراني هـئي. رونجهن جــو تعلــق سـنڌ جي سـمات قــبيلن ســان آهي.” ڪاڪي ڀيرومل جي تحقيـق مـوجب رونجهـا، ڄام انڙ جي خاندان مان هئا. انهن مـان هڪ حـاڪم ”سٻڙ“ يا “سپڙ“ جي نالي سان ٿيو، جيڪو سـخاوت پنهنجو مٽ پاڻ هــو. رونجهن تـيرهين صـديءَ جي وچ ڌاري پنهنجي حڪـومت قـائم ڪـئي سـترهين صـديءَ جي آخـري اڌ ختم ٿي. رونجهن ڪـان پـوءِ ”گونگا“ حڪومت آيا. بعـد سـمن جي “بـرفت” قبيلي هتي حڪومت ڪئي. (15)

ارغون، ترخان مغل دور سنڌ جون سرحدون

سنڌ سما گهراڻي جي ڏيهي حڪـومت ختم ٿيڻ بعـد ارغـونن، ترخـانن مغلن جـو دور شـروع ٿيو. ان وقت به بلوچستان جا ڪيترائي علائقا ســنڌ جي سرحدن اندر شامل رهيا. جتي پـرڏيهي قـابض حڪمرانن پنهنجا گورنر مقرر ڪيا. ڌاريا حڪمـــرانن به سنڌ جي تـاريخي وحـدت کي نقصـان رسـائڻ ڪامياب نـه ٿيـا. ناميـاري ٻـولي مـاهر ڊاڪـٽر غلام

علي الانا موجب، “1470ع ۾ هـرات جي سـلطان، حسين مرزا پنهنجيءَ حڪومت جون حـدون ڪوئيٽـا تـائين وڌايـون ۽ پشـين ۾ سـبيءَ وارا علائقـا امـير شجاع الدين ذوالنون ارغون جي حـوالي ڪيـائين. (16) امير ذوالنـون جي مـرڻ کـان پـوءِ شـاهه بيـگ ارغون، حڪـومت جـون واڳـون سـنڀاليون. هن جي ڏينهن ۾ محمد خان شـيبانيءَ خراسـان جي حـاڪم قنڌار تي حملـو ڪـرڻ جـو ارادو ڪيـو. شـاهه بيـگ محمد خان شيبانيءَ ڏانهن پنهنجـا ايلچي موڪليـا ۽ اطاعت جو اظهـار ڪيـائين. محمـد خـان انهيءَ تي راضي ٿي واپس موٽي ويو. ان کان پوءِ هڪ پاسـي شاهه اسماعيل صـفوي ثـاني، تـه ٻـئي پاسـي بـابر بادشاهه زور هئا. شاهه بيگ کي اچي خـوف ورايـو. انهيءَ ڪـــري 917هـــه (1517-18ع) ۾ ســيويءَ (سبي) تي حملو ڪيـائين. هـو جـڏهن سـيويءَ جي ٻاهران پهتو، تـڏهن قلعي کي گهـيرو ڪيـائين. انهن ڏينهن ۾ سـيويءَ تي سـلطان پـيرولي بـرلاس جي اولاد جو قبضو هو، ۽ ٽي هزار بلوچ جوان قلعي جـا نگران هئا. هن حملي ۾ شاهه بيـگ کي فتح نصـيب ٿي. (17)

شاهه بيگ اتي مرزا عيسيٰ ترخان کي مقـرر ڪري پاڻ قنڌار موٽي ويو. (18) 924هه (1518ع) جي آخـر ڌاري شـاهه بيـگ ارغـون سـنڌ تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. سـلطان علي ارغـون ۽ زيبڪ ترخان کي سبيءَ (سـيويءَ) جي قلعي تي محافـظ مقرر ڪري، ٽي هـزار سـوار سـاڻ ڪـري سـنڌ تي ڪاهي آيـو(19)، پـر ڪاميـاب ڪونـه ٿيـو. هن ٻيهـر حملـو ڪيـو. آخـر 11 محـرم 927هـه (1520) تي شاهه بيگ ٺٽي ۾ فاتح جي حيثيت ۾ داخل ٿيو.

22 شعبان، سن 928هه (1522ع) ۾ شـاهه بيگ ارغـون وفـات ڪـئي، سـندس مـرڻ کـان پـوءِ

سندس پٽ مرزا شاهه حسن ارغون حڪومت جون واڳون سنڀاليون. هن 1523ع مير افضل ڪوڪلتاش جي فرزند کي سبيءَ تي پنهنجو نواب مقرر ڪري موڪليو. (20) اهڙيءَ طرح ارغونن کان پوءِ ترخان گهراڻي جي حڪومت تائين يعني مرزا جاني بيگ جي راڄ تائين، سبيءَ وارو خطو سنڌ جي حڪومت هيٺ رهيو.

جڏهن مغل فوجن، اڪبر بادشاهه جي ڏينهن ، مرزا جاني بيگ کي شڪست ڏيئي، سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن بکر جي سرڪار وارو سڄو علائقو، ملتان صوبي سان ملايو ويو، سبيءَ جو انتطام بکر سرڪار جي حوالي ڪيو ويو. اتي مغل فوج جا 1500 گهوڙي سوار 1500 پيادا سپاهي رکيا ويا.” (21)(22) اهڙي طرح پرڏيهي حڪمرانن جي قبضي دوران به بلوچستان جا ڪافي علائقا سنڌ جي سرحدن شامل رهيا.

<u>ڪلهوڙا دور سنڌ جون سرحدون</u>

سنڌ تي مغلن جي قبضي جي خاتمي کان پوءِ ڏيهي قبيلي ڪلهوڙن جي حڪومت جو بنياد پيو. سندن حڪومت 1701ع کان 1783ع تائين قائم رهي. ڪلهوڙا سنڌ جا مقامي حڪمران هيا. جن سنڌ تي 82 سال حڪمراني ڪئي. ڪلهوڙا دور جو پهريون بادشاهه ميان يار محمد ڪلهوڙو هيو. جنهن دادو ضلعي خدا آباد شهر کي پنهنجي گادي جو هنڌ بڻايو. جڏهن ته 1768ع ڪلهوڙن پنهنجي گادي جو شهر حيدرآباد کي بڻايو. ڪلهوڙن جي دور سنڌ جون سرحدون گجرات جي ڪڇ واري علائقي تائين وسيع هيون. ميان يارمحمد ڪلهوڙي

پنهنجي دؤر ۾ سبيءَ ۾ ڪڇيءَ وارا علائقا به سنڌ ۾ پيهر شامل ڪيا.

جنهن وقت يار محمد ڪلهوڙي وفات ڪئي، ان وقت مغل دور جي سموري بکر ڊويزن، سيوهڻ ۾ سبي، ڍاڍر ۾ گنجابي تائين وارا سڀ علائقا ڪلهوڙن جي حاڪميت هيٺ هئا. جڏهن ته ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي حاڪم ٿيڻ وقت، سبيءَ ۾ ڪڇيءَ وارا علائقا سنڌ جي حدن ۾ شامل هئا. ميان نورمحمد اتي پنهنجو نائب مقرر ڪيو. ميان نورمحمد سنڌ جي سرحدي پرڳڻي، چانڊڪا جو تخت گاهه لاڙڪاڻي کي بنايو، اتي ڪچو قلعو پڻ اڏايائين ۾ مٿس توپون رکائي، ڏهه هزار لشڪر شاهه بهاري جهنجهڻ جي نگرانيءَ هيٺ مقرر ڪيائين. جڏهن ميان صاحب وفات ڪئي، تڏهن وصيت نامي ۾ ڪڇيءَ وارو علائقو پنهنجي پٽ ميان محمد مراداياب خان کي ڏنو هئائين. ڪلهوڙا دور جو آخري حڪمران عبدالنبي ڪلهوڙو هو. ٽالپرن 1783ع ۾ سندن حڪومت جو خاتمو آندو. ڪلهوڙن جي حڪمراني واري دور ۾ به بلوچستان جا ڪڇي، سبي، ڍاڍر ۾ پيا عائقا سنڌ جي سرحدن ۾ شامل رهيا.

ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ جون سرحدون

سنڌ ۾ ڪلهوڙا دور جي پڄاڻي بعد ٽالپرن جي حڪمراني شروع ٿي. ٽالپر ڪلهوڙن جي دور ۾ سندن فوج ۾ اهم عهدن تي مقرر هوندا هئا. ٽالپرن پنهنجي دؤر حڪومت (1783ع- 1843ع) ۾ سنڌ کي انتظامي طور ٽن حصن ۾ ورهايو ويو. جن ۾ خيرپور، حيدرآباد ۾ ميرپورخاص رياست شامل هئا. (23) سندن دور ۾ سبيءَ ۾ ڪڇيءَ وارا علائقا

خيرپور وارن ٽالپرن جي حڪـومت جـو حصـو رهيـا. حيدرآباد واري مير مـراد علي خـان جي وفـات کـان پــــوءِ، خـــــيرپور جي مـــــير رســــتم خــــان، پنهنجي رياست پنهنجن پٽن □ ورهــــائي. ان وقت خيرپور رياست جـون حـدون اتر □ سـبزل ڪـوٽ □ ڪشمور تائين، اڀرندي طرف ٿر □ جيسـلمير تـائين، الهنــدي ڏي ڪڇي □ گنــڊاوا تــائين □ ڏکڻ طــرف نوشهري تائين هيون. مير سهراب خـان، افغـانن جـا ڪي پرڳڻا پڻ هٿ ڪيـا، جن ڪي مغلي سـڏيندا هئـا. هن حاڪم بلوچن جا به ڪي پرڳڻا هٿ ڪيا، جن ڪي ’بـڙديڪ‘ چونـدا هئـا. مـير سـهراب خـان 1830ع □ وفات ڪئي، سندس وصيت موجب سندس رياســت خيرپور ڪي سندس ٻن پٽن مـير رسـتم خـان □ مـير علي مـراد خـان □ سـندس ٽن پـائٽين مـير محمـد حسن خــــان بن مــــير رســــتم خــــان، مــــير محمد خــان بن مــير غلام حيــدر خــان □ مــير نصير بن مير مبارڪ خان جي وچ □ ورهائي ڏنو ويو. هن سموري صـورتحال مـان اهـو ثـابت ٿـئي ٿـو تـه سبيءَ □ ڪڇيءَ جا علائقـا قـديم زمـاني کـان سـنڌ جي حڪـومت جـو حصـو رهيـا آهن، تنهنڪـري انهن علائقن □ سنڌي زبان ڪي نه فقط وڌڻ □ ويجهڻ جو وجهـه مليـو، پـر انهن خطن □ سـنڌي زبـان مـادري زبـان طـور پڻ ڳالهـائجڻ لڳي .انگريـزن 1843ع □ ميرن جي حڪومت جو خاتمو آندو.

انگريزن جي دور □ سنڌ جون سرحدون

انگريزن 1843ع □ ٽالپر حڪمرانن کي اقتدار کان الڳ ڪـري سـنڌ تي قبضـو ڪيـو. انگريـزن جي برصغير تي قبضي کـان اڳ موجـوده پاڪسـتان جي سرحدن اندر بلوچستان جي نالي سان ڪوبه صوبو،

ملڪ يا خطو موجود نه هيو. انگريزن برصغير تي قبضي بعد ڪجهه بلوچي ڳالهائيندڙ علائقن کي برٽش بلوچستان جو نالو ڏنو. اهڙي طرح پهريون ڀيرو بلوچستان جو نالو ڪنهن خطي جي نالي طور انگريزن طرفان استعمال ڪيو ويو. جڏهن ته قلات رياست بروهي ڳالهائيندڙن جي هئي. ٻئي طرف لسٻيلو سنڌي ڳالهائيندڙن جي رياست هئي. جڏهن انگريزن برصغير تان قبضو ختم ڪيو ته ان وقت يعني 1947ع ۾ موجوده بلوچستان وارو علائقو 5 حصن ۾ ورهايل هيو. جن ۾ 4 شاهي رياستون قلات، خاران، مڪران ۽ لسٻيلو هيا، جڏهن ته هڪ برٽش انڊيا جو علائقو برٽش بلوچستان شامل هيو. (24)

پاڪستان بعد سنڌ جا علائقا بلوچستان حوالي

پاڪستان ٺهڻ (1947ع) کان پوءِ برٽش بلوچستان جي ڪوئيٽا ميونسپل ڪاميٽي ۽ شاهي جرڳي جي ميمبرن پاڪستان ۾ شموليت جو فيصلو ڪيو. جڏهن ته اڳتي هلي 21 مارچ 1948ع تي لسٻيلي، خاران ۽ مڪران جي رياستن به پاڪستان سان الحاق ڪري ورتو.(25) جڏهن ته قلات رياست سڀ کان آخر يعني 1948ع ۾ پاڪستان سان الحاق جو فيصلو ڪيو. خان آف قلات مير احمد يار خان جي ان فيصلي خلاف سندس ننڍي ڀاءُ شهزاده مير عبدالڪريم پاڪستاني رياست سان ويڙهه جو رستو اختيار ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ قلات کي هڪ فوجي آپريشن کي منهن ڏيڻو پيو. جنهن بعد برٽش بلوچستان واري علائقي کي "بلوچستان" جو نالو ڏنو ويو. ٻئي طرف قلات، خاران، مڪران ۽ لسٻيلو

رياستن کي هڪ ايڪو بڻائي بلوچستان اسٽيٽس يونين جو نالو ڏنو ويو. اولهه پاڪستان کي 1955ع ۾ ون يونٽ (هڪ صوبو) قرار ڏئي ملڪ جي اولهه واري حصي جي صوبن ۽ رياستن جو مڪمل خاتمو آندو ويو. ون يونٽ ٽهڻ تي لس ٻيلو ضلعي جي شڪل ۾ ڪراچي ڊويزن سان ملايو ويو. ڊاڪٽر غلام علي الانا موجب، “انگريزي جي راڄ ۾ ۽ ون يونٽ ٽهڻ (1955ع) تائين لس ٻيلي کي هڪ الڳ رياست جي حيثيت حاصل هئي، ۽ سياسي طور سندس حيثيت الڳ هئي، پر انهيءَ هوندي به اتي جي مادري زبان سنڌي رهي، ۽ ٻي ڪا به زبان ان تي اثر ڪري نه سگهي. جيتوڻيڪ اسڪولن ۾ اردو زبان کي ذريعه تعليم طور رائج ڪيو ويو پر عام ماڻهن ۽ عوام جي روزانه استعمال جي ٻولي سنڌي رهي.” (26)

جڏهن 1969ع ۾ ون يونٽ کي ٽوڙيو ويو ۽ سنڌ، پنجاب ۽ سرحد صوبا بحال ٿيا ته بلوچستان جي اڳوڻين رياستن ۽ ڊويزنن کي به هڪ ٻئي ۾ ضم ڪري بلوچستان صوبي جو نالو ڏنو ويو. اهڙي طرح 1970ع ۾ بلوچستان جي موجوده علائقي “بلوچستان” جي نالي سان سڃاڻپ حاصل ڪئي. اصل ۾ جڏهن بلوچستان صوبو جوڙيو ويو ته ان وقت اصولن قلات کي ٻولي جي بنياد تي الڳ بروهي صوبو قرار ڏيڻ گهرجي ها ۽ لس ٻيلي کي سنڌ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ها. ڇاڪاڻ ته لسٻيلو سنڌي ڳالهائيندڙن جي رياست هئي. ساڳي طرح نصيرآباد ضلعو، سبي، ڊيرا مراد جمالي به سنڌ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ها، جتي سنڌي ڳالهائيندڙ اڪثريت ۾ آهن. پر ايئن ڪرڻ بدران هڪ سازش هيٺ سنڌ جا ڪجهه علائقا بلوچستان صوبي ۾ شامل ڪيا ويا. پاڪستان جي مرڪزي حڪومت

سنڌ جا ڪافي علائقا سنڌ مان ڪڍي بلوچستان □ شامل ڪري ڇڏيا. جن □ جهت پٽ، نصيرآباد، تعلقو اوستو، جعفرآباد، جهل مگسي، ڊيرا الهيار، مراد جمالي، لسٻيلو وغيره شامل آهن. لسٻيلو ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پهرين سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي جو حصو هئو. جڏهن ون يونٽ ڪي ختم ڪيو ويو، تڏهن لسٻيلي ڪي واپس سنڌ جي شهر ڪراچيءَ □ شامل ڪرڻ جي بدران بلوچستان □ شامل ڪيو ويو.

هن سموري بحث دوران تاريخي ثبوتن □ حوالن سان ثابت ڪيو ويو آهي ته موجوده بلوچستان سنڌو ماٿري جي تهذيب واري دور کان سنڌ جو حصو رهيو آهي. راءِ گهراڻي، برهمڻ دور □ عربن جي قبضي دوارن به موجوده بلوچستان جا علائقا سنڌ جي سرحدن □ شامل رهيا آهن. جڏهن ته سومرن جي حڪمراني، سمن جي دور، ان بعد ارغونن، ترخانن □ مغلن جي قبضي دوران به سنڌ جون سرحدون لڳ ڀڳ ساڳيون رهيون آهن، جيڪي راجا راءِ سيهرس جي دور □ هيون يا وري برهمڻ حڪمرانن راجا چچ □ راجا ڏاهر جي حڪمراني دوران هيون. ساڳي طرح ڪلهوڙن جي حڪمراني واري دور □ تالپر ميرن جي صاحبي دوران به بلوچستان جا لڳ ڀڳ سمورا علائقا سنڌ جي سرحدن □ شامل هيا. ڪجهه علائقن □ مقرر ٿيل گورنر يا مقامي حاڪم به سنڌ حڪومت جي ماتحت هيا. سنڌ □ ميرن جي حڪومت جي خاتمي تائين هن خطي □ ڪوبه صوبو، رياست يا ڪو ملڪ “بلوچستان” جي نالي سان سڃاتو نه ويندو هو □ نه وري دنيا جي نقشي تي موجود هيو.

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

(1) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979ع ص: 72

(2) سنڌي، رک، سنڌو سڀيتا جي اوسر، حيدرآباد، 2024ع ص: 28، 29

(3) Siddiqi, Iqtidar Husain (2013). “Chachnama and its Significance”. Indo-Persian Historiography Up to the Thirteenth Century. Primus Books.P. 31

(4) Siddiqi, Iqtidar Husain (2013). “Chachnama and its Significance”. Indo-Persian Historiography Up to the Thirteenth Century. Primus Books.P. 31

(5) سنڌي، رک، سنڌ جي تاريخ جو پوسٽ مارٽم، حيدرآباد، آن لائن

(6) شيدائي، رحيمداد خان مولائي، سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2020ع ص: 8

(7) لاکو، غلام محمد، سمن جي سلطنت، سمن جي دور جو عام جائزو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1987ع، ص: 56-57

(8) پنهور، ايم. ايڇ، تصوير سنڌ، 2006ع، ڪراچي، ص: 21

(9) پنهور، ايم. ايڇ، تصوير سنڌ، 2006ع، ڪراچي، ص: 23

(10) پنهور، ايم. ايڇ، تصوير سنڌ، 2006ع، ڪراچي، ص: 133

(11) بيولر، آر. ايڇ. هيوگز، ”امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا“ واليوم 1، بلوچستان سيريز ڪلڪتا، 1908ع، ص 165

(12) پنهور، ايم. ايڇ، تصوير سنڌ، 2006ع، ڪراچي، ص: 89

(13) لاکو، غلام محمد، سمن جي سلطنت، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1987ع ص: 60-62

(14) خان، خداداد، ”لب تاريخ سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1959ع، ص 65

(15) لاکو، غلام محمد، سمن جي سلطنت، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2005ع ص: 111-114

(16) مهر، غلام رسول، تاريخ ڪلهوڙا (اردو)، جلد اول، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 393.

(17) ٺٽوي، سيد مير محمد بن سيد جلال، ترخان نامه، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1965ع ص 14.

(18) بکري، مير معصوم، تاريخ معصومي، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع ص 125.

(19) ٺٽوي، سيد مير محمد بن سيد جلال، ترخان نامه، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، 1965ع ص 14.

(20) قدوسي، اعجاز الحق، تاريخ سندهه جلد دوم، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1974ع ص 412
پڻ ڏسو: يوسف ميرک مير ابوالقاسم بکري: تاريخ مظهر شاهجهاني، ص 24.

(21) قدوسي، اعجاز الحق، تاريخ سندهه جلد دوم، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1974ع ص 412.

(22) الانـــا غلام علي، ســـنڌي ٻـــولي جي لســـاني جاگرافي، ڄامشورو، 1979ع ، ص: 75-77
(23) شيدائي، رحيم دادا خـان مـولائي، ٽـالپرن جي مختصر تاريخ، 2005ع، ص: 27-28
(24) Hasnat, Syed Farooq (2011). Global Security Watch–Pakistan. Praeger. ISBN 978-0-313-34697-2.
(25) Siddiqi, Farhan Hanif (2012), The Politics of Ethnicity in Pakistan: The Baloch, Sindhi and Mohajir Ethnic Movements, Routledge, p. 60
(26) الانا غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 95

باب ٻيو

بلوچن جو اصل وطن

بلوچ اصل ڪهڙي ملڪ جا ۽ ڪير آهن؟ ان بابت تاريخدانن ۾ اختلاف موجود آهن. بلوچن جي اصل نسل بابت مختلف رايا گردش هيٺ آهن. بلوچ پاڻ کي عرب نسل جو قرار ڏيندا آهن. جڏهن ته اڪثر تاريخدانن جو خيال آهي ته هو اصل ايران جا آهن. ڪامران اعظم سوهدروي لکي ٿو ته، “هي قوم قديم دور ۾ عربستان ۾ ڪربلا، دجله، فرات جي گودي ۾ حلب جي مرغزارن ۾ ۽ ايراني سرحد سان گڏوگڏ آباد هئي. ... هڪ روايت مطابق جڏهن بلوچ حلب مان لڏپلاڻ ڪري ڪرمان ۾ آيا ته 44 فرقا هئا پر سڀ ڪان وڏو سردار اعلمش رومي هو.” (1)

جڏهن ته پيڪولين لکي ٿو ته، “اڪثر بلوچ پنهنجو پاڻ کي عربن جو اولاد سمجهن ٿا ۽ حلب (شام) کي پنهنجو پهريون وطن چون ٿا. انهي طرح سان حلب بلوچن جو پيدائشي وطن آهي.” (2) بلوچ تاريخدان احمد يار بلوچ بلوچن جو قديم وطن “حلب” کي قرار ڏئي ٿو. سندس چوڻ آهي ته “بلوچن حلب ۽ شام مان بين خطن ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي.” (3) جڏهن ته محقق صادق علي بلوچ لکي ٿو ته، “زابلستان بلوچن جو قديم وطن آهي.” (4) موسيٰ خان جلال زئي لکي ٿو ته، “تاريخ بلوچستان مان هي ڳالهه واضح ٿي ته جڏهن بلوچ قوم ڪرمان مان مڪران جي طرف مهاجر ٿي ته ان وقت انهن جو سردار جلال خان هو.” (5)

ٻئي طرف انگريز ليکڪ رچرڊ برٽن لکي ٿو ته، “پاٿنجر ۽ پوسٽن جي قطعي فيصلو آهي ته هي ماڻهو (بلوچ) يهودين جي نسل مان آهن. پاٿنجر انهيءَ ڳالهه مان متاثر ٿيو ته هنن ٻنهي قومن (بلوچن ۽ يهودين) جا رواج ۽ رسمون هڪ جهڙيون آهن.” (6) پر خود رچرڊ برٽن بلوچن کي يهودي

نسل جو قرار ڏيڻ سان اختلاف ڪندي لکي ٿو ته، “هنن ماڻهن (بلوچن) ڪي يهودين ڏي ڇڪڻ منهنجي خيال ۾ صحيح ناهي. خود بلوچن جي دعوى آهي ته هو عربن جي نسل مان آهن. هو خاطري سان چوندا آهن، ته اسان جو وطن حلب هو. “برهان قاطع” ۾ ڪوچ ۽ بلوچ جي معنى لکيل آهي: جهنگلي قومون، جي مڪران جي پهاڙي حدن اندر رهن ٿيون ۽ حجاز جي عربن جو اولاد آهن... پر باريڪ نظر ڪبي ته بلوچن جي عرب هجڻ تي وڏو اعتراض هي نظر ايندو ته، بلوچن ڪي پنهنجي اصلوڪي زبان جو هڪ لفظ به ياد ناهي ۽ هو قديم ۾ شايد ايراني طرز جي زبان ڳالهائين ٿا. ” (7)

ان حوالي سان روسي تاريخدان يوري گنڪوفسڪي چوي ٿو ته، “ان حقيقت جي تائيد ۾ ٺوس دليل پيش ڪري سگهجن ٿا ته بحر خضر جو ڏکڻ وارو علائقو بلوچن جي ابن ڏاڏن جو اصل وطن هيو. هي ماڻهو (بلوچ) جيڪي ٻوليون ڳالهائن ٿا، انهن ۾ ۽ پارٿي زبان ۾ ڪجهه گڏيل خاصيتون ضرور موجود آهن، پر بلوچي ٻولي ۾ ڪجهه پنهنجا مخصوص عنصر به موجود آهن. جيڪي ان ڪي پارٿي زبان کان الڳ بيهارين ٿا. اها راءِ ته بلوچي ٻوليون ميديائي (ايراني زبان) جي وڏيڪ ويجهو آهن، صحيح معلوم ٿئي ٿي.” (8) ان ڪري ان ڳالهه جا وڏيڪ ثبوت موجود آهن ته بلوچ عرب نه پر ايراني علائقن جا رهواسي هيا.

بلوچي ڳالهائيندڙ ماڻهن ڪي “بلوچ” نالو ڪڏهن مليو. يعني سندن هڪ الڳ نسل ”بلوچ” طور سڃاڻپ ڪڏهن کان ٿي؟ ان بابت به تاريخدانن ۽ اينٿروپلاجسٽس ۾ اختلاف موجود آهن. ڇاڪاڻ ته ڪيئي صديون اڳ “بلوچ” نالي ڪنهن الڳ انساني نسل جي سڃاڻپ جا ڪي به ثبوت نه ٿا ملن. ايران

جي قديم لٽريچر ۾ ان قسم جو ڪوبه نالو نه ٿو ملي. جڏهن ته اسلام کان اڳ واري ڪنهن به ڪتاب يا لکت ۾ به “بلوچ” نالي جو ذڪر نه ٿو ملي. آمريڪا جي ناميارو تاريخدان پروفيسر ڊاڪٽر جوزف ايلفنبين موجب، “بلوچ پنهنجي اصل وطن يعني ايران ۾ ان کان اڳ ڪنهن ٻئي نالي سان سڃاتا ويندا هجن. بلوچن کي “بلوچ” نالو يا ان نالي طور سڃاڻپ موجوده بلوچستان ۾ 10 صدي عيسوي ۾ اچڻ کان پوءِ ملي هجي.” (9)

جديد تحقيق ذريعي ثابت ٿيو آهي ته بلوچي ڳالهائيندڙن جو اصل وطن ايران آهي. بلوچ ۽ ڪرد ڪيپسين سمنڊ جي علائقي اتر ايران جا رهواسي آهن. (10) ماضيءَ ۾ بلوچ برادريون مال چارينڌڙ ۽ خانه بدوش يعني لاڏائو قبيلا رهيا آهن. فردوسي جي شاهنامي موجب ايراني بادشاه خسرو جي زماني ۾ بلوچ 532 ق م ڌاري ايران جي علائقي بحر خضر جي سامونڊي علائقي ۾ رهندا هئا. جيڪي ايراني بادشاهن لاءِ فوجي خدمتون سرانجام ڏيندا هئا. ماضيءَ ۾ بلوچ قبيلن ڪڏهن به هڪ هنڌ رهائش اختيار نه ڪئي پر مال جي چاري لاءِ هميشه لڏپلاڻ ۾ رهيا. ان ئي لڏپلاڻ سبب هنن اولهه ۽ ڏکڻ ايشيا جي مختلف ملڪن ايران، افغانستان ۽ پاڪستان ۾ رهائش اختيار ڪئي.

<u>بلوچي زبان</u>

بلوچي زبان ايراني ٻولين جي گروپ سان واسطو رکي ٿي. جنهن جو سنڌو ماٿري جي ٻولين سان ڪوبه تعلق ناهي. سنڌو ماٿري جي ٻولين واري گروپ ۾ سنڌي، پنجابي، ڪڇي، ڪاٺياواڙي، راجسٿاني، گجراتي، ڪشميري ۽ ٻيون ٻوليون

شامل آهن. روسي عالم اورانسڪي پنهنجي ڪتــاب “ايراني لسانيات” □ لکي ٿو تـه، “بلـوچي زبـان جي ابتدا قديم ايراني ٻولي مـان ٿي، جيڪـا گهڻـو ڪـري ميديا □ پارٿيا □ رائج هئي.” يعني ايراني دنيا جي اتر □ اتر اولهـه وارن علائقن □ بلـوچي زبــان جي ابتــدا ٿي. (11) هي ماڻهو (بلـوچ) جيڪي ٻوليـون ڳالهـائن ٿا، انهن □ □ پارٿي زبـان □ ڪجهـه گـڏيل خاصـيتون ضرور موجود آهن، پر بلوچي ٻولي □ ڪجهـه پنهنجـا مخصــوص عنصــر بــه موجــود آهن. جيڪي ان کي پارٿي زبان کان الڳ بيهـارين ٿـا. اهـا راءِ تـه بلـوچي ٻوليــون ميــديائي (ايــراني زبــان) جي وڌيڪ ويجهــو آهن، صحيح معلوم ٿئي ٿي. (12)

<u>حوالا □ سمجهاڻيون</u>

(1) سوهدروي، ڪامران اعظم، بگٽي قبيلا، لاهور، 2006ع، 48، 55

(2) پيڪولين، مترجم: ڊاڪٽر شاهه محمد مري، بلوچ، ص: 30

(3) بلوچ، احمد يار بلوچ قوم و خوانين بلوچ، ص نمبر 38

(4) بلوچ، صادق علي، تاريخ بلوچان هند، ص نمبر 40

(5) جلال زئي، موسيٰ خان، تاريخ بلوچستان، ص نمبر 16

(6) برٽن، رچرڊ، سنڌ □ سنڌو ماٿري □ وسندڙ قومون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1995ع ص: 201

(7) برٽن، رچرڊ، سنڌ □ سنڌو ماٿري □ وسندڙ قومون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1995ع ص: 201-202

(8) گنکوفسکي، يوري، پاڪستان ڪي قوميتين، ماسڪو، 1976ع، ص: 150

(9) Elfenbein, Joseph, “Balochistan III: Balochi Language and Literature” (1988), in Yarshater, *Encyclopædia Iranica*, vol. 3, fasc. 6, 633–44.

(10) Kreyenbroek, Philip G (2010). Oral Literature of Iranian Languages: Kurdish, Pashto, Balochi, Ossetic, Persian and Tajik: Companion Volume II: History of Persian Literature A, Volume 18. Bloomsbury. ISBN 978-0857732651.

(11) گنکوفسکي، يوري، پاڪستان ڪي قوميتين، ماسڪو، 1976ع، ص: 150

(12) گنکوفسکي، يوري، پاڪستان ڪي قوميتين، ماسڪو، 1976ع، ص: 150

باب: ٽيون

عرب دور ۾ ايرن ۾ بلوچن جون آباديون

عرب دور ۾ مسلم تاريخدانن بلوچن جا علائقا ڪرمان جا جبل ۽ ميدان ٻڌايو آهي. هو اتي 7 صدي جي وچ ڌاري رهندا هئا. ڏهين صدي تائين بلوچ گهڻو ڪري ڪرمان جي اولهه ۾ اتر وارن علائقن ۾ آباد

هيا. عربن جي فوجي ڪاهن دوران بلوچن جون ايراني سيستان ۾ اولهه مڪران ۾ آباديون هيون.(1)

ناميارو تاريخدان مولائي شيدائي لکي ٿو ته، “بني اُميه دؤر ۾، مڪران ۾ بعض باغين جو تعداد پنجاه هزارن کي پهچندو هو. اهڙين مشڪلاتن کي حل ڪرڻ لاءِ حجاج بن يوسف، محمد بن هارون کي، جو وڏو ديندار ۽ تجربيڪار بلوچ هو، مڪران مٿان نائب مقرر ڪيو. محمد بن هارون مڪران جي چپي چپي کان واقف هو. هو اندروني امن امان کي قائم رکڻ ۾ ڪامياب ٿيو. حجاج بن يوسف جي ڏينهن ۾ محمد بن حارث علافي پنهنجي ڀاءُ معاويه بن حارث ۽ پنهنجي قبيلي آسار جي پنجن سوَن ماڻهن سان واپار سانگي عمان کان نڪري، مڪران ۾ رهڻ لڳو. اتفاق سان سندس ماڻهن مان صفوي بنالحاميءَ ڪنهن ڳالهه تان اتي جي هڪڙي ذميءَ کي ماري وڌو، جنهن تي هن جي وارثن مڪران جي حاڪم سعيد بن اسلم کي فرياد پيش ڪيو، مگر علافين دغا سان سعيد کي قتل ڪري سڄي مڪران تي پنهنجي خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو. (2) حجاج علافين تي سخت ڏمريو ۽ علافين جي سردار سليمان علافيءَ جو سر وڍرائي سعيد جي عزيزن ڏانهن روانو ڪيو. ان واقعي کان پوءِ حجاج، عبدالرحمان بن اشعت ۽ مجاعه بن سعر تميميءَ کي مڪران جي انتظام کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ ڏياري مڪو. جيسين مجاعه پهچي تنهن کان اڳ علافين عبدالرحمان کي ماري وڌو. مجاعه تجربيڪار عملدار هو، سندس اچڻ جو ٻڌي باغي وڃي جبلن جي غارن ۾ لڪا. مجاعه قندابيل تائين سندن پٺيان پيو، پر اوچتو اجل جي سڏ ڪري وفات ڪري ويو. حجاج ڏٺو ته عرب عاملن لاءِ مڪران جو

صحرائي ۾ جابلو ملڪ اڻ ڏٺو ڏيهه آهي، ان ڪري هن مڪران جي حڪومت محمد بن هارون بلوچ جي سپرد ڪئي، جو ملڪ جي اندروني حالتن کان پوريءَ طرح واقف هو. محمد بن هارون باغين جو پيچو ڪري، معاويه بن حارث کي هڪڙي غار مان گرفتار ڪري، سندس سر وڊرائي حجاج ڏانهن مڪو. (3) هن واقعي کان پوءِ محمد بن حارث علافيءَ پنهنجي ماڻهن سان سرحد ٽپي، سنڌ جي راجا ڏاهر وٽ وڃي پناهه ورتي.

جڏهن سنڌ ۾ راجا ڏاهر جي حڪومت هئي ته عربستان ۾ 705ع ۾ وليد بن عبدالملڪ دمشق جي تخت تي ويٺو. سندس پاران عراق جو حاڪم حجاج بن يوسف ثقفي مشرقي علائقن مٿان نائب مقرر ٿيو. (4) قاضي سليمان ڪتاب "مشاهير اسلام" ۾ لکي ٿو ته حجاج بن يوسف وڏو ظالم هو. هن 3 لک مسلمان مارايا هئا. سندس پاران محمد بن هارون مڪراني کي مڪران جو عامل مقرر ڪيو ويو. علافين جو هڪڙو دستو، عمان کان نڪري مڪران ۾ حڪومت خلاف بغاوت ڪرڻ لڳو. پوءِ سن 705ع ۾ 500 علافي مڪران کان ڀڄي وڃي ڏاهر وٽ پناهه ورتي. جن کي هن (راجا ڏاهر) پنهنجي فوجن ۾ ملازم ڪري رکيو. علافين جا سردار محمد ۽ معاويه وقت بوقت سنڌ تي ڪاهون ڪندا رهيا. (4) هن سڄي وارتا مان ظاهر ٿئي ٿو ته عربن جي سنڌ تي حملي کان اڳ بلوچ موجوده بلوچستان ۾ داخل نه ٿيا هئا. پر ايراني بلوچستان واري علائقي ۾ به سندن موجودگي فقط عربن جي لشڪرين طور هئي. جڏهن ته سنڌ جي سرحدن سان عربن جي ڪوئنس شروع ٿي چڪي هئي. ايراني سيستان ۾ مقرر سندن بلوچ نسل جو گورنر محمد بن هارون

عـربن جي سـنڌ تي حملي لاءِ تيـاريون ڪـري رهيـو هو.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) گنڪوفسڪي، يوري، پاڪستان ڪي قوميتين، ماسڪو، 1976ع، ص: 150-151
(2) شيدائي، رحيمداد خان مولائي، جنت السنڌ، باب ٻيون، ايڊيشن؛ پهريون 2000، ٻيون 2006ع
(3) شيدائي، رحيمداد خان مولائي، جنت السنڌ، باب ٻيون، ايڊيشن؛ پهريون 2000، ٻيون 2006ع
(4) شيدائي، رحيمداد خان مولائي، سنڌ ۽ رهندڙ بلوچ قبيلا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2020ع ص: 29

بلوچن جي موجوده بلوچستان طرف لڏپلاڻ

بلوچن پنهنجي اصل وطن ايران مان مختلف وقتن تي ڀين علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. ان لڏپلاڻ جا سبب اندروني جهيڙا لڙايون هيون. ايران تي قابض مختلف زورآور قبيلن حڪمرانن جي حملن سبب بلوچ پنهنجو اصل وطن ڇڏڻ تي مجبور ٿيا.

فردوسي جي شاهنامي موجب ايراني بادشاه خسرو جي زماني بلوچ 532 ق م ڌاري ايران جي علائقي بحر خضر جي سامونڊي علائقي رهندا هئا. جيڪي ايراني بادشاهن لاءِ فوجي خدمتون سرانجام ڏيندا هئا. جڏهن بلوچ ايراني بادشاهن جي لاءِ خطرو بڻجڻ لڳا ته ايراني بادشاهن سندن خلاف خوني آپريشن ڪري سندن قوت کي تباهه برباد ڪري ڇڏيو. ايراني بادشاهن جي آپريشن کان پوءِ بلوچ خوفزده ٿي، انهن علائقن مان لڏپلاڻ ڪرڻ لڳا. جڏهن ته “بلوچ ريس” ڪتاب جي مصنف ڊيمز (1) روسي ليکڪ يوري گنڪوفسڪي پنهنجي ڪتاب “پيپلز آف پاڪستان” لکن ٿا ته “سفيد هُن” (White Huns) جي لڙاين سبب بلوچن بحر خضر جي ڏاکڻين جابلو پهاڙي علائقن کان ڪرمان طرف لڏپلاڻ ڪئي. ڊيمز بلوچن جي لڏپلاڻ بابت پنهنجي ڪتاب “دي بلوچ ريسز” لکي ٿو ته، “بلوچن ايران داخل ٿيندڙ مختلف حملي آورن سبب به پيرا لڏپلاڻ ڪئي. بلوچن پهرين لڏپلاڻ ان وقت ڪئي، جڏهن فارس سلجوڪين هٿان وليمي غزنوي طاقتن جو خاتمو ٿيو. ان وقت بلوچ ڪرمان ڇڏي سيستان اولهه مڪران جي علائقن اچي آباد ٿيا. آل بويه راڄ (Buyid dynasty) جي

عـدود الدولـه بلـوچن خلاف وڏي فـوجي كـارراوئي شروع كئي 971-972ع كين شكسـت ڏني. (2) جنهن بعـد بلـوچن ايـران جي انهن علائقن مـان لڏپلاڻ كئي.

جڏهن ته ٻيو پيرو چنگـيز خـان جلال الـدين منگـول (1219–1258ع) جي حملن سـبب بلـوچن كرمان مان لڏپلاڻ كري اوڀر مكران جو رخ كيـو. جــڏهن بلــوچن ايــران جي مختلــف علائقن مــان پاكســتان جي موجــوده بلوچســتان واري علائقي ڏانهن لــڏپلاڻ كــئي، ان لــڏپلاڻ جي بــاوجود تمـام مختصـر تعـداد بلـوچ ايـران جي علائقن پوئـتي رهجي ويا. (3) جڏهن ته سندن وڏي تعداد موجــوده بلوچستان اچي رهائش اختيار كئي. جيكي بلــوچ ايـران مـان موجـوده پاكسـتاني بلوچسـتان طـرف لـڏپلاڻ نـه كـري سـگهيا اهي اڄ بـه ايـراني صـوبن سيستان-بلوچستان كرمان جي اڀرنـدي حصـن رهائش پذير آهن.(4) ٻيو پـيرو لـڏپلاڻ جي نـتيجي بلوچن پهرين پيرو قديم سنڌ (موجوده بلوچستان) قــدم ركيــو. يعــني بلــوچن موجــوده پاكســتاني بلوچستان 12 صديءَ اچي رهائش اختيار كئي.

جنهن وقت بلـــوچ ايـــران مـــان موجـــوده پاكستاني بلوچستان پهتا تـه ان وقت هي علائقـو سـنڌي ڳالهائينـدڙن جـو وطن هيـو. هن علائقي جـا اصـل رهواسـي سـنڌي ڳالهائينـدڙ هيـا. هن خطي جاٽ، جـدگال بـروهي ڳالهائينـدڙ رهنـدڙ هئـا. (5) جن سان سندن ٽكراءُ ٿيو. جيكو اڄ بـه بلوچسـتان موجود آهي. بروهي ڳالهائينـدڙن جي بلـوچ قـبيلن سـان ڇكتـاڻ، سـنڌي ڳالهائينـدڙ جـدگال جـاٽن سميت ٻين برادرين سـان اختلاف مختلـف وقتن تي ظاهر ٿيندا رهيا آهن.

هن باب □ ٿيل بحث دوران ثابت ٿيو آهي تہ بلوچ قبيلا موجوده بلوچستان جي سرحدن اندر 12 صدي عيسوي □ داخل ٿيا. ان کان اڳ موجوده پاڪستان يعني سنڌو ماٿري جي سرحدن اندر سندن ڪوبہ وجود نہ ٿو ملي.

حوالا □ سمجهاڻيون

(1) Dames, M. Longworth, The Baloch Race, The Royal Asiatic Society, London, 1904, digitallibraryindia; JaiGyan, https://archive.org/details/in.ernet.dli.2015.220702/page/n7/mode/2up

(2) Breseeg, Taj Mohammad, Baloch Nationalism: Its Origin and Development. Royal Book Company. 2004, p. 105.

(3) Frawley, William (2003). International Encyclopedia of Linguistics: 4-Volume Set. Oxford University Press, USA. p. 308

(4) Iran Minorities 2: Ethnic Diversity". iranprimer.usip.org. 3 September 2013. Retrieved 2020-01-21.

(5) Breseeg, Taj Mohammad, Baloch Nationalism: Its Origin and Development. Royal Book Company. 2004, p. 105.

باب پنجون

موجوده سنڌ ۽ پنجاب طرف بلوچن جي لڏپلاڻ

موجوده دور ۾ كجهه بلوچ تاريخدان ۽ سياسي قيادت سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف علائقن ۾ بلوچن جي موجودگي بابت غلط بياني كندا رهيا

آهن. بلوچ تاريخدانن طرفان اهو تـاثر ڏنـو پيـو وڃي ته بلوچ سنڌ □ پنجـاب □ ڪيـئي صـدين کـان رهنـدڙ آهن □ اهي علائقــا بلــوچن جــا تــاريخي وطن آهن، جڏهن ته حقيقت اها آهي ته بلوچن موجوده سـنڌ □ موجــوده پنجــاب □ 13 کــان 19 صــدي جي وچ □ مختلف مرحلن □ لڏپلاڻ کـري اچي رهـائش اختيـار ڪئي آهي.

عرب تاريخدانن پنهنجن ڪتابن □ لکيو آهي ته 9 صدي عيسوي □ بلوچ ڪرمان، خراسان، سيستان □ اوپـر ايـران □ رهنـدا هئـا. (1) تاريخـدانن مـوجب انهن علائقن □ بلـوچ رڍن □ ٻڪـرين جـا ڌڻ چارينـدا هئا □ ريگستاني رسـتن تـان گذرنـدڙ مسـافرن کـان ڦرون به ڪندا هئا. جنهن سبب سـندن خلاف ايـران جي آل بويه راڄ جي حڪمـرانن □ بعـد □ غزنـوي □ سـلجوڪي حڪمـرانن وڏيـون ويڙهيـون ڪـري ڪين علائقي مـان لـڏپلاڻ تي مجبـور ڪيـو. جـڏهن ٻيهـر بلوچن ايران جي سيستان □ خراسـان □ شورشــون ڪيـون تـه غزنـوين ظلم □ تشـدد رسـتي انهن کـان بـدلو ورتـو. 11 صـدي جي شـروع □ غزنـوي فـوج ڪرمان موڪلي وئي. جـتي هنن حـبيث علائقي جي پرسان وڏي ڪارروائي ڪـري بلـوچن کي شڪسـت ڏني. (2) جــــڏهن تــــه 11 صــــدي جي وچ ڌاري ترڪمانن □ سلجوڪين اتر اوپـر ايـران □ داخـل ٿيڻ شروع ڪيو تـه بلـوچن سيسـتان □ اتـر ڪرمـان کي ڇڏي ان جي اوڀر طرف اتر مڪران □ اولهه طــرف بنجبور (موجوده پنجگور) طرف لڏپلاڻ ڪئي.

ان سلســــلي □ آمــــريڪن اينٿروپلاجســــٽ پروفيسر برين اسپونر پنهنجي ڪتاب (3) □ لکي ٿــو ته "بلوچن 13 □ـ 14 صـدي □ موجـوده بلوچسـتان مان لڏپلاڻ ڪري سنڌ □ اچي رهائش اختيار ڪئي." جڏهن ته ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسـر ڊاڪـٽر

اختر بلوچ موجب بلوچن 16 کان 19 صدي عيسوي جي وچ ۾ موجوده بلوچستان مان لڏپلاڻ ڪري سنڌ ۾ پنجاب ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. پروفيسر ڊاڪٽر اختر بلوچ ان عرصي کي ننڍو برفاني دور (Little Ice Age) ڪوٺي ٿو. چاڪاڻ ته ان دور ۾ بلوچستان جي علائقي ۾ ٿڌ ۾ اضافو ٿيو ۾ مختلف علائقن ۾ برفباري سبب اهي رهڻ جي قابل نه رهيا، جنهن سبب بلوچن جي وڏي انگ سنڌ ۾ پنجاب طرف لڏپلاڻ ڪري وڃي رهائش اختيار ڪئي. (4)۔ (5) اڃو ته پروفيسر اختر بلوچ جي لفظن ۾ ٻڌون ته بلوچن سنڌ ڏانهن ڪڏهن ۾ ڇو لڏپلاڻ ڪئي. “موجوده بلوچستان مان بلوچن جي پهرين لڏپلاڻ 14 صدي عيسوي ۾ ڏکڻ جي ميداني علائقن ڏانهن يعني سنڌ ڏانهن شروع ٿي. جيڪا ڪيئي سوين سالن تائين جاري رهي. لڏپلاڻ جي ان لهر ۾ زرداري قبيلي سميت ٻيا بلوچ قبيلا سنڌ ۾ لڏپلاڻ ڪري پهتا ۾ انهن سنڌ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪري ورتي، اهي قبيلا ڪڏهن به واپس بلوچستان نه ويا. بلوچستان مان هي سڄي لڏپلاڻ موسمي حالتن سبب ٿي. ان دور يعني 14 صدي عيسوي ۾ بلوچستان جي اتر ۾ اولهه وارا علائقا زبردست سردي سبب رهڻ جي قابل نه رهيا هئا. جن ماڻهن پنجاب ۾ رهائش اختيار ڪئي، انهن سرائيڪي زبان کي اپنائي ورتو. جڏهن ته جن وري سنڌ جي اتر وارن علائقن ۾ رهائش اختيار ڪئي، انهن سنڌي ٻولي کي پنهنجو ڪري ورتو. سنڌ جي ڪڇي واري علائقي ۾ رهائش اختيار ڪندڙ بلوچن مال ڌارڻ جو ڌنڌو اختيار ڪري ورتو. بعد م هنن زراعت جو پيشو اختيار ڪيو. انهن بلوچ قبيلن ۾ ڪلمتي ۾ رند شامل هئا. (6)

ڊاڪٽر اختر بلوچ موجب موجوده بلوچستان مان سنڌ ۽ پنجاب طرف بلوچن جي ٻيو پيرو لڏپلاڻ 1669ع ۾ ٿي، اها لڏپلاڻ بلوچستان ۾ هڪ ٻئي پويان ٻن وڏن ڏڪارن سبب پيدا ٿيل بک ۽ بدحالي سبب ٿي. 1669ع کان پوءِ هڪ سال بعد ٽيون پيرو آيل ڏڪار بلوچستان جي ساموندي پٽي کي گڏاٽي کان چابهار تائين سخت متاثر ڪيو. ان ڏڪار دوران بک سبب هزارين ماڻهو موت جو شڪار ٿيا ۽ علائقا غير آباد ۽ پڙپانگ ٻڻجي ويا. جنهن سبب بلوچن ٽيون پيرو سنڌ ۽ پنجاب طرف لڏپلاڻ ڪئي. ٽيون پيرو لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهن ڪراچي جي ملير، گڏاپ، ڪانوڙ، ماڙيپور، مواچ ۽ لياري ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي. ان ئي لڏپلاڻ دوران مڪران مان شيدي (مڪراني بلوچ) جيڪي سنڌ پهتا، اهي اصل ۾ آفريقي نسل جا حبشي هيا. جن کي عرب واپارين طرفان غلام ڪري بلوچستان ۾ وڪرو ڪيو ويو هو. يعني بلوچستان مان بلوچن سنڌ ۽ پنجاب طرف اهي لڏپلاڻون فقط پنهنجي حياتي بچائڻ ۽ جياپي لاءِ ڪيون.

جڏهن 14 صدي جي شروع ۾ بلوچن سنڌ ۽ پنجاب طرف لڏپلاڻ شروع ڪئي ته ڪين هتان جي مقامي حڪمرانن آباد ٿيڻ ۾ مدد ڪئي. ان سلسلي ۾ ڪافي ثبوت موجود آهن. 1470ع ۾ ملتان جي مقامي حڪمران شاهه حسين لانگاهه (1467-1502ع) سنڌو درياهه جي اولهندي ڪناري بلوچن کي آباد ٿيڻ لاءِ زمينون ڏنيون. بلوچن 15 صدي جي آخر ۾ اسماعيل خان، فتح خان ۽ غازي خان ٽي شهر آباد ڪيا. جيڪي سندن نالن سان سڏيا ويندا آهن. (7)

روسي مصنف يوري گنڪوفسڪي موجب بلوچي ڳالهائيندڙن 15 صدي عيسوي جي آخر ۾

پنجاب جي ڏکڻ اولهه وارن علائقن ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. بلوچي سردارن مظفرڳڙهه ۾ ڊيرا جات جي ڏاکڻي علائقي تي قبضو ڪري ورتو ۾ پنهنجي بيشمار عزيزن سان گڏجي اتي رهائش اختيار ڪئي. “بابر نامي” ۾ بابر لکيو آهي ته 16 صدي جي شروع ۾ پنجاب جي اترين علائقن ۾ وادي جهلم جي پيرا ۾ خوشاب ۾ بلوچن جون الڳ وسنديون هيون. جڏهن ته 16 صدي جي وچ ڌاري مغل بادشاهه همايون اوپر پنجاب ۾ ڪيئي بلوچ خاندان آباد ڪيا. همايون سوري خاندان جي خلاف امداد ڏيڻ تي بلوچن کي پنجاب ۾ زمينون عطا ڪيون. (8)

هتي اها ڳالهه تاريخي طور تي ثابت ٿئي ٿي ته بلوچن ڪنهن مخصوص دور ۾ نه پر مختلف وقتن تي سنڌ سميت پاڪستان جي علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. بلوچ پنهنجن اباڻن علائقن ۾ گهرو ويڙهه، ٻاهرين حملي آورن جي حملن ۾ موسمي حالتن سبب پئدا ٿيندڙ بک ۾ بدحالي سبب سرسبز ۾ خوشحال علائقن طرف لڏپلاڻ ڪري اچي آباد ٿيا. بلوچن پاڪستان جو ڪوبه علائقو فتح نه ڪيو هو ۾ نه وري هو انهن علائقن جا اصلي باشندا هيا. بلوچن مختلف دورن ۾ ٻاهران آيل حملي آورن کي ديسي ماڻهن خلاف مدد مهيا ڪئي. جنهن سبب ڪين ڌارين حڪمرانن جاگيرون ۾ زمينون ڏئي آباد ٿيڻ ۾ مدد ڏني. جڏهن ته سنڌ ۾ پنجاب جي ڏيهي حاڪمن به بلوچن کي آباد ٿيڻ لاءِ مفت ۾ زمينون ۾ چراگاهه سندن حوالي ڪيا.

<u>حوالا ۾ سمجهاڻيون</u>

(1) Spooner, Brian (1988). “BALUCHISTAN i. Geography, History and Ethnography”. Encyclopedia Iranica. Retrieved 30 December 2014.

(2) گنکوفسکي، يوري، پاکستان کي قوميتين، ماسکو، 1976ع، ص: 152

(3) Spooner, Brian (1988). "BALUCHISTAN i. Geography, History and Ethnography". Encyclopedia Iranica. Retrieved 30 December 2014.

(4) Michael, Mann. "Encyclopedia of Global Environmental Change, Volume 1, The Earth System: Physical and Chemical Dimensions of Global Environmental Change" (PDF). Archived from the original (PDF) on 2013-01-24. Retrieved 2024-03-04.

(5) Baloch, Akhtar, Dr. From Zardaris to Makranis: How the Baloch came to Sindh, the Express Tribune, March 27, 2014,

Refer: https://tribune.com.pk/story/688234/from-zardaris-to-makranis-how-the-baloch-came-to-sindh

(6) Baloch, Akhtar, Dr. From Zardaris to Makranis: How the Baloch came to

Sindh, the Express Tribune, March 27, 2014,

(7) گنڪوفسڪي، يوري، پاڪستان ڪي قوميتين، ماسڪو، 1976ع، ص: 153-154

باب ڇهون

ڪلهوڙا حڪمرانن طرفان سنڌ ۾ بلوچن جي آبادڪاري

سنڌ ۾ 1701ع ۾ ڪلهوڙن جي حڪمراني جو دور شروع ٿيو ته ميان مير محمد ڪلهوڙي پڻ ٻروچ مريدن مير الودي ۾ مير مسودي کي سنڌ ۾ گهرايو. ٻروچ مريدن کي زمينون جاگير ۾ ڏيڻ جي لالچ ڏني

وئي. ان حوالي سان پروفيسر نارائڻ داس آر ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب “ميراڻي سنڌڙي” ۾ لکي ٿو ته “سن 1701ع ۾ ڪلهوڙن جو راڄ شروع ٿيو، تئن سنڌ ۾ سرڪاري نوڪريون پهرين سنڌ جي مسلمانن کي هيون. پر ميان مير محمد ڪلهوڙي زمينن جاگيرن جا انجام اقرار ڏئي ٻن ٻروچ مريدن مير الودي ۾ مير مسودي کي گهرايو. ڇي جبل جو سڄو پٽ ڇڏي سنڌ جي پلي ملڪ ۾ اچي رهو. هڪ سنڌي تاريخ نويس انهن ٻن جهنگلي ماڻهن جي سنڌ ۾ گهڙڻ جو هي بيان ڏئي ٿو: “ٻروچ اچا خدا آباد کان 15 کن ميل پري هئا ته حاڪم سندن استقبال لاءِ سونهري سنجن سان پهريل عمدا گهوڙا ۾ خلعتون سوغاتون موڪليون. سندن مرضي هئي ته ٻئي مير ڏاڍي شان ٺُومان سان دارالحڪومت ۾ تشريف آڻين. جلوس جڏهن ساٽن ملڻ لاءِ اڳتي وڌيو تڏهين ڇا ڏسن ته هڪ ريڊارن جو ڊنبلوءِ ٻارين ٻچين گڏهن تي چڙهيل، پنيان رڍن جي ڌڻ سان پيو اچي. وزيرن وڏي ٻچا ڪئي ته ڙي مير الودي جي ڪا خبر ڪريو؟ ڇي مير الودي آءُ آهيان. ڏسي حيرت ۾ وات ڦاٽي وين. جنهن مير الودي کي هيڏي ٺاٺ ٺينگر سان خوش ڪرڻ آيا هئا، سو هٿ ۾ ڍيري، ڪلهي تي ڪانبو ڪري اڳيان بيٺو هون! پر وري به پاڻ جهلي نهايت تهذيب سان سلام ڪري، هٿ مان ڍيري وٺي ۾ ڪلهي تان ڪانبو لاهي، هڪ تازي گهوڙي تي سوار ڪري درٻار ۾ وٺي وين. تنهن کان پوءِ ته ڪيترا سرادر جاگيردار ٿي پيا ۾ پنهنجا ٻروچڪا راڄ آڻي، ناڙي تي ۾ ٻين هند ڳوٺ ٻڌي ملڪ وسائي وينا.”(1)

رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب “سنڌ ۾ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون” ۾ لکي ٿو ته، “1701ع ڌاري جڏهن ڪلهوڙن جي صاحبي شروع ٿي، تڏهن

سنڌ جا امير امـراءَ، مشـرق جي ٻين ملڪن وانگـر، سرڪاري عهديدار هوندا هئـا گهڻـو ڪـري سـنڌي باشندا هوندا هئا. پـر ان گهـراڻي جي پهـرين حـاڪم مير محمد ڪان هڪ نهـايت اهم سياسـي غلطي ٿي. هن پنهنجي ٻن ڪوهسـتاني مريـدن مـير عــودي مسعودي کي جاگيرن ٻين رعايتن جـا واعـدا ڏئي، ويـران پهـاڙن مـان گهـرائي، تـرائي آبـاد ڪيـو. .. انهيءُ کان پوءِ، بلـوچن جـا ڪٽڪ، پنهنجي اڳـواڻن قومي سردارن جي اڳواڻي هيٺ اينـدا ويـا. هنن کي ڪيتريون جاگيرون مليون، هو ناري نـدي تي ملڪ جي ٻين آباد پرڳڻن شهر ٺاهي، ديـرو ڄمـائي ويٺـا رهيا..” (2)

ڪلهوڙا حڪمرانن بلـوچن کي پنهنجي فـوج اهم عهـدن تي مقـرر ڪيـو. ڪلهـوڙا دور ٽـالپر آهستي آهستي طاقتور ٿيڻ بعـد پنهنجـو اثـر رسـوخ وڌائڻ لڳا. جيڪا ڳالهه ڪلهوڙا حڪمرانن لاءِ خطري جي گهنٽي ثابت ٿي. ڪلهوڙا پنهنجي ئي بلوچ فوجي جرنيلن جي طاقت سـبب آهسـتي آهسـتي ڪمـزور ٿيڻ لڳا. سندن رياسـتي رٽ قـائم رهي نـه سـگهي. بلوچ يعني ٽالپر فوجي جرنيـل ڪلهـوڙن بـدران پـاڻ کي ملڪ جـو والي سـمجهڻ لڳـا. ان صـورتحال ٻنهي ڌرين اختلاف دشـــمني طـــرف وڌڻ لڳـــا. ڪلهوڙو حڪمران ميان عبدالنبي بلوچ جرنيل مـير بجار هڪ ٻئي جا دشمن بنجي ويا.

<u>مير بجار جي ڪلهوڙا حڪومت خلاف بغاوت</u>

جيتوڻيڪ ڪلهوڙا حڪمرانن ميرن يعـني ٽـالپر بلوچن کي پنهنجي دور بلوچسـتان جي سـڃن پٽن غـير آبـاد جـابلو پـٽي مـان دعـوت ڏئي سـنڌ گهرائي، زمينون جاگيرون عطا ڪيـون هيـون. پـر

تــالپرن ان جــو بــدلو ڪلهــوڙن جي حڪــومت ختم
ڪري ڏنو. جيئن ئي ٽالپر مير سنڌ م پهتا ته هنن ڪي
ڪلهوڙن حڪمرانن اهم حڪومـتي عهـدن تي مقـرر
ڪيو □ خاص ڪري فوج □ سپهه سـالاري جـا فـرض
سـونپيا. سـنڌ □ اهم عهـدا ملڻ □ فـوج جي سـپهه
سـالاري ملڻ تي ٽـالپرن پنهنجي ئي محسـنن خلاف
صفبندي شروع ڪئي. پهريان ته هنن بلوچستان مان
بلوچن جا ڪٽڪ آڻي سنڌ □ آباد ڪـرڻ شـروع ڪيـا.
جنهن بعــد ڪين زمينــون □ اهم عهــدا عطــا ڪــري
طـاقتور بڻـايو. ٽـالپر مـيرن پنهنجي بلـوچ سـردارن
معرفت سنڌ □ بلـوچن جـو هڪ لشـڪر تيـار ڪــري
ورتو. جنهن ڪي ڪلهوڙا حڪمـرانن خلاف اسـتعمال
ڪـرڻ جي سازش سٽڻ لڳا. ان حوالي سـان ڊاڪـٽر
نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب □ لکي ٿـو تـه، “سـنڌ
جي ڪلهوڙا حاڪم ميان عبدالنبي خــان جي مــارواڙ
جي مهاراجا بجيسـنگهه سـان گهـاٽي دوسـتي هـئي.
مير بجار خـان جيڪـو ٽـالپرن جـو طـاقتور پڳـدار يـا
منهندار هو، ميان صاحب جو وزير هو □ گهــڻي وقت
ڪان وٺي سندس خـدمتن عيـوض حڪــومت □ ڪيس
وڏا □ وسيع اختيار مليل هئا. مير بجار جــيئن تــه وڏو
عقلمند □ چــالاڪ هــو، ان ڪــري هــو پنهنجي مــالڪ
(ميــان عبــدالنبي خــان) جي مــارواڙ جي مهاراجــا
(بجيسنگهه) سان ويجهن لـڳ لاڳـاپن ڪي پنهنجي لاءِ
دائمي خطـري جي گهنـٽي پيـو سـمجهندو هـو. مـير
بجار خان جوڌپور تي حملي ڪرڻ جي تــرت تيــارين
□ لڳي ويو. هن مارواڙ جي سرحد تي هڪ قلعو تيار
ڪرايــو □ ان ڪي 12000 طــاقتور فــوجين ســان
مضــبوط □ مســلح بنايــائين □ جوڌپــور ڪي فقــط
هڪڙي ڏينهن □ حملو ڪـري، ان ڪي فتح ڪــرڻ جــو
منصوبو بنايائين. جـڏهن مهاراجـا بجيسـنگهه ڪي ان
منصوبي جي خبر پئي ته ان ميـان صـاحب ڏي خـط
لکي پنهنجي خلاف اهڙين دشمني واري سازشن تي

سخت احتجاج ڪيو ۽ ٻنهي جي پراڻي ۽ پڪي دوستي لاءِ ڪيس ياد ڏياريائين. ساڳي وقت مهاراجا ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جيئن ته قلعو تعمير ٿي چڪو هو ته تنهن ڪري راجپوتن جي لشڪر کي به ان ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وڃي. پر تڏهين ميان صاحب جي پنهنجي حيثيت ڪمزور ٿي ويئي هئي، ۽ هن سلسلي ۾ منجهس ڪنهن به قدم کڻڻ جي همت ۽ طاقت ڪانه هئي. مهاراجا ٻيهر مخفي طريقي سان ميان عبدالنبي ڏي خدا آباد پنهنجو ايلچي اُڏيرام ڊوندل موڪلي ڏنو ۽ ڪيس چورائي موڪليائين ته هو مير بجار کي ڳجهي ريت رستي تان هٽائي ڇڏي، هن ساڳي وقت 40000 مضبوط فوج موڪلڻ جو به پڪو واعدو ڪيو ته جيڪڏهن خدانخواسته مير بجار خان ۽ سندس ساٿي ڪلهوڙا حڪومت خلاف بغاوت ڪن ته اهي فوجي سندس مدد ڪندا. مهاراجا جي پڪي پختي واعدي ڪرڻ تي ميان صاحب ان مخفي منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ نيٺ رضامند ٿي ويو. منصوبي تحت مهاراجا ٻن پنهنجن ماڻهن کي ميان صاحب جي دربار ۾ وڪيلن جي حيثيت ۾ موڪلي ڏنو. جن مهيني کن کان پوءِ مير بجار کي خدا آباد ۾ سندس ئي گهر ۾ حملو ڪري قتل ڪري ڇڏيو. هي واقعو 1780ع ۾ پيش آيو. مير بجار جي مزار خداآباد (هالا) ۾ موجود آهي. (4) (5)

ان واقعي سبب ڪلهوڙن ۽ ميرن ۾ اختلاف دشمني ۾ تبديل ٿي ويا. بلوچ سردارن وڏو لشڪر ڪٺو ڪري ميان کي بدلو وٺڻ لاءِ خدا آباد جو گهيرو ڪري ورتو. جتي ميان عبدالنبي جي رهائش هئي. ميان عبدالنبي ٻن مهينن تائين شهر جي حفاظت ڪندو رهيو ۽ مهاراجا جي مدد لاءِ واجهائيندو رهيو، پر ڪيس ڪابه مدد نه پهتي. نيٺ ميان صاحب ٻارن

ٻچن سميت شهر ڇڏي هليو ويو □ خدا آباد باغين يعني ميرن جي لشڪر حوالي ٿي ويو. ان واقعي بعد پيهر ميان عبدالنبي ٽالپرن سان ٺاهه ڪري تخت حاصل ڪيو. جنهن بعد هن وري پڻ بلوچ سردارن عبدالله خان □ مير فتح خان کي بيدرديءَ سان مارائي ڇڏيو. جنهن بعد ڪلهوڙا حڪمرانن □ ٽالپرن □ آخري □ فيصلائتي جنگ لڳي. اها جنگ 1782ع □ هالاڻي جي پرسان ٿي. جنهن □ ڪلهوڙن جي فوج کي شڪست ملي □ سنڌ ملڪ ٽالپرن جي حوالي ٿي ويو. بلوچ ٽالپر 1783ع □ سنڌ جا حڪمران بڻجي ويا. جن کي انگريزن سنڌ تي قبضو ڪري اقتدار کان الڳ ڪيو.

<u>حوالا □ سمجهاڻيون</u>

(1) ملڪاڻي، نارائداس آر، ميراڻي سنڌڙي، ڪوڙو مل سنڌي ساهت منڊل حيدرآباد، 1936ع ص: 39-40
(2) برٽن، رچرڊ، سنڌ □ سنڌو ماٿري □ وسندڙ قومون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 1995ع ص: 199-200
(3) بلوچ، نبي بخش، سنڌ جي تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن، حيدرآباد، 2017ع ص: 308-310
(4) خانبهادر خداداد خان، (سنڌيڪار : ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)، لب تاريخ سنڌ، سنڌي ادبي برڊ ڄامشورو، 1994، ص 160-161
(5) بلوچ، نبي بخش، سنڌ جي تاريخ، حيدرآباد، 2017ع ص: 309-310

باب ستون

ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ اندر بلوچن جي آبادڪاري

سنڌ ۾ هونئن ته مختلف دورن ۾ بلوچ قـبيلا ۽ برادريون اچي آباد ٿيندا رهيـا آهن، پـر خـاص ڪـري سنڌ تي بلوچ نسل جي ٽالپرن جي حڪمراني دوران بلـوچن جي وڏي انـگ هتـان جي سـاون سـتابن پٽن ڏانهن لـڏپلاڻ ڪـئي ۽ هـتي اچي مسـتقل رهـائش اختيار ڪـئي. بلوچسـتان ۾ مسلسـل ڏڪـار پـوڻ يـا وري سردي ۾ اضافي سبب ماڻهو بک ۽ بدحالي جـو شـڪار ٿيڻ سـبب انهن ديسـن ڏانهن لـڏپلاڻ ڪـري ويــا، جيڪي ســندن ملڪ جي ســرحدن پرســان ۽ خوشحال هيا. اهـوئي سـبب آهي جـو بلـوچن بـڪ ۽ بدحالي کان بچڻ ۽ روزگار جي موقعن جي تلاش ۾ هميشه سـنڌ ڏانهن لـڏپلاڻ ڪـئي آهي. رچـرڊ بـرٽن

پنهنجي ڪتاب “سنڌ ۾ سنڌو ماتري ۾ وسندڙ قومون” ۾ لکي ٿو ته، “ڪلهوڙن جي حڪمراني کان پوءِ جڏهين ٽالپرن جو ٽيلو ٿيو، تڏهين هنن پنهنجي هم وطنن جا لشڪر گهرائي، کين زمينون، جاگيرون ۾ پيون رعايتون ڏئي، ملڪ (سنڌ) وسائي ويهڻ لاءِ همٿايو. هنن جي پٽي جا شرط جاگيري سرشتي جهڙا هوندا هئا. هرهڪ سردار کي لڙائي وقت پنهنجي حاڪم سان همرڪاب رهڻو پوندو هو. ملازمن جو تعداد مقرر ٿيل ڪونه هوندو هو. پر هرهڪ گهر جو وڏو ان ڳالهه ۾ پنهنجي عزت سمجهندو هو ته ميدان جنگ ۾ منهنجي پويان سڀ کان گهڻا پوئلڳ هجن. اهڙيءَ طرح ٽالپرن جي دور ۾ بلوچي سردارن هڪ فوجي حڪومت جي صورت اختيار ڪئي، جهڙي طرح انگلينڊ جي فتح کان پوءِ اتي، نارمن قوم (1) ڪئي هئي.” (2)

ٽالپر حڪمرانن جي نسل پرستي

جڏهن سنڌ تي ميرن جي حڪومت هئي ته مير تمام گهڻا نسل پرست هيا. هو سرڪاري عهدن تي گهڻو ڪري بلوچي ڳالهائيندڙ رکندا هئا. جڏهن ته زمينون ۾ جاگيرون به بلوچن کي ڏيندا هئا. جنهن ڪري سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ نه فقط ڏينهون ڏينهن طاقتور ٿيندا ويا، پر هنن ملڪ جي اصل رهواسين يعني سنڌين سان نفرت وارو رويو اختيار ڪيو. بلوچ پاڻ کي باقي ٻين کان اُتم ۾ اعلى سمجهندا هئا. ٽالپر حڪمران بلوچي ڳالهائيندڙن کان سواءِ ٻين سان ملڻ جلڻ يا سندن وفدن کي دربار ۾ گهرائڻ به پسند نه ڪندا ها. ان بابت راءِ صاحب اُدارام چانڊومل ٿڏاڻي ۾ پرمانند ميوارام پنهنجي ڪتاب “سنڌ جا مير ۾ مياڻي جي جنگ بيتن سودو” ۾ لکن

ٿا ته، “حيدرآباد جي مير صاحبن جا عرض ڪٽي ايندڙ سردارن يا عام ماڻهن سان ملاقـات جـا وقت مقـرر ٿيـل هونـدا هئـا. ڏينهن ۾ هڪ پـيرو ڪچهـري فقـط ٻـروچ عرضـدارن واسـطي گـڏ ٿينـدي هـئي. وچـون وقت ٻپهري تائين ديـوان گـذارش ۾ لڪـپڙه جـو ڪم ڪندا هئا. پوءِ مير صاحب ٿـورو آرام ڪنـدا هـوا. --- هر روز سج اڀرئي کان اڳي قلعي جي دروازي واري دري پٽبي (ڪلندي) هئي. جنهن ڪـري ڪچهـريءَ کي “دري جو سلام” به چوندا هئا.” اتي مير صــاحب لاءِ مسند ۾ ٻين واسطي گلم وچايل هونـدا هـوا. مسـند جي پاسن کان ٻروچ قطار ڪري وهندا هـوا. ان جي اڳيان 2 ديوان ۽ ٻيان خـدمتگار وهنـدا هـوا. جـڏهن مير صاحب ڪچهري ۾ ايندا هوا تـه ٻـروچ، ديـوان ۽ ٻيا سڀ خدمتگار اٿي بيهندا هوا. ٻروچ پنهنجا عــرض مير صاحب کي ٻڌائينـدا هـوا. ڪـو جـاگير واسـطي، ڪـو ٻـني واسـطي، سـي سـڀ اتي جـو اتي ديـوان ڪاغذ تي هٽي چڙهيندا هوا، ۽ ٻپهري جو جيڪـو وهيـو واپرايو هونـدو تنهن جي گـذارش ڪنـدا هـوا. ۽ مـير صاحبن کان حڪم وٺي سندن حڪمن تي (صـه) جي نشاني ۽ مهر هٽي چڙهيندا هوا.” (3)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) اينگلو نارمن (Anglo-Normans) قوم 11 صدي عيسوي ۾ انگلينڊ تي قبضو ڪري ان کي پنهنجي تسلط هيٺ آندو هو. نارمن جي فتح کان پوءِ انگلينڊ جي اينگلو سيڪسن (Anglo-Saxon) پنهنجي زمينن تان بيدخل ڪيا ويا.

(2) برٽن، رچرڊ، سنڌ ۾ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 1995ع ص: 202

(3) ٿڌاڻي، راءِ صاحب اُڌارام چانڊومل، پرمانند ميوارام، سنڌ جا مير ۽ مياڻي جي جنگ بيتن سوڌو، حيدرآباد 1938ع ص: 29-30

باب اٺون

موجوده بلوچستان تي "بلوچستان" نالو ڪڏهن پيو؟

سنڌ ته صدين کان دنيا جي گولي تي موجود آهي، پر "بلوچستان" نالي جو ذڪر ڪنهن به قديم لکت، تاريخ جي ڪتابن يا ڪنهن ٻئي مواد جي صورت ۾ ڪونه ٿو ملي. "بلوچستان" لفظ پهريون ڀيرو "نادرشاهه قاچار" جي ننڍي ڪنڌ تي حملي وقت سنه 1736ع ۾ منظر عام تي آيو. اهو به ڪنهن علائقي جي سڃاڻپ طور نه پر ٻولي ڳالهائيندڙ هڪ گروپ جي نالي طور سامهون آيو. تاريخ ۾ قلات، اربيله (لسٻيلو) شال (ڪوئٽا)، مڪران، سيوي يا سبي ۽ ڪيچ وغيره پنهنجن نالن سان سنڌ جا پرڳڻا، رياستون يا صوبا سڏيا ويندا هئا.

پهريون پيرو بلوچستان جو نالو ڪنهن خطي جي نالي طور انگريزن استعمال ڪيو.

انگريزن جي برصغير تي قبضي ڪان اڳ موجوده پاڪستان جي سرحدن اندر بلوچستان جي نالي سان ڪوبه صوبو، ملڪ يا خطو موجود نه هيو. انگريزن برصغير تي قبضي بعد ڪجهه بلوچي ڳالهائيندڙ علائقن کي برٽش بلوچستان جو نالو ڏنو. جڏهن ته قلات رياست بروهي ڳالهائيندڙن جي هئي. ٻئي طرف لسٻيلو سنڌي ڳالهائيندڙن جي رياست هئي. جڏهن انگريزن برصغير تان قبضو ختم ڪيو ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو ته ان وقت يعني 1947ع ۾ موجوده بلوچستان وارو علائقو 5 حصن ۾ ورهايل هيو. جن ۾ 4 شاهي رياستون قلات، خاران، مڪران ۽ لسٻيلو هيا، جڏهن ته هڪ برٽش انڊيا جو علائقو برٽش بلوچستان شامل هيو. پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ برٽش بلوچستان جي ڪوئيٽا ميونسپل ڪاميٽي ۽ شاهي جرڳي جي ميمبرن پاڪستان ۾ شموليت جو فيصلو ڪيو. جڏهن ته اڳتي هلي لسٻيلي، خاران ۽ مڪران جي رياستن به پاڪستان سان الحاق ڪري ورتو. انهن ٽنهي رياستن جي حڪمرانن 21 مارچ 1948ع تي پاڪستان سان الحاق وارن دستاويزن تي صحيحون ڪيون. ان وقت مڪران اسٽيٽ جو نواب ٻائي خان گچڪي هيو. (1) گچڪي بلوچ نه پر راجپوت نسل جا آهن. سندن وڏو جڳت سنگهه 17 صدي ۾ راجپوتانه ڪان لڏپلاڻ ڪري اچي مڪران ۾ آباد ٿيو. جنهن بعد هن اسلام قبول ڪيو. (2)۔ هاڻي گچڪي پاڻ کي بلوچ سڏرائين ٿا. (3) ٻئي طرف لسٻيلا رياست جو نواب سنڌي نسل جو ڄام غلام قادر خان هيو ۽ خاران رياست جو نواب حبيب الله خان هيو. جڏهن ته قلات رياست سڀ ڪان آخر يعني

1948ع ۾ پاڪستان سان الحاق جو فيصلو ڪيو. خان آف قلات مير احمد يار خان جي ان فيصلي خلاف سندس ئي ڀاءُ شهزاده مير عبدالڪريم پاڪستاني رياست سان ويڙهه جو رستو اختيار ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ قلات ڪي هڪ فوجي آپريشن ڪي منهن ڏيڻو پيو. پاڪستان حڪومت طرفان جنهن بعد برٽش بلوچستان واري علائقي کي ”بلوچستان“ جو نالو ڏنو ويو. ٻئي طرف قلات، خاران، مڪران ۽ لسٻيلو رياستن کي هڪ ايڪو بڻائي بلوچستان اسٽيٽس يونين جو نالو ڏنو ويو. اولهه پاڪستان کي 1955ع ۾ ونيونٽ (هڪ صوبو) قرار ڏئي ملڪ جي اولهه واري حصي جي صوبن ۾ رياستن جو مڪمل خاتمو آندو ويو. ون يونٽ ٺهڻ تي لس ٻيلو ضلعي جي شڪل ۾ ڪراچي ڊويزن سان ملايو ويو.

جڏهن 1969ع ۾ ون يونٽ کي ٽوڙيو ويو ۽ سنڌ، پنجاب ۽ سرحد صوبا بحال ٿيا ته بلوچستان جي اڳوڻين رياستن ۽ ڊويزنن کي ٻه هڪ ٻئي ۾ ضم ڪري بلوچستان صوبي جو نالو ڏنو ويو. اهڙي طرح 1970ع ۾ بلوچستان جي موجوده علائقي “بلوچستان” جي نالي سان سڃاڻپ حاصل ڪئي. اصل ۾ جڏهن بلوچستان صوبو جوڙيو ويو ته ان وقت اصولن قلات کي ٻولي جي بنياد تي الڳ بروهي صوبو قرار ڏيڻ گهرجي ها، لس ٻيلي کي سنڌ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ها. ڇاڪاڻ ته لسٻيلو سنڌي ڳالهائيندڙن جي رياست هئي. ساڳي طرح نصيرآباد ضلعو، سبي، ڊيرا مراد جمالي به سنڌ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ها، جتي سنڌي ڳالهائيندڙ اڪثريت ۾ آهن. پر ائين ڪرڻ بدران سنڌ جا ڪجهه علائقا بلوچستان صوبي ۾ شامل ڪيا ويا.

بلوچن جي پاڪستان ۾ آدمشماري

موجوده پاڪستان، ايران، افغانستان، عرب ملڪن ۾ ايراني نار سميت سڄي دنيا اندر بلوچي ڳالهائيندڙن جي آبادي هڪ ڪروڙ ڪان وڌيڪ ناهي. جڏهن ته 2023ع جي آدمشماري موجب پاڪستان ۾ بلوچي ڳالهائيندڙن جو انگ 8,117,795 (81 لک 17 هزار ست سو پنجانوي) آهي. بلوچ پاڪستان جي ڪل آبادي جو 3.38 سيڪڙو آهن. هن وقت يعني 2024ع ۾ سنڌ ۾ بلوچي ڳالهائيندڙن جو انگ 12 لک 8 هزار آهي. جيڪو سنڌ جي ڪل آبادي جو 2.17 سيڪڙو بيهي ٿو. (4)

پاڪستان جي صوبي بلوچستان ۾ بلوچ 2 نسلي ۽ لساني گروهن ۾ ورهايل آهن. ڏکڻ اولهه ۾ مڪراني ۽ اتر اوڀر ۾ سليماني. جڏهن ته وچ ۾ ضلعي قلات ۾ وڏي انگ ۾ بروهي رهندڙ آهن. (5) بلوچستان جا ڪافي بااثر گهراڻا بروهي ڳالهائيندڙ آهن. جن ۾ زهري، بزنجا، رئيساڻي، مينگل، رستمزئي، ستڪزئي، سرپاڙا، لهڙي،ماناشاهي، بنگلزئي، لانگو، شاهاڻي، نيچاري، هارٽي، پندراڻي، سجالي ۽ ماماساني شامل آهن. بلوچستان جي بلوچ ڪوئائيندڙن ۾ اڌ کان وڌيڪ بروهي ڳالهائيندڙ آهن. (6)

بلوچستان ۾ هن وقت صرف 8 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جن ۾ بلوچي، پشتو، بروهڪي، فارسي، سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ پنجابي شامل آهن. اولهه بلوچستان جا ماڻهو پشتو، اردو، پنجابي ۽ سرائيڪي ٻوليون ڳالهائي سگهن ٿا. جڏهن ته اوڀر بلوچستان جا ماڻهو سنڌي، سرائيڪي، براهوي، بلوچي ۽ اردو ڳالهائي سگهن ٿا. جڏهن ته وچئين (سينٽرل) بلوچستان جا ماڻهو 8 ئي ٻوليون ڳالهائي

يا سمجهي سگهن ٿا. ڇوته ان خطي ۾ مجموعي طرح اهي سڀئي ٻوليون ڳالهائڻ وارا قبيلا ٿورا گهڻا آباد آهن. اهوئي سبب آهي جو بلوچستان خطي جي مختلف ٻولين ڳالهائڻ وارن جو سيڪڙو معلوم ڪرڻ تمام مشڪل بلڪه ناممڪن آهي. (7)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) Malik, Fida Hussain (14 October 2020). Balochistan: A Conflict of Narratives. Saiyid Books. p. 11.

(2) Quddus, Syed Abdul (1990). The Tribal Baluchistan. Ferozsons. p. 63.

(3) Ahmed, Manzoor; Khan, Gulawar (2017). "The History of Baloch and Balochistan: A Critical Appraisal" (PDF). A Research Journal of South Asian Studies. 32: 39–52.

(4) https://www.pbs.gov.pk/sites/default/files/population/2023/tables/national/table_11.pdf

(5) گنڪوفسڪي، يوري، پاڪستان ڪي قوميتين، ماسڪو، 1976ع، ص: 14

(6) پنهور، ايم. ايڇ، تصوير سنڌ، 2006ع، ڪراچي، ص: 77

(7) بروهي، ڊاڪٽر داد محمد ’خادم، “بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس”، حيدرآباد، 2012ع، ص: 13-14

باب نائون

بلوچستان جون اصلوڪيون سنڌي برادريون

سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ موجوده صوبي بلوچستان ۾ ڪٿان به لڏپلاڻ ڪري نه ويا آهن، پر هو ان سرزمين جا اصل رهواسي ۽ مالڪ آهن. بلوچستان ويجهي ماضيءَ تائين قديم سنڌ جو حصو رهيو آهي. موجوده بلوچستان ۾ “مهرڳڙهه” سنڌو سڀيتا جي وارثن جو ساڍا 9 هزار سال قديم ماڳ آهي. دنيا جهان جا تاريخدان، اينٿروپلاجسٽ، جاگرافيدان ۽ آرڪيالاجسٽ ان ڳالهه تي متفق آهن ته موجوده بلوچستان اصل ۾ سنڌو ماٿري جي رهواسين جو مادر وطن آهي. ان سلسلي ۾ اسان ڏيهي ۽ پرڏيهي ماهرن جا حوالا ڏئي اهو ثابت ڪنداسين ته هن سرزمين جا لکين سالن کان وارث سنڌي ماڻهو آهن.

سنڌ جو ناميارو تاريخدان مير رحيم داد خان مولائي شيدائي لکي ٿو ته، “تاريخ تالپرن جي بيان ڪرڻ کان اڳ پڙهندڙن کي معلوم هئڻ ڪپي ته سنڌو ماٿري ۾ جيڪي بلوچن جي وجود کي تالپرن جي دور کان تسليم ڪن ٿا، اهو تصور غلط آهي. بلوچستان دراصل سنڌ جو حصو آهي. (1) جڏهن ته

هڪ ٻـئي مقــالي ۾ مــولائي شــيدائي لکي ٿــو تــه: ”بلوچســتان ۾ خراســان ٻــئي اقليم ســنڌ جــا صــوبا آهن.“ (2)

نامـيــارو محقـــق ڊاڪـــٽر داد محمـــد ’خـــادم‘ بــروهي، ”بلوچســتان ۾ ســنڌي ٻــوليءَ ۾ ادب جــو اپياس“ ڪتاب ۾ لکي ٿو ته، ”سنڌ ۾ بلوچستان جي سياســت ۾ ســماج، تهــذيب ۾ تمــدن، وڻج ۾ واپــار، تاريخ ۾ جاگرافي توڙي علم و ادب جو جائزو وٺبو ته اسان کي معلــوم ٿينــدو تــه قــديم زمــاني کــان ٻنهي خطن جا پاڙ ۾ گهاٽا ناتا رهندا آيــا آهن، جاگرافيــائي ويجهڙائي ۾ آباد هئڻ سبب قــديم زمــاني کــان ســنڌ جو بلوچستان تي نــه فقــط اثــر بلڪ غلبــو بــه رهيــو آهي. بلوچستان جو سمورو علائقــو، جنهن ۾ ســبي، ڪڇي، قلات، لورالائي، مڪران، لسٻيلو ۾ سمنڊ جو ساحل هزارين سالن کان سنڌ جي زير تسلط رهندو آيو آهي.“(3)

ان سلســلي ۾ يونيورســٽي آف پينســلونيا جي اينـــٿروپلاجي شــعبي جــو پروفيســر بــرين اســپونر پنهنجي تحقيقي مقـــالي ۾ لکي ٿـــو تـــه ”موجـــوده بلوچســتان ۾ رهنــدڙ ســنڌي اتــان جــا اصــل باشــندا آهن.“ (4)

ڊاڪــٽر غلام علي الانــا لکي ٿــو تــه، ”نيچــرل ميوزم آف نيويــارڪ جي هڪ جمــاعت بلوچســتان ۾ ضلعي لســٻيلي ۾ مڪــران جي دور دراز علائقن جــو دورو ڪيو هو. هن ٽــولي جي راءِ مــوجب ســامونڊي ساحل تائين ڪناري جي لڳ ڀڳ جيڪي به وسنديون ملن ٿيون، اهي هڙپا تهــذيب جــون علمــبردار آهن ۾ آثــارن تــوڙي شــاهدين مــان معلــوم ٿــئي ٿــو تــه بلوچستان جي ساحلي علائقي تي قديم زماني کــان واديءِ سنڌ جي ماڻهن جو قبضو هو.“(5)، (6) اسان

هتي بلوچستان □ وسندڙ سنڌي قبيلن □ برادرين جو ذڪر ڪنداسين، جيڪي اتان جون اصلوڪيون يعني مقامي رهواسي آهن □ هن وقت به بلوچستان جي مختلف علائقن □ آباد آهن، هنن پنهنجي ٻولي □ ثقافتي سڃاڻپ ڪي برقرار رکيو آهي.

سما / سماٽ

سنڌ جي اصلوڪين سنڌي برادرين □ قبيلن ڪي سماٽ يا ڄاموٽ به سڏيو ويندو آهي. (7) سماٽ برادريون مسلمان سميت هندو مذهب سان تعلق رکن ٿيون. (8) چاڪاڻ ته سماٽ ذاتيون هن ڌرتي جون صدين کان رهاڪو آهن. عربن جي سنڌ فتح کان پوءِ ڪيترين ئي سماٽ برادرين اسلام قبول ڪيو. پر سندن ذاتيون ساڳيون رهيون □ برادري طور سڃاڻپ به سنڌي رهي. جنهن ڪري سماٽ برادريون ٻنهي مذهبن سان تعلق رکن ٿيون. (9) سنڌ، پنجاب، ڪڇ ڀڄ، راجسٿان سميت موجوده بلوچستان □ رهندڙ قديم سنڌي برادرين ڪي سماٽ سڏيو ويندو آهي. سماٽ بنيادي طور سنڌ ڄاوا آهن. تاريخدانن موجب سماٽ، اصل □ سما برادري سان تعلق رکن ٿا.، جيڪي پوءِ مختلف ذاتين □ قبيلن □ ورهائجي ويا. سما قبيلو اصل □ سنڌ جو قبيلو آهي، جنهن جي هڪ جداگانه حيثيت □ سڃاڻپ آهي. سما، سنڌ جا حڪمران به رهيا آهن. (10)

لس ٻيلي جون سنڌي برادريون

لسٻيلو هن وقت بلوچستان صوبي جو حصو آهي، پر ان کان اڳ صدين کان سنڌ □ شامل رهيو آهي. قديم زماني کان وٺي ٻرهمڻ گهراڻي جي

حڪـومت تـائين، پـوءِ رونجهن، بـرفت، ڪلهـوڙن ۾ ڪـوريجن جي حڪـومت تـائين، ۾ پـوءِ اڳـتي هلي موجوده وقت تـائين، لس ٻيلي جي عـام مـاڻهن جي مادري زبان سنڌي رهي آهي. (11)

لسٻيلي جا حـاڪم سـما (سـمات) رهيـا آهن. سما اصل ۾ سنڌ جي هڪ قديم برادري آهي، جيڪـا موجـوده بلوچسـتان جي لسـٻيلي تي حڪـومت بـه ڪري چڪي آهي. بلوچستان ۾ هي برادري پـاڙ ڪي ڄـام سـڏائي ٿي. اڄ بـه اتي سـندن سـرداري قـائم آهي.

لسٻيلي ۾ ”ڪوريجا“ قبيلي سن 1742ع کان 1856ع تائين حڪومت قائم ڪئي. يعني 214 سـال هن سنڌي برادري لسبيلي تي حڪومت ڪئي. (12) ڪوريجا حاڪمن “ڄـام” جـو لقب اختيـار ڪيـو. هن خاندان جو آخـري والي ڄـام غلام قـادر هـو، جيڪـو صوبي بلوچستان جو ٻه ڀيرا وزيراعليٰ به رهيـو. ون يونٽ ٺهڻ تي لس ٻيلو ضلعي جي شڪل ۾ ڪراچي ڊويزن سان ملايو ويو. پر جڏهن سال 1970ع ۾ ون يونٽ ٽٽو ۾ صـوبا بحـال ٿيـا تـڏهن لس ٻيلـو ضـلعو، نئين ٺهندڙ صوبي بلوچستان ۾ شامل ڪيو ويو.

<u>ڄام</u>

لسـٻيلي جي وڏي سـنڌي بـرادري ڄـام آهن. جيڪي سـمن جي نُـک مـان آهن. ان سلسـلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلـوچ جي راءِ آهي تـه لسـٻيلي جـا ڄام غالبن ڪوريجا آهن. جڏهن ته ڪوريجا سنڌ جي سمن جي هڪ شـاخ آهن. (13) مانـڊڙا بـرادري بـه لسٻيلي جي سنڌي ڳالهائيندڙ بـرادري آهي. مانـڊڙن جا ڪيترائي پـاڙا آهن، جن ۾ الهـه داداڻي، عاربـاڻي،

بيگـاٽي، ايلاٽي، زهـراٽي، حاجـاٽي، بهـراٽي شـامل آهن. سندن خاص علائقو اٿل آهي.

روڻجها:

سپ کان اول جنهن سنڌي بـرادري لس ٻيلي □ پنهنجي حڪـومت قـائم ڪـئي، سـي روڻجهـا هئـا. اٺين صدي هجري (14 صدي عيسـوي) □ سـنڌ انـدر سمن جو عروج شروع ٿيو □ غالبن ساڳي وقت لس ٻيلي □ روڻجهن جو اقتدار شروع ٿيو. (14) روڻجهن اٽڪل 3 سؤ سال کن هن علائقي تي حڪومت ڪئي □ سترهين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ڌاري سندن حڪومت جي پڇاڙي ٿي. (15) سنڌ مـان سـمن جي حڪومت ختم ٿيڻ باوجود لسٻيلي تي سما حڪومت ڪندا هئا. (16)

گونگا

لس ٻيلي □ روڻجهن کـان پـوءِ گـونگن اقتـدار حاصل ڪيـو. گونگـا لس ٻيلي □ وڏا زمينـدار آهن. (17) گونگا هن وقت لاڪڙي واري علائقي □ آباد آهن. لسٻيلي تي سنڌي ڳالهائينـدڙ بـرادري ڄـاڙن جي بـه حڪمراني رهي. ڄام ڄاڙو پهريون سردار هو. جنهن کـان پـوءِ سـندس پونـئرن مـان ڄـام تهـاري اقتـدار سنڀاليو. جنهن جي اولاد مان بولا خان کي ملڪ جــو خطاب مليو. ڊاڪٽر بلوچ موجب ڄاڙن جي پڳ سان اصل □ هيٺيان قبيلا يا برادريون هيون. ڄاڙا، پـالاري، حماتي، ٽينگيا، تارا، هيلايا، ٻبر، گندرا. جڏهن ته انهن قبيلن کان سواءِ هيٺيان راڄ به ساڻن گـڏ هيـا. جن □ جاڇرا، سومرا، آنا، ڪڏائي □ خاصخيلي شــامل آهن.

ملڪ بولا خان جي وفات کان پوءِ ٻاپڙن جي جدا پڳ ختم ٿي ۾ پڳداري حملاٽين ۾ آئي. (18)

ڊاڪٽر نبي بخش بلـوچ پنهنجي ڪتـاب “ٻيلاين جا ٻول” ۾ لکي ٿو ته، “سـنڌ جي قـومن (بـرادرين) آڳاٽي وقت کان وٺي لسٻيلي کي پنهنجو وطن بنـايو. بلڪه سـنڌ جـون قومـون لس ٻيلي کـان اڳـتي وڏي وڃي، بلوچستان جي ڪن علائقن ۾ وڃي آباد ٿيـون. ۾ اڄ تــائين دودا، شــاهھوڪ، بربــاز (حســناٽي جي شاخ)، مردوئي، ساسولي، مانڊڙا وغـيره بلوچسـتان جي حدن اندر آباد آهن. رونجها، گونگا، چٽـا، صـابرا، موندرا، ٻرا، ڄاموٽ، سيهان، آٿا، راهو، براديا، لنگهـا ۾ ٻيــون ســنڌي قومــون (برادريــون) لس ٻيلي جي حدن اندر آباد آهن. (19)

صابرا

صابرا به لسٻيلي جي سنڌي برادري آهي. هي ذات ســومرن جي هڪ شــاخ آهي. ڊاڪــٽر بلــوچ موجب سندن وڏو ڏاڏو خواوڙ مـٿي پـيڙهيءُ ۾ سـنڌ جي سومري حاڪم ڏونگر راءِ سان گڏجي ٿو. (20) لسٻيلي ۾ صـابرن جـو خـاص علائقـو پـپراني (اٿـل) آهي. لسٻيلي کان سواءِ صـابرا سـاراون، جهـالاوان، ڪوهياري ۾ باغبان طرف به رهن ٿا. (21)

ڄاموٽ

ڄاموٽ بـه لسـٻيلي جي وڏي سـنڌي بـرادري آهي. ڄاموٽ برادري جـا ڪيـترائي پـاڙا آهن. جن ۾ چنري پوٽا سردار گهر آهي. ڄاموٽ برادري لسـٻيلي ۾ ڊنڊو، گجري، ڪنراچ، شاهه لڪ ۾ ونـدر ۾ ڪـافي تعداد ۾ رهي ٿي.

ساڳي طرح سنڌي ڳالهائيندڙ دودا برادري به سونمياڻي جي علائقي آباد آهي. سنڌي برادري موچي به اٿل آباد آهي. هيءُ سنڌ جا سما آهن. ٻئي طرف لسٻيلي ڪاتيار ڪوري به سنڌي برادريون آهن. اٿل سنڌي ڳالهائيندڙ شيخ برادري به رهندڙ آهي. سنڌي برادري چٽا به ڏريجي واري علائقي آباد آهي. چٽن جا ڪيترائي پاڙا آهن، جن پوتاڻي، ماڙچا، مٺاڻي، گنجا، اڏڙ، توراني، ڪوري، اوٺماڻي شامل آهن. (22) ٻرا به لسٻيلي جي هڪ سنڌي برادري آهي. جنهن جي نک برفتن سان ملي ٿي.

جڏهن ته سنڌي برادري ٻڪڪ به دريجي حب واري علائقي رهائش پذير آهي. باريچا ذات جي سنڌي برادري لسٻيلي جي ڏُريجي واري علائقي آباد آهي. باريچا موجوده سنڌ جي دادو ضلعي به آباد آهن. ڊاڪٽر بلوچ موجب لسٻيلي باريچا فقيراڻو گهر ڪري ليکيو ويندو آهي.

گجر / گرجر (Gujjar)

گجر برادري سنڌو ماٿري جا اصل رهواسي آهي. ٻاٽ سنڌي، پنجابي راجستاني ٻولي ڳالهائيندڙ آهن. گجر صدين کان موجوده سنڌ، پنجاب، ڀارت (راجستان) جي مختلف علائقن موجوده بلوچستان رهندڙ آهن. بلوچستان گجرن کي به بلوچي ڳالهائيندڙن طرفان جدگالي (سنڌي ڳالهائيندڙ برادري) ڪوٺيو ويندو آهي. برطانوي تاريخدان بيليو پنهنجي تحقيق چاڻائي ٿو ته سوات جي واديءَ افغانستان رهندڙ “گوجر”، اصل ”جت“ آهن، جيڪي سنڌو ماتر جي هيٺئين خطي (لاڙ) مان لڏي، اتر اتر اوڀر

اتر اولهه طرف وڌيا“. بيليو وڌيڪ لکي ٿو ته، “جت، ڪني ۾ سٿيا، اصل سنڌو ماٿر جا رهاڪو آهن، جيڪي هندو ڪش جبلن ڏانهن لڏي ويا هئا. جڏهن ته افغانستان لڏي وڃي آباد ٿيندڙ جتن کي گوجر سڏيندا آهن.” هو وڌيڪ لکي ٿو ته، “جت، ڪني ۾ سٿيا، افغانستان ۾ پنجين ۾ ڇهين صدي عيسويءَ ڌاري لڏي آيا، پر هت (افغانستان ۾) هاڻ جتن جي نالي سان ڪوبه قبيلو نه ٿو رهي، اهي هاڻ ”گوجر“ سڏبا آهن“. (23)

تاريخدان هنتر جو به چوڻ آهي ته: “افغانستان ۾ رهندڙ جت، بلاشڪ جتن جي قبيلن سان واسطو رکن ٿا ۾ انهن منجهان آهن. جت جيڪي هاڻ لاهور کان وٺي ڪراچيءَ تائين آباد آهن، ۾ جن جو بڻ بنياد پڻ پنهنجا پار پتا وساري چڪو آهي، انهن جو تعداد وڏي آباديءَ تي مشتمل آهي“. (24)

<u>ڪولاچي</u>

بلوچستان ۾ رهندڙ ڪولاچي اصل ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ برادري آهن، جيڪا سنڌ سميت بلوچستان ۾ رهائش پذير آهي. سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي جو به پراڻو نالو “ڪولاچي” آهي. ڪولاچي به جات قبيلي جو هڪ پاڙو آهي. سنڌ ۾ ڪولاچي نالي سان هڪ برادري يعني ذات به موجود آهي. جنهن ۾ وڏا اديب، آفيسر، ڊاڪٽر ۾ پڙهيل لکيل ماڻهو موجود رهيا آهن. ڪولاچي برادري سنڌ جي مختلف شهرن ۾ رهائش پذير آهي. ميهڙ ۾ به ڪولاچي نالي سان هڪ ذات ۾ يونين ڪائونسل موجود آهي. ساڳي طرح ميهڙ ۾ ڏگهڙي تعلقن ۾ ٻن ديهن جو نالو به ڪولاچي آهي. ضلعي ميرپور

خاص ۾ به هڪ شهر ٽنڊو ڪولاچي نالي سان موجود آهي. لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر باڍهه پرسان سيهڙ اسٽيشن جو رهواسي ۾ سنڌ جو قومپرست اڳواڻ ذوالفقار ڪولاچي به انهن ۾ هڪ آهي، پاڻ مختلف قومپرست جماعتن سان سلهاڙيل رهيو آهي. ڪيس 5 مارچ 2011ع تي ڪراچي ۾ سندس گهر تي بم حملي ۾ شهيد ڪيو ويو. ڊيرا اسماعيل خان ضلعي ۾ ڪولاچي (Kulachi) هڪ شهر جو به نالو آهي. بلوچستان ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ڪولاچي برادري ڪي به بلوچ برادري قرار ڏنو پيو وڃي. ڪولاچي برادري جي سنڌ ماڻهو بلوچستان ۾ هٿياربند لشڪرن جي خوف سبب پاڻ ڪي بلوچ سڏائڻ تي مجبور آهن.

موندرا

موندرا به لسبيلي جي سنڌي برادري آهي. موندرا سونمياڻي ۾ گجري نئن واري علائقي ۾ آباد آهن. موندرا اصل ۾ سومرا آهن. (25) جڏن ته وهرا به موندرن جو هڪ پاڙو آهي. جيڪي سونمياڻي ۾ حب واري علائقي ۾ آباد آهن.

برفت ۾ نومڙيا

برفت ۾ نومڙيا سنڌي قوم سان واسطو رکندڙ برادريون آهن. هي ٻئي برادريون لس ٻيلي سميت موجوده سنڌ ۾ آباد آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ موجب نومڙيا ۾ برفت سنڌ جي سمن جي نسل مان آهن. هي لس ٻيلي سميت موجوده سنڌ جي ٽنڊي باگي ۾ بدين وارن علائقن ۾ آباد آهن.

نهڙيا □ نومڙيا به ساڳي نسل مان آهن. برفتن تي اهو نالو سندن وڏي ڏاڍي برفت جي نالي تان پيو.

اڄ ب□ لسبيلي □ 70 سيڪڙو ماڻهن جي مادري زبان سنڌي آهي. لسبيلي جو لوڪ ادب □ شاعري سنڌي زبان جو قيمتي سرمايو آهي. هن لهجي □ لاڙي لهجي واريون سڀ خصوصيتون موجود آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ □ لکي ٿو ت□ “لسٻيلي جي ٻولي لاڙي محاوري سان زياده مشابهت رکي ٿي. ان حوالي سان لاسي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي.” (26)۽ (27) ڊاڪٽر بلوچ لسٻيلي جي سنڌي ٻولي بابت لکي ٿو ته، “لسٻيلي جي عام زبان سنڌي آهي. مگر جنهن تر جو نيپاج، تنهن تر جو رنگ: ٻيلي جي ٻولي تي ٻيلي جي ملڪ □ ماحول جو رنگ چڙهيل آهي. جهڙي طرح سنڌ □ لاڙ، سري، ٿر □ ڪوهستان جي زبانن جا پنهنجا پنهنجا محاورا آهن، تيئن ٻيلي جي به خاص پنهنجي ٻولي آهي.” (28) سنڌي ٻولي جي ڪن خاص ڳرن اچارن کي هلڪو ڪري اچاريندا آهن. “ڊ” کي هلڪو ڪري دال اچاريندا آهن. “جهه” کي “ج” □ “و” کي “ٻ” سان بدلائي ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح ڪٿي “ي” کي “ج” □ تبديل ڪندا آهن.

<u>ڪيتراني</u>

بلوچستان □ ٻولان ڪان وٺي لسٻيلي تائين سنڌي ڳالهائيندڙ آباد آهن. جڏهن ته بارڪان ضلعي □ 100 سيڪڙو سنڌي آبادي رهندڙ آهي. جيڪي پاڻ کي ڪيتران سڏائين ٿا □ انهن جا ايم اين اي، ايم پي اي به سنڌي ڳالهائڻ وارا ڪيتران آهن. ان علائقي □ سنڌي ٻوليءَ جي لهجي کي ڪيتراني چيو وجي ٿو.

ڪيتران ۽ ڪلاسيڪل شاعر خميسو شاهه سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ شاعر رهيو آهي. سندس وايون ۽ ڪافيون ڪيتراني سنڌي لهجي ۾ ڳايل آهن. (29)

لسٻيلي جي سنڌياڻي عورت حڪمران ملڪ چاڳلي

لسٻيلي تي سنڌي ڳالهائيندڙ برادري جامن جي حڪومت دوران هڪ سنڌي عورت به حڪمران ٿي. لسٻيلي جي حاڪم ڄام پاهڙ خان جي وفات بعد سندس گهر واري مائي چاڳلي اقتدار سنڀاليو. جنهن وقت ڄام پاهڙ وفات ڪئي ته سندس پٽ عزت خان 7 سالن جو هيو. جنهن ڪري اقتدار تي ڄام جي گهرواري کي وهاريو ويو. مائي چاڳلي وڏي همت ۽ بردباري سان حڪومت هلائي پر لسٻيلي جي سردارن هڪ عورت جي حڪمراني کي برداشت نه ڪيو. ڪنراڄ جي ڪونرجي ڄام عالي اقتدار تي قبضو ڪري ورتو.

مائي چاڳلي جي حڪومت بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته، "ملڪ مائي چاڳلي ملڪ جي حڪومت نهايت دانائي سان هلائي. پورالي ندي جي پاڻي جو انتظام ڪري زراعت ۽ آبادي کي وڌايائين. اهڙي سهڻي انتظام سان ملڪ ۾ خوشحالي ٿي ۽ خزاني ۾ پئسو آيو ۽ ملڪ چاڳلي خود خيال ٿي حڪومت هلائڻ لڳي. پورالي جي پاڻي ۽ انتظام جي لحاظ سان عوام ۾ مثل مشهور ٿيو ته:

"پُورالي اٿس پار، تڏ چاڳلي ٿي چاڳ ڪري."

ملڪ مائي چاڳلي جي خود خيال حڪومت سببان ڪن پاڙيسري سردارن کي حسد ٿيڻ لڳو ۽ خار وچان چوڻ لڳا ته،

"ڏاڙهي ڪانهي ڏيهه ۾، تڏ چاڳلي ٿي چاڳ ڪري"

ملڪ مائي چاڳلي جي حڪومت جـو ڪاروبـار اڪــثر رونجهن جي معــرفت هلنــدڙ هــو. ان وقت “ڪنراچ” علائقي □ ڄـاموٽ قـوم جي سـردار ڄـام عالي ڪٽـوريي ولـد ڄـام رينـا عاليـاٽي جي سـرداري هئي. سـندس پـاءُ ڄـام ڏڳـار ڪي رونجهن، ٻيلي جي ويجهو “نانـگ ڏيـه” وٽ نمـاز پڙهنـدي شـهيد ڪـري ڇـڏيو. انهيءَ خـون جي عيـوض ڄـام عـالي، ملڪ چاڳلي ڪي ٻيلي مان بي دخل ڪـري، حڪـومت جي واڳ سنڀالڻ جو ارادو ڪيو.

ڄـام عـالي □ ٻين ڄـاموٽن ڏنـو تـه قلات جـو حاڪم مير محبت خان پڻ ملڪ چاڳلي ڪـان نـاراض آهي. سـو وفـد ڪـري مـير محبت وٽ پهتـا □ دانهن ڏنــائونس. مــير محبت ڪــانئن پڇيــو تــه “ٻيلي جي حڪومت ڪيئن وٺجي؟” هنن چيو ته اوهان مهرباني ڪري “وڏ” اچو ته اسان چاڳلي ڪي بيخبري □ شـهر ڪان ٻاهر ڪڍي، “ٻيلو” اوهان حوالي ڪريون. بالاخر مــير محبت صـلاح ڪـري آخونـد محمـد حيـات ڪي لشـڪر ڏيـئي روانـو ڪيـو. جنهن سـان ڳـڏجي ڄـام عالي پنهنجو لشڪر وٺي ٻارڻ جبل ٽپي ٻيلي جي حد □ داخل ٿيو، ڄام عـالي صـبح سـاڻ اوچتـو ٻيلي جي شهر تي حملو ڪيو. هن اوچـتي حملي سـببان ملڪ چاڳلي جي هار ٿي □ ڄام عــالي ٻنپهــرن ڏاري ملڪ چاڳلي ڪي شهر مان هڪـالي ڪـڍيو. ان بعـد آخونـد محمد حيـات اچي ٻيلي □ ڇـانوٽي هنـئي. اهـو سـال 1155 هه / 1742ع هو. (30)

ملڪ مــائي چــاڳلي هڪ وڏي سـجاڻ خــاتون هئي. سنڌ □ سندس واسطي وڏي عزت هئي. جنهن بعد مائي چـاڳلي پنهنجي معصـوم پٽ سـان لسـٻيلو ڇـڏي ڪـوٽڙي □ بـارڻ واري جـاگير □ اچي رهـائش اختيار ڪئي. لس جي هن عورت حڪمران ڪــوٽڙي لڳ پنهنجي جاگير □ ئي حياتي جا ڏينهن پورا ڪيــا. (

31) ان سسلي □ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تــه، “مائي چاڳلي 1214هه (1794ع) □ وفـات ڪيـائي. ڪيس ڪـــوٽڙي جي پـــر □ ملڪن جي قبرســتان □ مٿيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويـو. (32)ـ (33) اهـو مقـام ڪـوٽڙي شـهر ڪـان ٻـه ميـل اولهـه طـرف ڪـوٽڙي حيدرآباد واري روڊ لڳ ڏکڻ طرف آهي. عزت خـان □ ٻيا ملڪ پڻ هن مقام □ مدفون آهن.

<u>حوالا □ سمجهاڻيون</u>

(1) شيدائي، رحيم دادا مولائي، تاريخ تمدن سنڌ، ڄامشورو، ص نمبر 579

(2) شيدائي، رحيم دادا مولائي، مضمون، ٿماهي مهراڻ، ڄامشورو، اپريل-سيپٽمبر 1961ع

(3) بروهي، داد محمد خادم، “بلوچستان □ سنڌي ٻوليءَ □ ادب جو اڀياس”، حيدرآباد، 2012ع، ص: 13-16

(4) Spooner, Brian. "Baluchistan – Geography, History and Ethnography".

(5) https://repository.upenn.edu/anthro_papers/127

(6) https://www.academia.edu/73051510/Baluchistan_Geography_History_and_Ethnography

(7) To view this entry online, visit http://www.iranicaonline.org/articles/baluchistan-i.

(8) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1979ع، ص 89.
(9) بروهي، داد محمد خادم، “بلوچستان سنڌي ٻوليءَ ادب جو اڀياس”، حيدرآباد، 2012ع، ص: 12
(10) Weekes, Richard V. (1984). Muslims Peoples: A World Ethnographic Survey; Second Edition, Revised and Expanded (Second ed.). Westport, Conn: Greenwood Press. p. 685.
(11) Jones, Allen Keith (2003). Politics in Sindh, 1907 - 1940: Muslim identity and the demand for Pakistan. Oxford: Oxford University Press. p. 4.
(12) Hussain, Ghulam (2 October 2022). "The politics of metaphor: traces of casteism and patriarchy in the work of Shah Abdul Latif". *Post colonial Studies*. **25**, Routledge: 469–488.
(13) ٻُٽ، الهرکيو، سمات، گلشن پبليڪشن حيدرآباد، 2003ع
(14) Grierson H.E., Linguistic Survey of India, Vol: VIII.
(15) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1979ع، ص 87-88
(16) بلوچ، نبي بخش، ٻيلاين جا ٻول، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 65

(17) بلوچ، نبي بخش، پيلاين جا پول، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 57
(18) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1979ع، ص 87
(19) بروهي، داد محمد ’خادم، “بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس”، حيدرآباد، 2012ع، باب ٻيون
(20) بلوچ، نبي بخش، پيلاين جا پول، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 58
(21) بلوچ، نبي بخش، پيلاين جا پول، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 64 – 65
(22) بلوچ، نبي بخش، پيلاين جا پول، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 56
(23) بلوچ، نبي بخش، پيلاين جا پول، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 68
(24) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979ع ص: 91
(25) بلوچ، نبي بخش، پيلاين جا پول، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 75-77
(26) Bellew, H.W, The Races of Afghanistan, Lahore, 1979 P: 65
(27) Hunter, W. M. Imperial Ghazetteer of India Vol: IX, Second edition, 1881, P: 44
(28) شيدائي، رحيم داد مولائي، تاريخ بلوچستان، بلوچ سيريز، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 61.
(29) https://sd.wikipedia.org/wiki/
(30) بلوچ، نبي بخش، پيلاين جا پول، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 85

(31) بلوچ، نبي بخش، ﭘيلاين جا ﭘول، ثقافت کاتو، حکومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 85
(32) ﭘناڻ، آغا نور محمد، رنڇ ۽ رڙيون، بارکان ۽ سنڌين سان هڪ شام، عوامي آواز ڪراچي، 23 آڪٽوبر 2016ع مقالو، فيس بوڪ آغا نور محمد ﭘناڻ جي وال تان، 24 آڪٽوبر 2020ع
(33) بلوچ، نبي بخش، ﭘيلاين جا ﭘول، ثقافت کاتو، حکومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 63-64
(34) بلوچ، نبي بخش، ﭘيلاين جا ﭘول، ثقافت کاتو، حکومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع ص: 36-38
(35) بلوچ، نبي بخش، ﭘيلاين جا ﭘول، ﭘيو ڇاﭘو، 23.
(36) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979ع ، ص: 89-90

باب ڏهون

جت، جاٽ، جدگال

جت هڪ وڏو نسلي گروهه آهي، جيڪو جت، جٽ، جاٽ، جدگال، رَط ۽ جيسي جي نالي سان به سڃاتو وڃي ٿو. سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو هي گروهه موجوده سنڌ، پنجاب، بلوچستان سميت

پاڪستان کان ٻاهر گجرات، راجسٿان، ايران سميت مختلف علائقن ۾ رهائش پذير آهي. بلوچستان ۾ جدگال صدين کان رهندڙ آهن ۽ اتان جا اصلوڪا رهواسي آهن. جدگال نسلي طور سنڌي آهن ۽ سندن ٻولي جدگالي سنڌي ٻولي جو هڪ لهجو آهي. جدگالي برادري سنڌ ۾ پاڪستاني بلوچستان سميت ايراني بلوچستان ۽ اومان ۾ به رهندڙ آهن. (1)۽ (2) هي اصل ۾ سنڌي برادري جت آهن، پر بلوچستان ۾ کين جدگال جو نالو ڏنو ويو. جنهن جو مطلب آهي، جد (جت) ۽ گال (ڳالهائيندڙ) يعني جتکي ڳالهائيندڙ ماڻهو. بلوچ تاريخدانن جدگالي لفظ اصل ۾ مڪران جي اصل رهواسي سنڌي ڳالهائيندڙن ۽ سندن ٻولي لاءِ استعمال ڪيو. جدگال بلوچستان جي گوادر، مڪران، بيلا ۽ پنجگور سميت ٻين علائقن ۾ رهائش رکندڙ آهن. (3) بلوچستان ۾ جدگال لفظ اصلوڪن سنڌين ۽ بلوچن وچ ۾ فرق کي سمجهڻ لاءِ به استعمال ڪيو ويندو آهي. (4) جڏهن عربن سنڌ تي حملا ڪيا ته جدگال مڪران جي ڪناري تي رهندڙ هئا ۽ هو عربن سان منهن مقابل ٿيا. (5)۽ 1998ع جي آدمشماري موجب پاڪستان ۾ هڪ لک ماڻهو سنڌي ٻولي جو جدگالي لهجو ڳالهائيندڙ هيا. (6) ڪجهه ٻولي ماهرن موجب لسٻيلي جي سنڌي برادري لاسين جي لهجي جو تعلق به جدگالي لهجي سان آهي. يعني سنڌي ٻولي جا ٻئي لهجا لاسي ۽ جدگالي هڪ ٻئي جي ويجهو آهن. (7)

جت يا جاٽ سنڌ جا اصلوڪا رهواسي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ برادري آهي. (8)۽ (9)۽ (10) بلوچستان ۾ رهندڙ جاٽ به سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ برادري ۽ اتان جا اصلوڪا رهواسي آهن. سنڌ جي جت برادري 3 وڏيڪ ننڍين برادرين ۾ ورهايل آهي.

هڪ لاڙائي جت، جن جا وڏا ماضيءُ □ اٺ چاريندا هئا. سندن زبان جتڪي سنڌي ٻولي جو پراڻو لهجو آهي. هي سنڌ جي لاڙ واري علائقي □ رهندڙ آهن. (11) هي برادري شاهه لطيف جي شاعري □ تمام گهڻي دلچسپي رکندي آهي □ گهڻا ماڻهو پٽ ڏڻي جي شاعري جا ياد حافظ آهن. جڏهن ته جتن جي هڪ برادري سنڌ جي ڇولي واري علائقي □ رهندڙ آهي. (12) جڏهن ته هڪ برادري سرائي جت سڏبا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي جتن کي بلوچ قرار ڏئي ٿو. هن ان ڏس □ هڪ ڪتاب "جتڪي ٻولي" لکيو. جنهن □ سندس راءِ آهي ته، "ٻين بلوچ قبيلن وانگر، جت قبيلا به ايران کان آيا، پر اهي ٻين سپني کان صديون اڳ □ سنڌ □ آيا □ سنڌ جا ٿي ويا. سندن سماجي نظام به بلوچن وارو سرداري قبائلي نظام آهي، □ انهيءَ نظام □ به هو ٻين بلوچ قبيلن سان پائيچاري □ آهن..... جتن بلوچن جي جت نالي کي سمجهڻ □ ٻاهرين لکندڙن کان غلطيون ٿيون آهن. ڇاڪاڻ جو ٻيا قبيلائي نالا جهڙوڪ: جاٽ □ جٽ، جت نالي سان ملن ٿا، پر انهن □ فرق ڪرڻ ضرري آهي." (13) تاريخدانن جي اڪثريت ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ سان سهمت نه آهي، محقق ان معاملي تي نبي بخش بلوچ تي نسلي عصبيت جو به الزام عائد ڪن ٿا. ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جي تاريخ لکندي بنا ڪنهن ٺوس ثبوتن جي سنڌ جي ڪيترين ئي ذاتين، برادرين □ شخصيتن کي بلوچ قرار ڏيندو رهيو آهي. ان ڏس □ ڄام نندي جي فوجي سپهه سالار دولهه دريا خان کي ڊاڪٽر بلوچ طرفان بنا ڪنهن ثبوت جي لاشاري ذات جو قرار ڏيڻ تي به تنقيد جو نشانو بڻايو پيو وڃي.

ڊاڪــٽر غلام علي الانــا پنهنجي مقــالي: “جت قوم، ان جي تاريخ، سنڌ ثقـافت ۾ انهن جي ڪـردار جـو اپيــاس” ۾ مختلـف ناميــارن محققن جهـڙوڪ: ڀارت جي عالم ڪالڪا رنجن ڪـانونگو، ڪرنـل ٽـاڊ، بيليو ، هنــٽر ، ائٽڪن ، ڊاڪــٽر ڊيگـرڊ ويســٽ فـال ، ڊاڪٽر هيـنز ويســٽ فـال ۾ ايليٽ جي حـوالن سـان لکي ٿو، ته جت اصلوڪا ڏکڻ سنڌ جا رهـاڪو لـوڪ آهن، جيڪي پوءِ ڪن سببن جي ڪـري، لڏپلاڻ ڪندا، ڌرتيءَ جي گهٽن ملڪن ۾پکڙجي ويا. (14) (15)

قلات جي والي مير احمـد يـار خـان جي راءِ مـوجب، جـدگال، بلوچســتان واري علائقي ۾، بلــوچ قبيلن ڪان اڳ آباد ٿيا هئـا. هـو لکي ٿـو: “اهـا مجيـل حقيقت آهي ته بلـوچ قـبيلا، بلوچسـتان جـا اصـلوڪا رهـاڪو نـه آهن، پـر مڪـران ۾ بلوچســتان ۾ بلــوچ قبيلن چوٿين صدي عيسويءَ کان اچڻ شروع ڪيو.” (16) (17)

ساڳي طرح برطـانوي اينٿروپلاجســٽ هيـنري والٽر بيليو جتن کي بلوچ قرار نه ٿو ڏئي. هو پنهنجي ڪتــاب “دي ريســز آف افغانســتان” ۾ لکي ٿــو تــه، “جت، ســـنڌو مـــاٿر جي هيٺـــئين خطي (لاڙ) جـــا اصلوڪا رهاڪو آهن ۾ هت ڪٿان بـه ٻـاهران ڪونـه آيا، بلڪ هتان ئي ڀين پاسن طرف پکڙيا.” (18)

جتن جي بــاري ۾ جــرمن مــاهرن ۾ محققن، ڊاڪٽر زيگ ويسٽ فال ۾ سندس زال ڊاڪٽر هـائينز ويسٽ فال جي راءِ پڻ وڏي اهميت واري آهي. هنن ٻنهي ماهرن، جتن جي اصـل نسـل ۾ حسـب نسـب توڙي لڏپلاڻ جي باري ۾ وڏي جاکوڙ ڪــري تحقيقي رپورٽ لکي آهي. هنن هن سلسلي ۾ جرمنيءَ کــان جتن جا اُبتا پيرا کنيـا ۾ مصـر، اُردن، عـراق، ايـران، افغانستان، بلوچستان، خيبرپختون خواهـه، لسـٻيلي،

پنجاب، ڪوهستان، اُتر سنڌ، لاڙ، ڪڇ □ راجستان □ جتن جي لڏپلاڻ وارا ماڳ □ مڪان ڏنا، اُنهن جا پار پتا پڇيا. انهيءَ تحقيق جي آڌار تي هو لکن ٿا ته، "جت برادري قديم سنڌ □، اسلام جي ظهور کان اڳ، لاڙ واري حصي، ڪڇ □ راجستان □ آباد هئي. هن برادري جا مختلف قبيلا □ پاڙا، اسلام جي سنڌ □ آمد کان اڳ، سنڌ مان لڏي بلوچستان، لس ٻيلي جي رياست، قلات جي رياست، ايران، عراق، اردن، عربستان □ اچا به اڳتي وڌي وڃي آباد ٿيا." (19) (20)

جتن کي عرب "زط" □ بلوچ "جدگال" سڏين ٿا. مولائي شيدائي عرب تاريخدانن جي ريفرنس سان لکي ٿو ته، "ترمذي باب الامثال □ بيان آهي ته حضور پاڪ صه جي صحبت □ عبدالله بن مسعود هڪ خاص شڪل واري جماعت ڏٺي هئي، جا جتن وانگر هئي. بقول طبري جنگ جمل وقت بصره جو خزانو حضرت علي رضه جتن جي نگراني □ رکيو هو." (21)

ناميارو تاريخدان ڊاڪٽر الهه رکيو ٻٽ جتن بابت لکي ٿو ته، "قديم دور □ سنڌوندي جي ڪناري تي 2 قومون (برادريون) رهنديون هيون. جن □ هڪڙي جاٽ ته ٻي ميد هئي. هندن جي قديم مذهبي ڪتابن رامائڻ □ مهاڀارت □ ميدن □ جاٽن جو ذڪر ملي ٿو. .. "جاٽ" لفظ ماڻهن جي زبانن تان ڦرندي "جت" ٿي ويو. انهيءَ قوم (برادري) جا ماڻهو اڄ به سنڌ □ وڏي تعداد □ موجود آهن □ اڄ به ساڳيو ڌنڌو ڪن ٿا. يعني لاڏو □ سواري جي اُٺن تي پاڙا ڪٽي پيٽ قوت ڪن ٿا. ريلوي □ موٽرن وغيره جي جاري ٿيڻ کان پوءِ اهي ماڻهو گهٽو ڪري کيتي □ مزدوري وغيره ڪرڻ لڳا آهن. مسلمانن □ "ميرجت" ان قوم (برادري) جو

سڌريل نالو آهي. هندن ان قوم وارا ماڻهو "جٽيا" سڏجن ٿا. يعني ڪلن رڳڻ جتين ٺاهڻ جو ڪم ڪن ٿا. (22) ان ڪري تاريخي ثبوتن جي آڌار تي جت، جدگال، جٽ هڪ ئي سنڌي برادري آهي. هيءُ برادري سنڌي قوم جو اڻٽٽ حصو آهي. جت نه صرف قديم دور موجوده سنڌ پر ڪڇ، ڪاٺياواڙ، پنجاب، موجوده بلوچستان يعني سنڌو ماٿري جي سرحدن اندر رهندا هئا. جتان ئي هو لڏپلاڻ ڪري افغانستان، ايران ٻين عرب ملڪن طرف ويا. هنن جتي به رهائش اختيار ڪئي، اتي پنهنجي سنڌي سڃاڻپ کي برقرار رکيو. سندن ماءُ ٻولي سنڌي وقت گذرڻ سان تبديليون اينديون رهيون آهن سندن ٻولي ٻين ٻولين جو اثر قبول ڪيو آهي. لهجا به بدلايا پر اڄ به هنن جي زبان مان نڪرندڙ لفظ سنڌي ٻولي جي ساک پرين ٿا.

حوالا سمجهاڻيون

(1) Jahani, Carina; Korn, Agnes; Gren-Eklund, Gunilla (2003). The Baloch and Their Neighbours: Ethnic and Linguistic Contact in Balochistan in Historical and Modern Times. Reichert. P. 172.

(2) "Pakistan Economist". October 1975.

(3) *Illustrated Weekly of Pakistan. Pakistan Herald Publications. 1964. P. 30. Jadgals who migrated from Sind via Bela to Panjgur.*

(4) Field, Henry (1970). *Contributions to the Physical Anthropology of the Peoples of India*. Field Research Projects. P. 197.

(5) Wink, André (2002). Al-Hind, the Making of the Indo-Islamic World: Early Medieval India and the Expansion of Islam 7Th-11th Centuries.

(6) ScholarlyCommons :: Home”. Repository.upenn.edu. Retrieved 2023-06-30.

(7) Delforooz, Behrooz Barjasteh (2008). "A sociolinguistic survey among the Jagdal in Iranian Balochistan". In Jahani, Carina; Korn, Agnes; Titus, Paul Brian (eds.). *The Baloch and others: linguistic, historical and socio-political perspectives on pluralism in Balochistan*. Wiesbaden: Reichert Verlag. pp. 27-28, 23–44. See also:

Jahani, Carina; Korn, Agnes; Titus, Paul Brian (2008). The Baloch and Others: Linguistic, Historical and Socio-political Perspectives on Pluralism in Balochistan. Reichert Verlag. p. 28.

(8) Butt, Allah Rakhio (1998). Papers on Sindhi Language & Linguistics.

Institute of Sindhology, University of Sindh. p. 280
(9) Khushalani, Gobind (2006). Chachnamah Retold : An Account Of The Arab Conquest Of Sindh. Bibliophile South Asia.
(10) Allānā, G̱ẖulām ʻAlī (1986). Sindi Culture: A Preliminary Survey. Indus Publications. pp. 3 and 100.
(11) Cheesman, David (2013-12-16). Landlord Power and Rural Indebtedness in Colonial Sind. New Delhi, India, Asia: Routledge. p. 36.
(12) Pirzada, Din Ali (1995). Growth of Muslim Nationalism in Sindh: Parting of Ways to Pakistan. Mehran Publishers.
(13) بلوچ، نبي بخش، جتڪي ٻولي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2003ع، ص: 9-10
(14) شيدائي، رحيمداد خان مولائي، سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2020ع ص: 34-35
(15) ڀٽ، الهه رکيو، سماٽ، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، 2003ع، ص: 22-26
(16) شيخ، محمد سومار، لاڙ جا ماڳ مڪان، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2019ع، ص: 21
(17) الانا، غلام علي، لاڙ جي ادبي ۾ ثقافتي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو، 1977ع
(18) Autobiography Mir Ahmed Yar Khan, “Inside Balochistan” Karachi, 1975

(19) شيخ، محمد سومار، لاڙ جا ماڳ مڪان، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2019ع، ص: 21

(20) Bellew, H.W, The Races of Afghanistan, Lahore, 1979 P: 02

(21) Westphal, Sigrid & Heinz Westphal, Jats of Pakistan, Berlin, Duneker and Humbort, 1964, P. 97

(22) شيخ، محمد سومار، لاڙ جا ماڳ مڪان، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2019ع، ص: 21

باب يارنهون

ايران جا سنڌي جدگال

ايران جي ڏکڻ اوڀر وارن علائقن دشتياري (Dashtyari) ۾ چابهار (Chabahar) ۾ سنڌي برادريون جدگال ۾ جيسي (رومانوي) هزارين سالن کان آباد آهن. دشتياري جو علائقو ايران جي سيستان بلوچستان صوبي ۾ آهي. دشتياري کي 2018ع ۾ انتظامي طور چابهار ڪائونٽي کان الڳ ضلعي جي حيثيت ڏني وئي. هن علائقي ۾ وڏي انگ ۾ سنڌي برادريون رهندڙ آهن. (1) جيڪي سنڌو ماٿري مان لڏپلاڻ ڪري اتي وڃي آباد ٿيا. بلوچي ٻولي ۾ جدگالي انهن ماڻهن کي ڪوٺيو ويند آهي. جيڪي جتڪي زبان ڳالهائيندا آهن. جنهن جي معنى آهي. جد (جت) گالي (ڳالهائيندڙ). اهڙي طرح جتڪي ڳالهائيندڙن کي جدگالي سڏيو ويندو آهي. جدگالي ڪا هڪ برادري ناهي پر بلوچستان ۾ رهندڙ هر سنڌي برادري کي جدگالي قرار ڏنو ويندو آهي. ان ڪري "جدگالي" ٽرم کي وسيع مفهوم ۾ سمجهڻ گهرجي.

جدگالي قديم سنڌي جت آهن ۾ چيو وڃي ٿو ته صدين کان اتي آباد آهن ۾ ان ڪري انهن جي ٻولي کي جدڳالي سڏيو وڃي ٿو.(2)_ ايران ۾ جدگالين کي سردارزهي به (Sardarzahi) سڏيو ويندو آهي. ايران جي 2008ع جي آدمشماري موجب اتي 25 هزار جدگال رهندڙ آهن.(3) جيڪي ايران جي سيستان، ڪرمان، هرموزگان ۾ ايراني بلوچستان وارن علائقن ۾ رهندڙ آهن. (4) (5)

جيئن ته اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته جدگال ڪنهن هڪ سنڌي برادري جو نالو ناهي، پر ان ۾ مختلف سنڌي برادريون شامل آهن. جن ۾ اگاريا، مانڊٽا، ٻُرا، گنگا، رونجها، مسور، شيخ ،

صابرا ۾ سومرا سميت پيون سنڌي برادريون شامل آهن. سڀ برادريون پاڻ کي جدگال نـه سـڏائيندڀون هيون، پـر بلـوچي ڳالهائينـدڙ انهن کي جـدگال (جـدا گال) يعني غير بلوچي ڳالهائيندڙ سڏيندا هئا، جـدگال برادريون پاڻ کي گڏيل طور تي نِمَڙ به سڏائين ٿا.

ايـران جي سيسـتان ۾ بلوچسـتان صـوبي ۾ جـــدگالن جـــو هڪ خانـــدان ســـڏا زهي (ســـڏاٽي) دشتياريءَ جو حـاڪم هـو، سـندن مختلـف علائقن ۾ جنگي ۾ دفاعي قلعا هئا، جن ۾ پائو جو قلعو جيڪــو پائوءَ جي نئين (ندي) وٽ هو، ٻيو ديرمـاڻ جـو قلعـو جيڪو تلانگ ۾ هو، ان کان سـواءِ ٻين مختلـف جـاين تي سندن قلعا ۾ مورچ۾ ٺهيل هئـا. جهـڙوڪ پونـو ۾ فتح علي قلات جيڪـو خـانزئي قـبيلي جي هٽ هيٺ هو، ۾ اهي خانزهي پونو جا مـير سـڏجن ٿـا، جيڪي اصل ۾ سرڪوب جي علائقي جـا رهواسـي جـدگال آهن.

دشتياريءَ تي جـدگالن جي حڪمـراني ايـران جي شهنشاه محمد رضا پهلويءَ جي والد شاه رضا خـــان (جنم 15 مـــارچ 1878ع- وفـــات 26 جـــولاءِ 1944ع) جي دور تـائين قـائم رهي. ان کـان اڳ بـه ايران جي حڪمرانن ۾ جدگالين ۾ ويڙهيون هلنديون رهيون. ايرانين ڪڏهن به جدگالين جي ان علائقي ۾ الڳ حڪمراني کي قبول نه ڪيو. (6) (7)

جدگالن مان جيڪي جـدگال مسـقط عُمـان ۾ رهن ٿـا سـي عمـان جي وڏن وڏن عهـدن تي فـائز آهن. جهـڙوڪ: پـوليس جــو اڳوٽــو سـربراه ميجـر لشڪران بن شاه بيگ الزدجالي جيڪو لـڳ ڀـڳ 60 سالن تائين پوليس آفيسر رهيو، سـندس عمـر 110 کان وڌيڪ هئي. هو 3 سـلطانن جي حڪـومت واري دور ۾ ان عهدي تي رهيو. سلطان قابوس بن سـعيد

جي لکيل عماني شرفاءَ جي تعارفي ڪتاب ۾ ميجر لشڪران بن شاهه بيگ الزدجالي جو نالو سپ ڪان پهريون لکيو ويو آهي. لشڪران کي شاهه لطيف جي شاعريءَ جي ڀ□ گهڻي ڄاڻ هئي. ان کان سواءِ سلطان قابوس جي رائل گارڊ جو سربراهه ميران بن سبيل الزدجالي (جدگال) هو، جنهن جو سمورو خاندان جدگالي ڳالهائي ٿو ۽ سندس سلسلو ديرماڻ سان آهي.

دشتياريءَ جا جدگال مير

مڪران جي جدگال ميرن ۾ هڪڙا خان زئي (خاناڻي) آهن، جيڪي پونو جي فتح علي ڪوٽ ۾ رهن ٿا ۽ ٻيا اميري جيڪي ديرماڻ ۽ تلانگ ۾ رهن ٿا. انهن ٻنهي مير خاندانن جي سڌاٽين سان سڱاوتي ۽ مائٽي آهي. خانزئين جو دفاعي قلعو پونو ۾ فتح علي قلات جي نالي سان هو. پونوءَ جي طاقتور ميرن ۾ آخري مير نوازاڻ (نواز خان) خانزهي هو ۽ ايران سان ٿيل جنگ وارن ڏينهن ۾ مير نوازاڻ جا ٻار ٻچا پائو قلات کان پائوءَ واري نئين (ندي) ٿيي هينئروڪي مَندِ سُروءَ کان ٿيندا لسٻيلي کان سنڌ ۾ داخل ٿيا هئا. ان قافلي جو اڳواڻ مير نوازاڻ جو پٽ مير نواب خانزهي هو، جنهن خانزهي قبيلي جي ٻارن ٻچن کي وقتي طور تي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ رهائش لاءِ پکيڙي ڇڏيو. انهن مان مير عيسيٰ خانزئي، مير موسيٰ خانزئي ۽ مير داد محمد سڏوزئيءَ جو اولاد گهڻ ڏينهن تائين ملير ۾ درساٽي چني جي درمحمد ڳوٺ ۾ رهيو.

مير نوازاڻ (مير نواز خان) کي مير نواب ۽ مير چراغ نالي ٻ□ پٽ هئا. ايرن ۾ جنگين سبب مير نوازاڻ جو پٽ مير نواب جيڪو پنهنجي خاندان جي

عـورتن ۽ ٻـارن جي قـافلي کي سـنڌ وٺي آيـو هـو، تنهن کي واپسـيءَ ۾ محمـد نـالي سـندس ئي بـاڊي گـارڊ ڀـائو نـديءَ ۾ قتـل کـري ڇـڏيو. جـڏهن مـير نوازاڻ کي خبر پئي ته ان گارڊ محمــد کي فتح علي قلات ۾ هڪ کاٺ جي ٿنڀ ۾ ٻڌي ڇڪَ مِٽي ۾ رڙن ۾ ٻکـــرين جي ڏاس (وار) وجهي ڀـــاٽيءَ ۾ مِلائي کيس جيئرو ئي دفن کرائي ڇڏيو هو، بعد ۾ ان جي لاش کي ٻئي هنڌ دفن کـرايو ويو. گهڻا جدگال اڄان تـائين اتي فتح علي قلات ۾ رهن ٿـا، سـندن هـوتن، بليـــدين، سيســـادين، گـــورگيچين. گچکين ۽ ٻين بـرادرين سـان سـڱاوتي ۽ مـائٽي آهي، جيکـا نيک شهر، قصرقند ۽ چانپ تـائين به پکڙيـل آهي. جنهن کـري هـاڻي کـئي جـدگال بلـوچي ڳالهـائين ٿـا. جهـڙوڪ: سـردار حميـد الله سـردار زهي جـدگال سـردار هونـدي به عـام طـور تي بلـوچي ٻـولي ڳالهائيندو هو ۽ بلوچي شاعري به کندو هو.

بحــرين جي عــربي کتــاب “تــاريخ خليج” ۾ تفصيلي طور تي دشتياريءَ جـو ذکـر موجـود آهي، جيکو بحرين جي حاکم خليفي عيسـىٰ بن سـليمان الخليفه جي حکم تي لکيـو ويـو آهي. ان کتـاب ۾ دشتياريءَ کي بحـرين جـو حصـو ڄاڻـايو ويـو آهي ۽ اتي جي حاکمن کي بحرين جو ڊل پريندڙ لکيو ويــو آهي. عــربي کتــاب “تــاريخ خليج” بــالامر خليفه عيسـىٰ بن سـليمان الخليفه. جـو ترجمـو سـلطان قابوس لائبريري مسقط ۾ موجود آهي.

جڏهن ته ايـران ۾ جـدگالي بـابت هڪ کتـاب “توصيف جامع زبان جـدگالي” فارسـي ۾ شـايع ٿيـو آهي. (8) ايـران ۾ جـدگالي بـابت ڇپيـل کتـاب جي تعارف ۾ لکيـل آهي تـه، “اهـا تحقيـق 2013ع کـان وٺي ايران جي ڏکڻ اوڀر واري علائقي چابهـار شـهر ۽ ان جي پرپاسـي وارن علائقن ۾ مکـران سـمنڊ

جي ڪناري تي ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ "دشتياري" ۽ "پلان" سيڪشن شامل آهن. "جدگالي" ٻولي سيستان بلوچستان صوبي جي ڏکڻ ۾ عام مڪاني ٻولين مان هڪ آهي. هن تحقيق ۾ جدگالي ٻوليءَ جي جامع تشريح جنهن ۾ صوتياتي، لسانيات ۽ صوتياتيات؛ جدگالي ٻوليءَ جي گرامري ڍانچي تي بحث ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ فعل، صفت، اسم، اڳڪتي وغيره شامل آهن."

ناميارِي اديب محمد علي محمدي جدگالي ٻولي جي باري ۾ ايران مان ڇپيل مضمون جو فارسي زبان مان ترجمو ڪيو آهي. جيڪو پڙهندڙن لاءِ هتي پيش ڪجي ٿو.

"جدگالي ٻولي دشتياري ۽ باهو علائقي ۾ عام ٻولين مان هڪ آهي، جيڪا چابهار شهر جي علائقن جهڙوڪ: جدگل آباد، آتش آباد، ڪنارڪ ۽ پسير جي پرپاسي ۾ آهي. جدگال سيستان ۽ بلوچستان صوبي جي ڏکڻ ۾ ۽ ساموندي ڪناري تي واقع آهن. هن ٻوليءَ جي ساخت بلوچي کان بلڪل مختلف آهي ۽ اها پاڪستان ۾ سنڌي ٻوليءَ سان تمام گهڻي ملندڙ جلندڙ آهي.

جدگالي سيستان ۽ بلوچستان صوبي جي ڏکڻ ۾ چابهار، سرباز ۽ ڪنارڪ شهرن ۾ رهن ٿا، يعني بهڪلات، دشتياري، ڪنارڪ شهر، چابهار شهر ۽ راسڪ ۽ سرباز شهرن ۾ آهن. جدگال قبيلو ڏکڻ سيستان ۽ بلوچستان ۾ سڀ کان وڏو قبيلو سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو خود سردار زاهي، بلوڪ زهي، مبارڪي، ابوالفتح وغيره ۽ ورهايل آهي. جدگالي ٻولي هرمزگان صوبي جي بستڪ شهر ۾ خلوس ۽ گتاو نالي ٻن ڳوٺن ۾ به ڳالهائي ويندي آهي. مناب شهر ۾ اهڙا ڳوٺ آهن جيڪي جدگال

آهن، پر اهي هاڻي جادگل نڻا ڳالهائي سگهن. عمــان ۽ جدگالي آهن جيڪي عربي ڳالهائين ٿــا ۽ جــدگالي انهن جي پهرين ٻولي آهي. جدگالي، انهن قبيلن جي مــاڻهن جي ٻــولي، ســنڌ جي مڪيــه ٻــولين مــان هڪ آهي.”(9) (10) (11)

<u>حوالا ۽ سمجهاڻيون</u>

(1) Delforooz, Behrooz Barjasteh (2008). "A sociolinguistic survey of among the Jagdal in Iranian Balochistan". In Jahani, Carina; Korn, Agnes; Titus, Paul Brian (eds.). The Baloch and others: linguistic, historical and socio-political perspectives on pluralism in Balochistan. Wiesbaden: Reichert Verlag. pp. 23–44.

(2) پناڻ، آغا نور محمد، رنج ۽ رڙيون، سنڌ ڪان ٻاهر رهندڙ سنڌين جي ٻه سارَ لهو!!، عوامي آواز ڪراچي، 2 آڪٽوبر 2016ع

(3) Delforooz, Behrooz Barjasteh (August 15, 2008). "A sociolinguistic survey among the Jadgal in Iranian Balochistan". The Baloch and Others: Linguistic, Historical and Socio-Political Perspectives in Pluralism in Balochistan (Conference). Wiesbaden: Reichert: 23–43.

(4) Jahani, Carina (2014). "The Baloch as an Ethnic Group in the Persian Gulf Region". The Persian Gulf in Modern Times. New York: Palgrave Macmillan. pp. 267–297.
(5) "Documentation of the Jadgali language | Endangered Languages Archive". www.elararchive.org. Retrieved 2024-03-11.
(6) ماڪا، محمد قاسم (سوشل ميڊيا)
(7) محمدي، محمد علي (سوشل ميڊيا)
(8) https://ketab.ir/book/86d71238-d9fd-4b43-8c9d-185a86f9db2d
(9) محمدي، محمد علي (سوشل ميڊيا)
(10) لياقت بن سيد محب علي (سوشل ميڊيا)
(11) لياقت علي شاهه مسقط اومان، (سوشل ميڊيا)

باب ٻارنهون

ميد (مهاڻا)

لسٻيلي ۾ ميد (مهاڻا) هڪ وڏي سنڌي برادري آهي. جيڪا سونمياڻي خاص ڪري سمنڊ ڪناري وارن علائقن ۾ رهائش پذير آهي. ميد سمنڊ مان مڇي جو شڪار ڪندا آهن ۽ ٻيڙيون ۾ مڇي

جي شڪار جو سامان ٺاهڻ جا به ماهر آهن. جـڏهن ته ميد ساموندي سفر جي حوالي سـان بـه مشـهور آهن. (1) هنن ماضــيءَ ۾ ســمنڊ جهــاڳي مختلــف ملڪن ۾ وڃي رهــائش اختيــار ڪــئي. تاريخــدانن موجب ميد بلوچن جي مڪران ۾ اچڻ کان اڳ اتــان جا اصلوڪا رهواسي هيا. (2)۔ (3) ميد مڪــران جي ســـــاموندي علائقي جي وڏي ۾ وڏي آبــــادي آهن. جڏهن ته ميد ۾ جاٽ سـنڌو درياهـه جي ڪنـاري تي به آبـاد هيـا. هنن ٻنهي قـبيلن / بـرادرين جي پـاڙ ۾ گهرو ويڙهه به ٿينـدي رهنـدي هـئي. جـڏهن يونـانين سنڌ تي حملو ڪيو، ان وقت ميـد اورمـاڙا بندرگاهـه جي علائقي ۾ رهندا هئا. ان وقت اورمـاڙا سـنڌ جـو علائقو هو. (4)

تاريخدان ان ڳالهه تي متفق آهن ته ميد بلـوچ ناهن. جيئن ڪجهـه بلـوچ تاريخـدان ميـدن کي بلـوچ نسل جـو قـرار ڏين ٿـا. آمـريڪي پروفيسـر اينـڊري ونڪ پنهنجي ڪتـاب ۾ لکي ٿـو تـه، “جيتـوڻيڪ ميـد برادريءَ جي اصليت بابت ڪجهه ابهام موجـود آهي، پر اهـا پڪ آهي تـه اهي غـير بلـوچ نسـل مـان آهن. مڪران ۾ بلوچن جي لڏپلاڻ کان اڳ جا آباد آهن.” (5) اتلي يونيورسٽي جو پروفيسر ڊاڪٽر صـابر بـادل خان به ساڳي راءِ جـو آهي تـه ميـد بلـوچ نسـل جـا ناهن. (6) ميد برادري تي عـرب تاريخـدانن اهـو بـه الزام عائد ڪيـو آهي تـه هنن راجـا ڏاهـر جي دور ۾ عربن جي سـاموندي ٻـيڙن کي ڦريـو ۾ عـورتن کي يرغمال بنايو هو. (7) جـڏهن عـربن سـنڌ تي قبضـو ڪيو ته ميدن سندن خلاف جنگي ڪارروايون جـاري رکيـون. عـرب تاريخـدانن ابن حوقـل ۾ الادريسـي موجب 9 صدي عيسوي ۾ ميدن منصوره جي عـرب گـــورنر جي حڪـــومت خلاف ڪيـــئي ڪـــارروايون ڪيون.

ناميارو تاريخدان ڊاڪٽر الهه رکيو ٻٽ ميدن بابت لکي ٿو ته، “قديم دور ۾ سنڌو ندي جي ڪناري تي 2 قومون (برادريون) رهنديون هيون. جن مان هڪڙي جاٽ هئي ته ٻي ميد هئي. هندن جي قديم مذهبي ڪتابن رامائڻ ۾ مهاڀارت ۾ ميدن ۾ جاٽن جو ذڪر ملي ٿو. ميد سنڌ جي جهازران قوم (برادري) هئي ۾ سندن ذڪر “مهاڀارت” يعني 1400 ق م کان شروع ٿئي ٿو. اهي ميد ميربحر هيا، جن سرانديپ جي جهازن کي ديبل وٽ ڦريو هو.” (8)

چچ نامي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته، “ديبل بندر ميدن جو مرڪز هو. عرب مورخن جي حوالن مان گمان نڪري ٿو ته مڪران، ديبل ۾ ڪاٺياواڙ جي ڪناري تي رهندڙ اهي قومون، جن جو پيشو ئي ڌاڙا هڻڻ ۾ ڦرون ڪرڻ هو، تن مڙني کي “ميدن” جي نالي سان سڏيو ويو آهي. ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته سنڌ جا ميد غالبن سنڌ جي سامونڊي ساحل جي ميربحر هيا.” (9)

ميد سنڌ جا اصل رهواسي آهن. جيڪي مختلف دورن ۾ مختلف نالن سان سڏيا ويندا هئا. هو سمنڊ ۾ درياهه جا بادشاهه يعني ميربحر به سڏبا هئا. سنڌ ۾ اڄ به مڇي مارينڌڙ ۾ ٻيڙا هلائيندڙن کي ميربحر ڪوٺيو وڃي ٿو. سندن اصل ڪرت مڇي مارڻ، ٻيڙيون هلائڻ ۾ سمنڊ جو سينو چيري وڃي ڏورانهن ڏيهن تي نڪرڻ هو. سندن ذڪر مهاڀارت يعني 1400 ق. م کان شروع ٿئي ٿو. هي قوم ويدڪ زماني کان سنڌو درياهه جي ڪپ تي رهندي هئي ۾ ڦرلٽ تي گذارو هوندو هو. جهاز رانيءَ جي فن کان واقف هئي. ڪجهه تاريخدانن جو خيال آهي ته ميد ڪڇي گنداواه خطي مان لڏي مڪران وڃي ويٺا (10) جتي هو ايراني نار کان وٺي

ملبـار تـائين جهـاز راني ڪنـدا هئـا. ميـدن ۾ چـل مـارزئي شـاخ پـاڻ کي لاسـي سـڏائي ٿي، جيڪـا لسپيلي ۾ رهنـدي آهي ۾ گزبـر شـاخ پـاڻ کي بلـوچ سڏائي ٿي ۾ ارمـاڙي پـاڻ کي افغـان سـڏائين ٿـا. (11)

داد محمـــد خـــادم بـــروهي پنهنجي ڪتـــاب “بلوچسـتان ۾ سـنڌي ٻـوليءَ ۾ ادب جـو اپيـاس” ۾ لکي ٿو ته “سنڌ جي هن قديم برادري (ميد) کي هن خطي جي ســخي تنگــاهي جي درگاهــه تي گهڻــو اعتماد آهي. گوادر جي هڪ ڪتبي مان پتـو پـوي ٿـو ته، سندن اصل وطن ڪڇي آهي. جتي سنڌ کان آيا. مـيربحر، مـاچي ۾ سـولنگي ميـدن جـون شـاخون آهن. مڪران خطي ۾ تمام گهڻي تعـداد ۾ آبـاد آهي. (12) ميـدن جـون گهـڻيون رسـمون ۾ رواج آفريڪـا جي ماڻهن جهڙا آهن، پر عجب جهڙي ڳالهه آهي تــه رســمن جي ادائگيءَ وقت هــو جيڪي گيت يــا راڳ ڳائيندا آهن. اهي سڀ سنڌي ٻوليءَ ۾ هونــدا آهن.” (13)

<u>حوالا ۽ سمجهاڻيون</u>

1. Badalkhan, Sabir (2002). "Coastal Makran as Corridor to the Indian Ocean World". *Eurasian Studies*. 1/2. Università degli Studi di Napoli, "L'Orientale": 237–262.
2. Badalkhan, Sabir (2002). "Coastal Makran as Corridor to the Indian Ocean World". *Eurasian*

Studies. 1/2. Università degli Studi di Napoli, "L'Orientale": 237–262.

3. Wink, André (2002). "The frontier of al-Hind". In Wink, André (ed.). *Early Medieval India and the Expansion of Islam: 7th–11th Centuries*. Al-Hind: The Making of the Indo-Islamic World. Vol. I. Brill. pp. 109–218.
4. https://encyclopediasindhiana.org/
5. Wink, André (2002). "The frontier of al-Hind". In Wink, André (ed.). *Early Medieval India and the Expansion of Islam: 7th–11th Centuries*. Al-Hind: The Making of the Indo-Islamic World. Vol. I. Brill. pp. 109–218.
6. Badalkhan, Sabir (2002). "Coastal Makran as Corridor to the Indian Ocean World". *Eurasian Studies*. 1/2. Università degli Studi di Napoli, "L'Orientale": 237–262.
7. Wink, André (2002). "The frontier of al-Hind". In Wink, André (ed.). *Early Medieval India and the Expansion of Islam: 7th–11th Centuries*. Al-Hind: The Making of the Indo-Islamic World. Vol. I. Brill. pp. 109–218.

.8 ٻٽ، الهه رکيو، سماٽ، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، 2003ع، ص: 22-26

(9) ٻٽ، الهه رکيو، سماٽ، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، 2003ع، ص: 22-26

(10) انور رومان پروفيسر، مترجم: ”بلوچستان ڪي قبائل“،جلد ٻيو, گزيٽيئر بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87-1986ع، ص 398

(11) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1979ع، ص 135.

(12) بروهي، داد محمد خادم، “بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس”، حيدرآباد، 2012ع، باب 5

(13) https://library.sindhila.org/kitab?number=57&view=1399#_ftn47

باب تيرنهون

سبي: سنڌين جو تاريخي شهر

سبي جو علائقو هزارين ورهين کان سنڌ جو حصو رهيو آهي. ان ڳالهه جون تاريخي شاهديون موجود آهن ته سبي شهر جو بنياد وجهندڙ سنڌي هئا. ان متعلق داد محمد خادم بروهي لکي ٿو ته، “هن علائقي تي راجا دسترٿ جي زماني ۾ سيرا

خاندان جي حڪومت هئي، جنهن مان ”سيوي“ نالي هڪ راجڪماري سبيءَ تي حڪومت ڪندي هئي، جنهن جي نالي پٺيان شهر جو نالو ”سيوي“ مشهور ٿيو، جيڪو هزارين سال گذرڻ جي باوجود اڄ تائين قائم آهي.(1) (2)

ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت ۾ هي خطو سندس سرڪار جي سرحدن ۾ شامل هو. سنڌ جي سرحدي پرڳڻي چانڊڪا جو تختگاهه لاڙڪاڻي ڪي مقرر ڪيائين. جڏهن هن وفات ڪئي ته وصيت ۾ سبي ۽ ڪڇيءَ وارو علائقو پنهنجي پٽ ميان مراداياب خان ڪي ڏنو هئائين. ان طرح ڏسجي ٿو ته هي خطو گهڻو وقت سنڌ جي حڪمرانن جي هٿ هيٺ هو. ڇو جو هو پنهنجي حڪومت درويشي پيري ۽ مريديءَ جي بنياد تي قائم رکيو ايندا هئا. (3)

مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو ته: “سبيءَ جو قديمي نالو اُتي جي رهندڙ قوم اڳئين زماني ۾ “سيوس” جي لقب سان ملقب هئي، جتان جي گاديءَ جي هنڌ جو نالو ڪاڪا راج هو، جيڪو بعد ۾ ”سيوي“ مشهور ٿيو.” (4) لالا هيتورام لکي ٿو ته: “سيوا” نالي هڪ مشهور راجا هن ملڪ جو حاڪم هو. سيوي شهر به ان آباد ڪيو هو، ان ڪري ان تي “سيوي” نالو مشهور ٿيو. (5)

راجه ڌنراشٽر جي راڻي گنڌاري، جيڪا ڪورن جي ماءُ هئي، سا گنڌارا پرڳڻي جي راجڪماري هئي. مٿيون حڪومتون ويدڪ زماني کان پوءِ جي زماني ۾ ٿي گذريون آهن. “ڪڇيءَ” جو نالو رامچندر جي پٽ “ڪس” جي ڪري پيو. مهاڀارت ۾ رامائڻ جي زماني ۾ سنڌ تي سورج ونسي راجائن جي حڪومت هئي. (6)

انهن راجـائن جيڪي شـهر تعمـير ڪرايـا، تن مان ڪي اڄ تائين موجود آهن، جهڙوڪ: شبي راجـا جي سبي (سـيوي)، بـاغ نـالي راجـا جي "پاڳنـاڙي" وغـيره. (7) سـيوا خانـدان تي اهـو نـالو هڪ ديوتـا "مش وارا" تان پيـو، جنهن جي معـنيٰ آهي "پهـاڙن وارو ديوتـا". اهـو نـالو "مش وارو" ڪـان بگڙنـدي "مشوا"، "شيوا" "سـيوا" تبـديل ٿيـو آهي. (8) آغا نصير خـان احمـد زئي لکي ٿـو تـه: "سـبيءَ جـو شهر اٽڪل ٽي هزار سال قديم آهي. (9)۔ جنهن جـا حاڪم سيوا خاندان جا هندو هئا." (10)

<u>حوالا سمجهاڻيون</u>

(1) Balochistan Through the Ages (Gazetter) 1901 AD, P. 159

(2) بروهي، داد محمد 'خادم'، "بلوچستان سنڌي ٻوليءَ ادب جو اڀياس"، حيدرآباد، 2012ع، ص: 12

(3) بروهي، داد محمد 'خادم'، "بلوچستان سنڌي ٻوليءَ ادب جو اڀياس"، حيدرآباد، 2012ع، باب ٻيون

(4) ٺٽوي، مير علي شير قانع، تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص 331.

(5) لالا هيتورام، "تاريخ بلوچستان"، بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا، ص 1973ع، ص 15- 368.

(6) سمٿ، وي اي، "ارلي هسٽري آف انڊيا"، آڪسفورڊ، 1914ع، ص 97.

(7) شيدائي، رحيم داد خان مولائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 32.
(8) نصير، ميرگل خان، ”بلوچستان کي کهاني شاعرون کي زباني“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1976ع، ص 2.
(9) زئي، آغا نصير خان احمد، مقالو، “سيوي” ماهوار اولس، ڪوئيٽا، اپريل 1958ع، ص 25.
(10) زئي، آغا نصير خان احمد، مقالو، “سيوي” ماهوار اولس، ڪوئيٽا، اپريل 1958ع، ص 25.

باب چوڏهون

مڪران: سنڌين جو سرحدي مورچو

مڪران قديم سنڌ جو سرحدي علائقو رهيو آهي. قديم دور کان سنڌ جو مڪران رستي ايران سميت عرب ملڪن سان واپار هلندو هيو. مڪران جي علائقي مان ئي سنڌي ݪلهائيندڙن جي وڏي آباديءَ لڏپلاڻ ڪري نه فقط ايران جا پٽ وڃي وسايا پر ان کان به اڳتي عرب ملڪن طرف وڃي آباديون قائم ڪيون. جڏهن ته مڪران جي سرحد

ڪان ئي سنڌ تي ايـرانين عـربن جـا حملا بـه ٿينـدا رهيا. سنڌ تي ان طرف ڪـان جيڪـو بـه پـرڏيهي وار ٿيندو هو، ان جو پهريون گهاءُ مڪـران کي برداشـت ڪرڻو پوندو هو. مڪـران سنڌي ڳالهائيندڙ مختلـف برادريون آبـاد رهيـون آهن، نـه فقـط ماضـيءُ پـر هـاڻي بـه سـنڌي ٻـولي ڳالهائينـدڙن جـو وڏو انـگ مڪـران رهنـدڙ آهي. ان سلسـلي ڊاڪـٽر غلام علي الانا موجب، "لس ٻيلي ڪان سـواءِ مڪـران تي بـه سـنڌ سـنڌ جي حڪمـرانن جـو تسـلط رهيـو آهي. .. انهيءَ ايراضيءَ سنڌي ٻوليءَ جي پکڙجڻ سبب سنڌي قبيلن جي، روزانه زندگي، وڻج واپار، سماج سماجي ڪارگـذارين حڪـومت اهميت سبب بلـوچي ٻـوليءَ تي پڻ سـنڌي ٻـوليءَ جـو اثـر ٿيو." (1)

راءِ گهراڻي سنڌ تي 450ع ڪـان 642ع تـائين حڪومت ڪئي. هن گهراڻي جي پهرين حڪمران راءِ ديوائج (راءِ ديوراج) ڪـان پـوءِ، راءِ سـيهرس گـاديءَ تي ويٺو. راءِ ديوراج پنهنجيءَ سلطنت جـون حـدون، اولهه طرف ڪرمان تائين اتر طرف سـوات ڪـان اڳتي ڪابل تائين وڌايـون. سـندس وفـات ڪـان پـوءِ سندس پٽ، راءِ ساهسي پهـرئين ڪـان پـوءِ سـندس پٽ راءِ سـيهرس ٻيـو، تخت تي ويٺـو. هن لس ٻيلي ڪان وٺي اڳتي مڪران تائين سمنڊ جي ڪناري وارن بنـدرن تـائين پنهنجيءَ سـرحد کي مضـبوط ڪيـو، انهن کي زور وٺايائين. " (2)۔ هن اروڙ ديبـل بنـدر کي تمـام گهڻـو زور وٺـايو. هن جي حڪـومت جـون سرحدون اپرندي طرف ڪنوج تائين، الهندي طــرف مڪران تائين، اتر طرف ڪشمير تائين، اُتر – اولهــه طرف قنڌار، سيستان ڪوهه سليمان جي سـرحد تائين هيـون. سـندس تخت گاهـه اروڙ هـو. ان وقت ايران جي بادشاهه نيمروز سنڌ تي چڙهائي ڪئي،

مڪــران تــائين اچي رســيو هــو. (3) جــڏهن راءِ سيهرس کي اها خبر پئي تـڏهن هـو پنهنجـو لشـڪر وٺي مغربي سرحد تي اچي پهتو. سخت جنــگ لڳي، جنهن ۾ راءِ سيهرس وطن تان وارجي ويو. (4)

راءِ سيهرس جي مـرڻ کـان پـوءِ سـندس پٽ راءِ ساهسي ٻيو بادشاهه بـڻيو. جنهن ڏينهن سـندس پيءُ پنهنجي وطن لاءِ ســر ڏنــو ان ڏينهن کــان هن ”سـنڌ آزاد سـال“ شـروع ڪيـو، يعـني هن فتح جي يـادگيري لاءِ “سـنڌي سـن” يعـني “سـنڌي ڪـال” سوپ واري ڏينهن کان شروع ٿيو. اهو ڏينهن چـوٿين مــارچ 450ع هــو. هن همت ۽ مــردانگيءَ ســان پنهنجي حڪومت کي وڌايو ۽ وسيع ڪيو. قنڌار کـان وٺي ڪرمان تائين سندس حڪومت جون ســرحدون هيــون. انهن ســرحدن جي نشــانبندي ڪــرائي. هن ڪرمان ۾ پنهنجو خاص لشـڪر مقـرر ڪيـو. پنجـاب کان وٺي قنڌار تائين سندس لشـڪر موجـود هونـدو هو، جن ۾ اروڙ جا کتري اڪثريت ۾ هوندا هئا.

راءِ خانــدان بعــد راجــا چچ ســنڌ حڪــومت سنڀالڻ کان پوءِ 636ع ۾ اولهه طرف حملو ڪيائين. هن هنگلاج واري پاسـي، مڪـران ۽ ڪرمـان تـائين غلبو حاصل ڪيـو. (5) هـو پـاڻ ڪرمـان تـائين ويـو، پنجپور نالي قلعي کي نـئين سـر تعمـير ڪـرائڻ جـو حڪم ڏنائين. (6) اتان پـوءِ ڪرمـان ۾ حـدون مقـرر ڪــري اتي نشــان طــور پــتر هڻايــائين ۽ ڪتبــو پڻ لڳايائين. پوءِ توران کان ٿيندو، قنڌار پهتو. (7)

چچ جو تخت گاهه پڻ اروڙ هو. سـندس مـرڻ کان پـوءِ سـندس ڀـاءُ چندرسـين تخت تي ويٺـو. هن بلوچستان ۾ ڪنراج کان اوريان، ۽ وندر کان پريـان، هڪ قلعــو اڏايــو، جنهن جــو نــالو “بــالي ڪــوٽ” رکيائين، جتي پنهنجي لشڪر جي ڇانوڻي بنايائين، ۽

ساموندي بندر پڻ تعمير ڪرايائين. (8) اڳتي ارم بيلا يعني لس ٻيلي کي زور وٺايائين. پوءِ مڪران وارا قلعا مضبوط ڪرائي. ڪرمان تائين، پنهنجيءَ سرحد کي مضبوط ڪيائين. (9) هن سمنڊ جي ڪناري وارن بندرگاهن جي سڌاري تي گهڻو ڌيان ڏنو. ان ڪري واپار ۾ به واڌارو ٿيو، ۽ ڏيساورن مان مال گهڻي انداز ۾ اچڻ لڳو. (10)۔ جڏهن 643ع ۾ عربن سنڌ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا هئا، ان وقت مڪران وارو خطو، سنڌ جي حڪومت جي حدن ۾ هو. (11)

چندرسين جي مرڻ کان پوءِ ڏاهر بادشاهه ٿيو. هن سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي واپاري رستا جوڙايا، ۽ واپار کي همٿايائين. اهي واپاري رستا، اولهه طرف ڪرمان تائين ۽ اوڀر طرف ڪنوج تائين هئا.

جڏهن 712ع ۾ محمد بن قاسم سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن به مڪران وارو علائقو انتظامي لحاظ کان سنڌ سان شامل ڪيو ويو هو. (12) مڪران جي علائقي ۾ سنڌين جو جدگال قبيلو مختلف پاڙن ۾ ورهايل آهي. جن ۾ رئيس، ڪينگيزئي، مهدي زئي، بند، ڪوڙڪ ۽ سنگر شامل آهن. (13)۔ مڪران ضلعي ۾ عام طور چار ٻوليون مادري زبان طور ڳالهايون وينديون آهن. اهي آهن: بلوچي، جدگالي، لاسي ۽ لوري چيني يا لوڙي چيني يعني لورا برادري جي ٻولي.(14) جدگالي ٻولي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. هيءَ ٻولي انهن خطن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي جتي جدگال يا سندن پاڙا ۽ شاخون آباد آهن، جدگاليءَ کان سواءِ لاسي ٻولي به هن خطي ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

جدگال قبيلا، سندن پاڙا □ شاخون، تـوڙي ٻيـا ڪيترائي سنڌي (لاسي) ٻولي ڳالهائيندڙ قبيلا سـڄي مڪـــران □ پکڙيـــل آهن. اهي ڪيچ □ پنجگـــور جي واديءَ، تربت، ڪلانچ، ڪولـوا □ گـوادر جي آسـپاس آباد آهن. اهڙي طرح ايران □ باهو □ دشتياريءَ □ به جــدگال □ ٻيــا ســنڌي گهڻــا رهن ٿــا. (15) جيڪي هزارين سالن جي گذرڻ جي باوجود انهيءَ حصي □ پنهنجي ٻـولي قـائم رکنـدا اچن. ان ڳالهـه □ ڪوبـه وڏاءُ ناهي ته مڪران سـنڌين جـو سـرحدي مورچـو رهيـو آهي. هن مـورچي تـان سـنڌين پنهنجي وطن جي حفاظت لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن.

<u>حوالا □ سمجهاڻيون:</u>

(1)الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لسـاني جـاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 102-103

(2) بکري، مير معصوم، تاريخ معصومي، ڪراچي سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع، ص 11، □ پڻ ڏسو: چچنامو، 1954ع، ص 21.

(3)بکري، مير معصوم، تاريخ معصومي، ص 11،

(4)چچنامو، 21.

(5)چچنامو، ص 65

(6)ڪتري، رامچند ايس، شري هنگلاج جي ياترا، ص 177.

(7)ڪتري، رامچند ايس، شري هنگلاج جي ياترا، ص 177.

(8)ڪتري، رامچند ايس، شري هنگلاج جي ياترا، ص 177.

(9)ڪتري، رامچند ايس، شري هنگلاج جي ياترا، ص 177.

(10)District Census Report of Makran District, 1961, pp. 1-14.
(11)Khan, Mir Ahmed Yar, Inside Baluchistan, Op. Cit. p. 54.
(12)الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 105
(13)شيدائي، مولائي، جنت السنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ 1958ع، ص 95.
(14)شيدائي، مولائي، جنت السنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ 1958ع، ص 22.
(15)Baluchistan Gazetter, p.58.

باب پندرنهون

بلوچستان ۾ سنڌي ٻولي جا لهجا

سنڌي ٻولي جون پاڙون 5 هزار سال کان بــه وڌيڪ آڳــاٽي سـنڌو مـاٿري جي سـڀيتا ۾ کتـل آهن. موجوده سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بٽيـاد سـنڌو سـڀيتا جي دور واري اها قـديم ٻـولي آهي، جيکـا قـديم زمـاني کان هتي رهندڙ ماڻهو ڳالهائيندا هئا. (1)

ٻوليءَ جا ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته پراڻي (پروٽو) سنڌي ٻولي ئي سنڌو سڀيتا جي وارثن جي ٻولي هئي. پروٽو سنڌي ٻوليءَ جون خاصيتون هندستان جي ٻين ٻولين ۾ هجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته انهن ٻولين جو اصل بڻ بڻياد پروٽو سنڌي هئي. (2)

سنڌ جو ٻولي ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌو سڀيتا کي هن خطي جي اصلوڪي تهذيب قرار ڏيندي، ان جي زبان کي به هتان جي مقامي ۾ اصلوڪي ٻولي “سنڌو زبان“ (Sindhu language) قرار ڏئي ٿو. ڊاڪٽر الانا موجب سنڌو زبان ڪيترين ئي مقامي ٻولين جي شاخن ۾ ورهايل هئي. سنڌو زبان جون اهي ٻوليون انهن خطن ۾ ڳالهايون وينديون هيون، جتي هو رهائش پذير هئا. (3)

اڄ جو پاڪستان قديم دور جي سنڌو سڀيتا جي سرحدي حدبندين اندر وجود رکي ٿو. سنڌو سڀيتا جون سرحدون فقط اڄوڪي پاڪستان تي مشتمل نه هيون، پر ان ۾ اڄوڪي انڊيا جو وڏو حصو به شامل هيو. ايئن چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته اڄ جو پاڪستان اصل ۾ سنڌو ماٿري جي وارثن جو ملڪ آهي ۽ سنڌ جي سرحدن تي جوڙيل آهي. (4)

جيئن ته بلوچستان قديم دور کان سنڌ جو حصو رهيو آهي، ان ڪري بلوچستان ۾ سنڌي ٻولي هزارين سالن کان استعمال هيٺ رهندي آئي آهي ۽ اتان جي رهواسين جي مادري زبان رهي آهي.

موجوده بلوچستان سنڌ جي سرزمين تي قائم ٿيل صوبو آهي. جنهن بابت خود بلوچستان جا

سياسـتدان، تاريخـدان □ اينٿروپلاجسـٽ بـه متفـق آهن. ان سلســلي □ قلات رياســت جــو اڳوڻــو حڪمران خان اعظم، مير احمد يار خان پنهنجي آتم ڪٿا □ ان ڳالهه جو اعتراف ڪري ٿو ته، “حقيقت □ بلوچ قبيلا بلوچستان جا اصـلوڪا رهـاڪو نـاهن، هن خطي □ اهي چـوٿين صـدي عيسـوي □ اچڻ شـروع ٿيا.” (5) مير احمد يار خان بلوچستان کي ٻن ٻـولين وارو صــوبو تســليم ڪــري ٿــو. ســندس مــوجب، “بلوچستان □ ٻه – ٻوليـائي (دو – زبـاني) قـبيلا جـام رهن ٿا. هن جي راءِ موجب هن صوبي □ جملي ڇهه ٻوليون ڳالهايون □ سمجهيون وينديون آهن.” (6)

بلوچستان □ وقت گذرڻ سان سنڌي ٻــولي □ اتي موجـود ٻين ٻـولين جي اثـر سـبب تبـديليون بـه اينـــديون رهيـــون آهن. هن وقت بلوچســـتان جي مختلف علائقن □ سنڌي ٻولي جي ڪيئي محـاورا يـا لهجا موجود آهن.

ڊاڪــٽر عبــدالجبار جــوڻيجي پنهنجي ڪتــاب، “ٻـوليءَ جي مـاهيت” □ بلوچسـتان □ سـنڌي ٻـولي جي محــاورن بــابت لکيــو آهي تــه، “بلوچســتان □ سنڌيءَ جا مکيه محاورا هي آهن: فراڪي، ڪيتراني، جـدگالي، گـوادري، اورمـاڙي □ لاسـي. پنجـاب جي سرحد سـان مـاڇڪو هڪ اهم محـاورو آهي. ڪڇ □ ڪڇي، گجرات □ ميمڻي □ ڪاٺيـاواڙي محـاورا آهن، جيڪي هاڻ سنڌ □ خاص طـور ڪـراچي □ حيـدرآباد جا ڪيترا رهاڪو ڳالهائين ٿا. جڏهن ته موجوده سنڌ جي ايراضيءَ انـدر سـنڌي ٻـولي جـا 3 اهم محـاورا موجود آهن. جن □ سريلي (اترادي)، وچولو، لاڙي □ ٿـري شـامل آهن.” (7) پـر پـاڻ هـتي بلوچسـتان □ موجود سنڌي ٻولي جي مهـاورن بـابت ڳالهـه ٻولهـه ڪنداسين.

لاسي محاورو

ڊاڪٽر نـبي بخش خـان بلـوچ پنهنجي ڪتـاب "ٻيلاين جـا ٻـول" ۾ لکي ٿـو تـه، "ٻيلي جي ٻـولي پنهنجي جاگرافيـائي بيهڪ مـوجب مختلـف زبـانن جي ميزبــان ٿي رهي آهي. انهيءَ ڪــري منجهس لغوي جاذبيت جهجهي آهي. لس ٻيلي جو (لاســي) محــاورو پنهنجي ڏڪڻ واري لاڙي محــاوري ســان ڪنهن حد تائين ربط ۾ آهي؛ پر ته بـه هن ۾ اڪـثر رواجي حرڪات کي وڌايـو وڃي ٿـو. "نـه تـه" کي "ناتي" ڪري ڪم آڻجي ٿـو. (8) جـيئن ڪبيرشـاهه ٿو چوي:

ڪا ڪل پييم ڪانهه وڃڻ جي ناتي هوت آءٌ
هوشياري هئي.

ڪبيرشاهه، سنڌ جو شاعر هو ۽ هتـان ڪهي ٻيلي جي شــاعر شــيخ ابــراهيم ســان مــارڪو (معرڪو- مقابلو) ڪرڻ ويو هو. لاسي محــاوري ۾ به اوســرڳائي موجـود آهي. تنهنجي بـدران توجـو، ٻاجهه بدران ٻاج چون. ڪن لفظن ۾ زائـد نـون جـو آواز ڪڍن ٿا. سـاجهر بـدران سـانجهر ۾ سـتر کي سنتر چون. 'و' ڪن لفظن ۾ "پ" سان بدلجي ٿو ۽ ايئن وينو بدران پينو چون. 'ي' بـه اڪـثر "ج" ۾ بدلجي ٿي. جيئن ياد بدران جاد چون (لاڙ ۾ زاد بـه چون). يتيم کي جتيم چون، اِهـو بـه لاڙي محـاوري ۾ آهي. اڪـثر 'ذ' بـه 'ج' ۾ بـدلجي ٿـو. مثلا: ذات کي جات چون. (ويندي ڏانهن پرين، جتي جـات نـه پائيان- شاهه لطيف).

لاسي محـاوري جـون ڪي نحـوي خوبيـون، بلوچسـتان جي سـنڌي محـاورن سـان ملن ٿيـون،

جن ۽ ڪيتراني فراڪي ۽ جـدگالي اچي وڃن ٿـا. (9)

<u>فراڪي محاورو</u>

سنڌي ٻولي جو فراڪي محاورو سـبيءَ سـان واسطو رکي ٿو. هن کي وطني ۽ ملڪي بـه سـڏين ٿا. هن جي ايراضيءَ بـابت ڊاڪـٽر داد محمـد خـادم بـروهي لکي ٿـو: “سـبي، سـنڌ جي سـرحدي شـهر جيڪب آباد کان اٽڪل هڪ سؤ ميل اتر اولهه ۾ آهي. اڳوڻي ڊويزن جي حساب سان هن ۾ سـبي، ڪڇي، نصيرآباد، ڪوهلو ۽ ديره بگٽيءَ جا ضلعا شامل هئـا. هتان جا نوي سيڪڙو ماڻهو سنڌي مادري زبان طور ڳالهائيندڙ آهن. (10)، (11) سبيءَ جي هن محاوري تي نالي پوڻ جو سبب ڄاڻائينـدي ڊاڪـٽر داد محمـد لکي ٿو: “هي لفظ فراغ (وسـيع) مـان ورتـل آهي ۽ وسـيع علائقي ۾ رائج آهي. وقت گـذرڻ سـان سرائيڪي، بروهڪي ۽ پناڻڪي جي لفظي اثـر هيٺ فراڪي سڏجڻ ۾ آيو.” بقول ڊاڪـٽر داد محمـد جي هي محاورو سبيءَ جي ڇـوڌاري ڍاڍر، تلي، ڪـڙڪ، مـال، صـافي ۽ مـزري ۾ بـه موجـود آهي. (12) ان سان گڏ جهل مگسي، روجهـاڻ جمـاليءَ ۾ مگسـي، جمـالي، خـاڪواڻي ۽ رئيسـاڻي قـبيلا بـه سـنڌي ڳالهائينـدا/ ڄاڻنـدا آهن. روزانـو ڪاروبـار جي عـام زبان به سنڌي (فراڪي) آهي. فجڪ ڳـوٺ جـا پٺـاڻ پشتو سان گڏ سنڌي به ڳالهائيندا آهن.

سبي علائقي ۾ سوئي ڳوٺ کان وٺي لسٻيلي تائين هڪ سـؤ ميـل ويڪـري ۽ پنج سـؤ ميـل ڊگهي ايراضيءَ ۾ اصـلوڪيون سـنڌي ذاتيـون صـدين کـان وٺي آبـاد آهن، جن ۾: ابـڙا، ٻـوهڙ، ٻـپر، ٻـرڙا، اعـواڻ، ٻلال، پنهيـار، پنهـور، پنگـر، تنيـا،

چــنڙ، چوهــاڻ، چــاچڙ، ڏيــالي، ڏنگــر، رڏ، ريــٽي، ســماجي، ســيال، ســومرا، ســيانچ، ســيلاچي، شــيخ، ڪنپر، ڪورائي، ڪــوري، ڪــولاچي، ڪــوڪر، گوپانــگ، ملڪ، مــاچي، مــوچي، اڙهــا، نــائچ ۽ نــاوڙا ۽ هنــدو ذاتيــــــــون اچي وڃن ٿيــــــــون. هنن ذاتين جي مــادري ٻــولي ســنڌي آهي. هــتي جي رهنــدڙ بگــٽي، مري ۽ رند قبيلن به ثانوي ٻوليءَ طور سنڌي ٻوليءَ کي اپنــايو آهي. ڪڇي (گنداواهــه) جي گهٽــو ڪــري ســپني ذاتين جي مــادري ٻــولي ســنڌي آهي. ڪڇي ضــلعي جي جهت پٽ تعلقي جي ڳــوٺ فتح پــور ۽ سنڌي ٻوليءَ جا به مشهور صوفي شاعر سيد رکيل شاهه ۽ سندس فرزند سيد چــيزل شــاهه ٿي گــذريا آهن، جن جي آخري آرمگاهه به اتي ئي آهي.

ڪڇي ضــلعي ۾ رهنــدڙ ســڄيءَ آبــاديءَ جي مادري ٻولي سنڌي آهي، پر بلــوچي ۽ ســرائڪي بــه ڳالهــائين. ون يــونٽ واري دؤر ۾ نصــيرآباد ســب ڊويزن اُسته محمد تعلقو ۽ پاسي وارا خطــا، جيڪب آباد ضلعي سان شامل ڪيــا ويــا هئــا. ون يــونٽ جي ٽٽڻ ڪــان پــوءِ اهي حصــا واپس ڪڇي ضــلعي ســان شامل ڪيا ويا، اتي سنڌي اسڪول پڻ ڪوليا ويا هئا، ۽ ٻارن جي تعليم سندن مــادري زبــان يعــني ســنڌي ذريعي ڏيڻ جــو بندوبســت پڻ ڪيــو ويــو هــو. ٻــولي ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانــا جي راءِ آهي تــه، ســبي، ڪڇي ضلعن ۽ قلات، جهالاوان، ايراضــين ۾ ســنڌي زبان جي مطالعي لاءِ ضروري آهي ته اوسته محمد، روجهــاڻ، گنــداخو، هــديرو، مگســين جي ڳــوٺن، ڀاڳناڙي، فتح پور، ديرا بگٽي، سبي، ڊاڍر، مســتونگ، قلات ۽ جهــالاوان جي خطن جــو مطــالعو ڪجي. (13)

كيتراني

بلوچستان ۾ سنڌي ٻولي جو هڪ لهجو كيتراني آهي. هي محاورو بلوچستان ۾ لورالائي جي ايراضي باركان ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هن جون پاڙيسري زبانون بلوچي ۾ سرائيكي آهن. كيترانيءَ تي بقول ڊاڪٽر داد محمد جي ته پشتو جو اثر نمايان آهي. هن محاوري جي نسبت كٽياڻ قبيلي سان ڇئي وڃي ٿي. هي سماٽ ذات آهي. كٽياڻ بگڙي كيتران ٿيو. (14) (15) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ موجب باركان جا كيتران اصل ۾ سنڌي كٽياڻ آهن.

جدگالي محاورو

بلوچستان ۾ جدگال صدين كان رهندڙ آهن. جدگال نسلي طور سنڌي آهن ۾ سندن ٻولي جدگالي سنڌي ٻولي جو هڪ لهجو آهي. جدگالي برادري سنڌ ۾ پاڪستاني بلوچستان سميت ايراني بلوچستان ۾ اومان ۾ به رهندڙ آهن. (16) (17) هي اصل ۾ سنڌي برادري جت آهن، پر بلوچستان ۾ كين جدگال جو نالو ڏنو ويو. جنهن جو مطلب آهي، جد (جت) ۾ گال (ڳالهائيندڙ) يعني جتكي ڳالهائيندڙ ماڻهو. بلوچن جدگالي لفظ اصل ۾ مكران جي اصل رهواسي سنڌي ڳالهائيندڙن ۾ سندن ٻولي لاءِ استعمال كيو. جدگال بلوچستان جي گوادر، مكران، ٻيلا ۾ پنجگور سميت ٻين علائقن ۾ رهائش ركندڙ آهن. (18) بلوچستان ۾ جدگال لفظ اصلوكن سنڌين ۾ بلوچن وچ ۾ فرق كي سمجهڻ لاءِ به استعمال كيو ويندو آهي. (19)۔ 1998ع جي آدمشماري موجب پاڪستان ۾ هڪ لک ماڻهو سنڌي ٻولي جو جدگالي لهجو ڳالهائيندڙ هيا. (20) كجهه ٻولي ماهرن موجب لسٻيلي جي سنڌي برادري

لاسين جي لهجي جو تعلق بـه جـدگالي لهجي سـان آهي. يعـني سـنڌي ٻـولي جـا ٻـئي لهجـا لاسـي ۾ جدگالي هڪ ٻئي جي ويجهو آهن. (21)

ڪوهستاني لهجو

سنڌي ٻـولي جـو ڪوهسـتاني لهجـو موجـوده بلوچســتان جي ضــلعي خضــدار ۾ ملي ٿــو. هي محاورو سنڌ جي ضلعي دادو، ڄامشوري ۾ ڪراچي جي اولهـه واري حصـي ۾ بلوچسـتان جي سـرحدن اندر ڳالهايو وڃي ٿو. هن علائقي ۾ سـنڌي ٻـولي تي براهوي ۾ بلوچي ٻولين جو اثر آهي. داد محمد خادم بروهي پنهنجي ڪتاب “سـبي جي ٻـولي” ۾ لکي ٿـو ته، “هن علائقي جا ماڻهو سنڌي ٻـولي سـمجهي تـه سگهن ٿـا پـر ڳالهـائي ڪونـه ٿـا سـگهن. جـڏهن تـه سرائيڪي زبان چڱي طـرح ڳالهـائي وڃن ٿـا. (22) هن علائقي ۾ بلوچ، بروهي ۾ سـماٽ بـرادرين ڪـان علاوه هنــدو ڪــافي تعــداد ۾ موجــود آهن. جيڪي سنڌي ڳالهائيندا آهن. سنڌي ٻولي جي هن محـاوري تي ڪوهسـتاني نـالو بـه پهـاڙي علائقي جي نسـبت سان پيل آهي. (23)

سنڌي ٻولي اصل ۾ پاڪستان جي اهـا اڪيلي اصلوڪي زبان آهي، جيڪا لڳ ڀڳ سـڄي ملڪ جي سرحدن اندر ڳالهائي ۾ سمجهي وڃي ٿـو. رحيم داد مـولائي شـيدائي لکي ٿـو تـه، “پاڪسـتان ۾ سـنڌي زبان جو دائرو ڪشـمير ڪـان ڪيچ تـائين ۾ ٿـر ڪـان وٺي مڪران تائين وسيع آهي.” (24)

بولان ڪـان وٺي سـبي تـائين سـنڌي اتـان جي رابطي جي زبان آهي ۾ اتان جا ٻروچ، بروهي، پٺـاڻ ۾ ڄـاموٽ پـاڻ ۾ جـڏهن ڳالهـائن ٿـا تـه هـو سـنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڇهري ڪن ٿا. لسٻيلو تـه “گـڏاٽي” ڪـان

وٺي “ڪنڊ ملير” تائين سمورو سنڌ آهي. جنهن ۾ ڳڏاڻي، سونمياڻي، وندر ۽ ڪنڊ ملير جا خوبصورت بندرگاهه آهن ۽ اتان جا چڱا مڙس ڄام ۽ ڀوتاڻي آهن. هي علائقو هجي يا سبي جو علائقو هجي يا صحبت پور يا ڊيرا مراد جمالي هجي، اهي سڀ سنڌي ٻولي جا علائقا آهن.

اڄ به گوادر ۾ به سئو کان وڌيڪ سنڌي خواجن جا خاندان رهن ٿا ۽ سنڌي ڳالهائين ٿا. ان کان علاوه ڇٽا، ٻرڙا، ماڇي، شيخ، پنگر، سومرا، اوستا، پٽا، ابڙا، ڪاڪيپوتا، چلگري، رونجها، ڪيتران، خجڪ سنڌي ڳالهائيندڙ آهن. لوٽي قبيلن جي ته مادري زبان ئي سنڌي آهي. بارڪان جا ڪيتران بقول ڊاڪٽر بلوچ جي سنڌي ڪٿياڻ آهن. (25)

بلوچستان ۾ سنڌي ٻولي جي وڏن مهاورن سميت ڪجهه ننڍا لهجا يا مقامي لهجا به موجود آهن. خاص ڪري ڪجهه علائقن ۾ سنڌي ٻولي جو گوادري ۽ اورماڙي لهجو به موجود آهي. جن ڪي سنڌي ٻولي جا مقامي لهجا چيو وڃي ٿو. (26) گوادر ۽ اورماڙا ۾ سنڌين جي وڏي آبادي پنهنجا پنهنجا لهجا ڳالهائي ٿي. جيڪي جدڳالي ۾ ٻين لهجن کان ٿورو فرق رکن ٿا.

سبي ۽ گنداواهه (ڪڇي) علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو به اهميت لهڻي. هنن هنڌن تي سنڌ جو سياسي ۽ سماجي اثر اڳاتي دور کان موجود آهي. هي علائقا 450ع- 642ع ۾ راءِ گهراڻي جي حڪومت جو حصو هئا. چچ گهراڻي جي حڪومت به مڪران کان وٺي ڪرمان تائين ڦهليل هئي ۽ ان ۾ هي علائقا به اچي ٿي ويا. محمد بن قاسم جي سنڌ تي قبضي تائين هي علائقا سنڌ جي سرحدن ۾ شامل هئا. سمن

جي حڪومت ۾ به سبيءَ وارو خطو سنڌ ۾ شامل هو. مير چاڪر خان ۽ مير گهرام خان، ڇام نندي کان ڪڇ جو علائقو واپس ورتو هو. ميان يار محمد ڪلهوڙي به هي علائقا پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيا، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت به هنن علائقن تائين ڦهليل هئي. ميان نور محمد ڪلهوڙي ڪڇيءَ وارو علائقو پنهنجي مرڻ وقت وصيت ۾ پنهنجي پٽ ميان مرادياب خان ڪلهوڙي کي ڏنو. ٽالپرن جي وقت به سبي ۽ ڪڇيءَ وارا علائقا خيرپور وارن ٽالپرن جي حڪومت ۾ شامل هئا. مطلب ته سبي ۽ ڪڇي (گندا واهه) قديم وقت کان سنڌ جو حصو پئي رهندا آيا آهن. اهو ئي سبب آهي ته هتي سنڌي ٻولي وڏي ويجهي ۾ مادري زبان طور ڳالهائبي آئي آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) سنڌي، رڪ، سنڌو سڀيتا: آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو، حيدرآباد، 2024ع ص: 24-26

(2) سنڌي، رڪ، سنڌو سڀيتا جي اوسر، حيدرآباد، 2024ع ص: 123-124

(3) سنڌي، رڪ، سنڌو سڀيتا جي اوسر، حيدرآباد، 2024ع ص: 123-124

(4) سنڌي، رڪ، سنڌو سڀيتا جي اوسر، حيدرآباد، 2024ع ص: 131-133

(5) Autobiography Mir Ahmed Yar Khan, “Inside Balochistan” Karachi, 1975

ريفرنس: داد محمد خادم بروهي، سبي جي ٻولي، حيدرآباد، 1992ع، ص: 7

(6) Mr. Ahmed Yar hkan Baluch, Inside Baluchistan, an autobiography, Karachi, Royal Book company, 1975, pp. 4 and 5.

(7) جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار، سنڌي زبان جي ماهيت، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2006ع، باب چهون محاورا،

(8) بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، پيلاين جا ٻول، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1970ع (ٻيو ڇاپو) ص 73-74 .

(9) جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار، سنڌي زبان جي ماهيت، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2006ع، باب چهون محاورا

(10) بروهي، داد محمد خادم، سبيءَ جي سنڌي سندس اهميت، ثماهي مهراڻ 1981ع (3)، جولاءِ - سيپٽمبر 1981ع، ص: 18

(11) جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار، سنڌي زبان جي ماهيت، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2006ع، باب چهون محاورا

(12) بروهي، داد محمد (ڊاڪٽر)، سبي خطي سنڌيءَ جي مختلف محاورن جو مطالعو، ص:

(13) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 84-85

(14) جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار، سنڌي زبان جي ماهيت، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2006ع، باب چهون محاورا، ص:

(15) پناڻ، آغا نور محمد، رنج رڙيون، بارڪان سنڌين سان هڪ شام، عوامي آواز ڪراچي، 23 آڪٽوبر 2016ع مقالو، فيس بوڪ آغا نور محمد پناڻ جي وال تان، 24 آڪٽوبر 2020ع

(16) Jahani, Carina; Korn, Agnes; Gren-Eklund, Gunilla (2003). The Baloch and Their Neighbours: Ethnic and Linguistic Contact in Balochistan in Historical and Modern Times. Reichert. P. 172.
(17) “Pakistan Economist”. October 1975.
(18) *Illustrated Weekly of Pakistan. Pakistan Herald Publications. 1964. P. 30. Jadgals who migrated from Sind via Bela to Panjgur.*
(19) Field, Henry (1970). Contributions *to the Physical Anthropology of the Peoples of* India. Field Research Projects. P. 197.
(20) ScholarlyCommons :: Home”. Repository.upenn.edu. Retrieved 2023-06-30.
(21) Delforooz, Behrooz Barjasteh (2008). "A sociolinguistic survey among the Jagdal in Iranian Balochistan". In Jahani, Carina; Korn, Agnes; Titus, Paul Brian (eds.). *The Baloch and others: linguistic, historical and socio-political perspectives on pluralism in Balochistan*. Wiesbaden: Reichert Verlag. pp. 27-28, 23–44. See also:

Jahani, Carina; Korn, Agnes; Titus, Paul Brian (2008). The *Baloch and*

*Others: Linguistic, Historical and Socio-political Perspectives on Pluralism in Baloch*istan. Reichert Verlag. P. 28.

(22) بروهي، داد محمد خادم، سبي جي ٻولي، حيدرآباد، 1992ع ص: 5

(23) سمون، الهه بچايو يار محمد، سير ڪوهستان، حيدرآباد، 1971ع، ص: 122

(24) شيدائي، رحيم داد مولائي، جنت السنڌ، حيدرآباد، 1957ع ص: 22

(25) پٺاڻ، آغا نور محمد، رنج □ رڙيون، سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌين جي به سارَ لهو!!، عوامي آواز ڪراچي، 2 آڪٽوبر 2016ع

(26) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 134

باب: سورنهون

بلوچستان ۽ سنڌين جا مذهبي ماڳ

بلوچستان جي سرزمين سان سنڌ جي ماڻهن جون نه فقط لساني پر تهذيبي، ثقافتي ۽ مذهبي وابستگيون رهيون آهن. سنڌ جي هن قديم سرزمين تي ڪيترائي اهڙا ماڳ مڪان موجود آهن. جن سان سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جي جذباتي وابستگي آهي. مذهبي ماڳن ۾ لاهوت لامڪان جا تڪيا، شاهه بلاول نورانيءَ جي درگاهه ۽ هنگلاج جا مندر سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ عقيدتمندن جو آماجگاهه رهيا آهن. سنڌ جي ڌار ڌار حصن ۾ ڏورانهن ماڳن مان عقيدتمند ڪهي اچي هنن مذهبي آستانن تي حاضري ڀريندا آهن. شاهه بلاول نورانيءَ جو تڪيو ته لطيف سائين جي ڪلام جو هڪ اهم موضوع ٿي رهيو آهي. لاهوت لامڪان ڏانهن جوڳين ۽ سامين جا سفر سنڌي ثقافت جا خوبصورت نمونا آهن. بلوچستان جي ثقافتي ماڳن جي ذڪر کان سواءِ خود سنڌ جي ڪهاڻي اڌوري لڳندي.

<u>هنگلاج مندر</u>

بلوچستان جي علائقي لسٻيلي ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو وڏي ۾ وڏو زيارتي ماڳ هنگلاج ماتا جو مندر آهي. هنگلاج هنگول ندي جي ڪناري تي واقع آهي. هنگلاج ماتا کي هنگلاج ديوي، هنگلولا ديوي ۽ ناني مندر به چيو ويندو آهي. مسلمان ان کي امان هنگلاج، ناني هنگلاج يا مائي هنگلاج سڏيندا آهن. هندن جو عقيدو آهي ته پاروتي ماءُ جو ڪالي روپ آهي. مقامي مسلم روايتن موجب ته هنگلاج ناني، لاهوت لامڪان آئي هئي جتي چلو ڪاٽيو هئائين. لاهوت لامڪان ۽ شاهه بلاول نورانيءَ جي ماڳن ۾ مڪانن وانگر هنگلاج جا مندر پڻ سنڌين جا قديم تيرٿ آهن، جتي نانگا هلي اچي نانيءَ جي زيارت ڪندا آهن. هتي هر سال قديم زماني کان هزارين ياتري مختلف شهرن کان اچي رهندا آهن. جنهن ڪري هتي سنڌ جي هندن اوتارا، ڌرم شالائون ۽ مهمان سرائون جوڙايون آهن ۽ سندن طرفان سنپاليون ويندون آهن.

“وئا جي هنگلور ته ڪرمين ملندءِ ڪاپڙي”

سنڌ جون سنڌو ماٿري جي سپيتا واري دور کان لس ٻيلي واري علائقي، ان جي اتر ۽ اولهه طرف ايراني مڪران ۽ ڪرمان تائين سرحدون رهيون آهن. راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني سميت برهمڻ گهراڻي جي حڪومت ۾ به ڪرمان تائين، سنڌ جي حڪومت جي سرحد رهي آهي. ان ڪري انهن علائقن ۾ مختلف هنڌن تي ڌرمي آستان ۽ ماڳ مڪان رهيا آهن. اڄ به انهن ماڳن مڪانن ۾ ڌرمي آستانن جي وارثي سنڌي ڳالهائيندڙ ڪري رهيا آهن ۽ اتي پنهنجي سنڌي زبان جو ڦهلاءُ ڪيو آهي.

راءِ گهراڻي جي حاڪم راءِ ديوائج، هنگلاج جي مندرن جي مرمت ڪرائي ۾ هڪ ٻيو مندر قلات جي جبلن اندر ٺهرايائين(1). اهڙيءَ طرح هڪ مندر لس ٻيلي کي ڪجهه مفاصلي تي جبلن ۾ ٺهرايائين، جنهن کي گندراٺي به چوندا هئا، جنهن جو اصلي نالو راٺڪ ديوي هو. راجا چچ حاڪم ٿيڻ کان پوءِ، مڪران جي سرحد ٺيڪ ڪرڻ لاءِ، پهرين ارمابيل (لس ٻيلي ۾) آيو، جتي هو پنهنجي نواب سان ملي واپس روانو ٿي ويو. (2) شاهه لطيف پٽائي پنهنجي شاعري ۾ هنگلاج جو ڪيئي ڀيرا ذڪر ڪيو آهي.

جوڳي ٿين نه يار ڪنهين سين قريب ٿي
انئي پهر ان جي آهي “ناني” ڏانهن نهار

<u>لاهوت لا مڪان</u>

لاهوت لا مڪان موجوده بلوچستان جي خضدار ضلعي جي ساروڻو واري علائقي جي ٽاڪرُو سلسلي ۾ آهي. هي ماڳ قديم زماني کان سنڌ جي صوفين، جوڳين، سنياسين ۾ عارفن جي چلي ڪاٽڻ ۾ زيارت گاهه جو مرڪز رهيو آهي. سڄي سنڌ مان عقيدتمند قافلن جي صورت ۾ هن زيارت گاهه تي ايندا رهندا آهن، هتي هر وقت سنڌين جو ميلو متل هوندو آهي. هي ماڳ هر سال هزارين ياترين کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري ٿو. مختلف علائقن کان آيل ياتري لعل شهباز قلندر جي درگاهه کان شروع ٿي وادي ڏانهن پندرهن ڏينهن جي ياترا ڪن ٿا ۾ رستي ۾ ننڍن مزارن تي ترسي پوندا آهن. هن زيارت گاهه سان منسوب بزرگ جو تعلق سنڌ جي حڪمران چام

نظام الدين جي دور سان آهي. هي بزرگ سما دور ۾ ان علائقي ۾ وجي آباد ٿيو.

لاهوت جبل ۾ غار

لاهوت هڪ آبشار نما نهايت اوچي جبل تي غار وانگر جڳهه آهي. لاهُوت قديم زماني کان صوفين، جوڳين، سنياسين ۾ بزرگن جي چله ڪشي ۾ زيارت گاهه وارو آستان رهيو آهي. لاهوت لامڪان وارو ماڳ ڪراچي ۾ حب کان لاهوت ايندڙ روڊ جي اولهه ۾ بلند ٽڪريءَ تي آهي. لاهوت واري ماڳ تي رسڻ نهايت مشڪل ۾ اوکو ڪم آهي، جبل کي اُپيون چاڙهيون آهن. ڪٿي ته لوهي ڏاڪٽيون به لڳل آهن. لاهوت لا مڪان، شاهه بلاول نوراني جي مزار جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. اتان به لاهوت واري غار تي رسڻ لاءِ رستو آهي جيڪو ٽڪريون سر ڪندي لاهوت واري غار تائين اچي ٿو، پر اڪثر لاهوتي روڊ وٽان نڪرندڙ رستي سان لاهوت جي غار ڏانهن پنڌ ڪن ٿا. هيءُ رستو ور وڪڙ ڪائيندو خطرناڪ ٽڪريون عبور ڪندو، لاهوت واري غار ڏانهن وڃي ٿو. غار ۾ وڃڻ لاءِ لوهي ڏاڪڻ لڳل آهي. لاهوتي لوهي ڏاڪڻ وسيلي غار ۾ وڃن ٿا ۾ لاهوتي ٻڇي وڃن ٿا. لاهوت لا مڪان ۾ سيد بلاول شاهه نوراني جي علائقي ڏانهن ٻين علائقن کان رستا نڪرن ٿا. هڪ سيوهڻ شريف کان جهانگارا باجارا اچي ٿو. جتان نئيگ شريف ۾ نغاول کان ٿيندو دريجي پهچي ٿو ۾ پوءِ لاهوت اچي ٿو. ٻيو ڪراچي ناردرن باءِ پاس کان حب کان شاهه نوراني وڃي ٿو. ٽيون رستو ڪرچات کان به لاهوت لامڪان لاءِ نڪري ٿو. چوٿون رستو جوهي کان ٿندو رحيم خان لوهيءَ ۾ دريجي کان ٿيندو لاهوت وڃي ٿو.

سيد بلاول شاهه نوراني

سيد بلاول شاهه نوراني جي درگاهه بلوچستان جي ضلع خضدار جي تعلقي وڍ ۾ پب جبل جي وادي ۾ نئي جي ڪپ تي هڪ اوچي ٽڪريءَ تي آهي. هي بزرگ بلاول نوراني اصل موجوده سنڌ جو رهاڪو هو، 900هه/15هين صدي عيسويءَ ۾ لاهوت (لسپيلو) ويو، جتي هميشه لاءِ ترسي پيو. اهو ڳوٺ سندس نالي سان سڏجي ٿو. پب جبل جي هنج مان مٺي پاڻي جو چشمو وهي ٿو. سندس درگاهه زيارتين لاءِ هر وقت کليل رهي ٿي، پري پري کان عقيدتمند درگاهه تي اچي حاضري ڀريندا آهن. عام رايو آهي ته انهي علائقي ۾ پهرين گوڪل نالي هندو راڄ ڪندو هو، جنهن کان شاهه بلاول نوراني مقابلو ڪري اهو علائقو فتح ڪيو.

بلوچستان جي ضلعي لسپيلي جي 1907ع واري گزيٽ ۾ بلاول شاھ نوراني جو ذڪر ملي ٿو ته پاڻ 1495ع ۾ سنڌ کان سفر ڪري هن ماڳ تي آيو ۾ گوڪل نالي ديو جي باغ ۾ قيام پذير ٿيا. تحفته الڪرام جو مصنف مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو ته، “شاھ بلاول نوراني پنهنجي علائقي جا مجذوب شخص هئا ۾ انهيءَ جنون جي پيش نظر علائقي جي ماڻهن ۾ سندس پذيرائي وڌڻ لڳي، ۾ ماڻهو وٽس مرادون ڪٽي اچڻ لڳا. نئيگ شريف جي جيلاني خاندان وٽ روايت آهي ته شاھ بلاول نوراني جو تعلق نئيگ شريف جي جيلاني خاندان سان آهي. بلوچستان جي زيدي علائقي ۾ رهندڙ سندن ڀڙ ڏاڏو پير سيد ڪمال شاھ جيلاني ۾ شاھ بلاول نوراني پاڻ ۾ پائر هئا. شاهه بلاول نوراني زيديءَ مان سفر

ڪري اول سنڌ جي علائقي نئيگ شريف □ آيا، جتان سفر ڪري لاهوت واري علائقي □ رهائش پذير ٿيــا. نئيگ جي جيلاني خاندان جو درگــاهه شــاهه بلاول جي گادي نشيني □ به حصو آهي ته ان علائقي □ ســندن پيري مريدي پڻ آهي. سيد بلاول شاهه نــوراني ســيد گهراڻي جو چشم چراغ هئا. ســنڌ جي نئيــگ شــريف جو جيلاني خاندان پنهنجي حسب نسب □ سيد بلاول شاهه نوراني جو به ذڪر ڪري ٿو. ســيد بلاول شــاهه نـــوراني جي عـــرس جي مـــوقعي تي ســـڄي ملڪ منجهان ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن. عرس هر سال 10 رمضان تي منعقد ٿيندو آهي □ 3 ڏينهن جاري رهندو آهي. جنهن □ هر مذهب جا عقيدتمنــد شــريڪ ٿيــندا آهن. ميلي □ بازارون بــه لڳنــديون آهن. هــر طــرف جيئي شاهه جبل □ شاهه جا نعرا گونجندا آهن. **(3)**

<u>حوالا □ سمجهاڻيون</u>

(1) ڪتري، رامچند ايس، شري هنگلاج جي ياترا، ڪراچي، اچي قبر رامپارٽ روڊ، 74- 1973ع ص 172.

(2) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 86، 88

(3) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، ٻيلاين جا ٻول، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع مختلف باب

باب سترنهون

بلوچستان ۾ سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ

موجوده بلوچستان هزارين سالن کان سنڌ جو حصو رهيو آهي. سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ، بلوچستان سميت پاڪستان جي مڙني صوبن سميت افغانستان ۽ هندستان جي مختلف رياستن ۾ مليا آهن. ڇو جو اڄ کان ساڍا 9 هزار سال اڳ انهن مڙين ملڪن جا ڪجهه حصا سنڌو سڀيتا جي وارثن جي حڪومت هيٺ ۽ سرحدن ۾ شامل هئا. اسان هتي فقط موجوده بلوچستان ۾ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن جو ذڪر ڪنداسين. جن ۾ مهر ڳڙهه، ڪڙي گل محمد، دمب سادات، ستڪاجن در، نال، راڻا گنڊئي، بالاڪوٽ، دشتو، ستڪا ڪوهه، تربت، شاهي تمپ، واهل، بيلا، ڪولي، نندرا، نوڪجا شاهه، نندوري، ڪناڙ، ميهي، سرخ ڏنپ، خضدار، انجيرهه، پناٽي ڏمپ، ڪوترا، سياهه ڏنپ، قلات، گاند ڏمپ، ڪرتا، ٿوگائو، بابر ڪوٽ، شوجنگل، ڪناڙي، ڪيچي بيگ، ڪوئيٽا مري، مغل گنڊائي، پيراٽو گنڊائي، دبر ڪوٽ ۽ ٻيا شامل آهن. (1)

مهرڳڙهه

مهرڳڙهه جا قديم آثار موجوده بلوچستان جي بولان لڪ وٽ مليا آهن. فرانسيسي آرڪيالاجيڪل مشن جي ڊائريڪٽر ذان زيري تازو انهن قديم آثارن کي ڳولهي لڌو آهي، جيڪي نئين پٿر دؤر سان واسطو رکن ٿا. انهن آثارن جي عمر ساڍا 7 هزار ق – م مقرر ڪئي وئي آهي. ماهرن مهرڳڙهه کي ايشيا جي پهرين زرعي وسندي ڪوٺيو آهي. هتي جي رهاڪن سڀ کان پهريان هڪ زرعي

سماج جو بنياد وڌو ۾ ٻـنيون کـيڙي فصـل اپـائڻ جي شروعات ڪئي. (2) (3)

نال

موجـوده بلوچسـتان جي جهـالاواڻ علائقي ۾ نال جي قـديم آثـارن مـان شـهري تمـدن ۾ ڳوٺـاٽي ثقافت جي ٻنهي دورن جا آثار مليا آهن. سـر وهيلـر نال بـابت چـوي ٿـو تـه اتي جيڪـا تمـدن اپـري، سـا موهن جي دڙي کان اڳ جي آهي. (4) نال شهر جي کوٽـائي 1925ع ۾ مسـٽر هـارگريوز کـرائي. هي شهر به مختلف وقتن تي آبـاد رهيـو آهي. هن شـهر بابت هارگريوز جو پڻ اهو ئي رايو آهي ته هن شـهر جي اوائلي تهه تي هڪ ڳوٺاٽي بستي وسـيل معلـوم ٿئي ٿي. جتان پٿر جا اوزار لڌا ويا آهن. (5)

هتان مليل ٺکر جا ٿانون ۾ زيور هوبهو موهن جي دڙي ۾ هڙاپا مان مليل سامان جهڙا آهن. ٿانون تي سنا چٽ ۾ سهٽيون شڪليون چٽيل آهن. کوٽـائي دوران ٿـامي ۾ ڪٽ جـا ٿـانو ۾ هٿيـار بـه مليـا آهن. سندن گهرن جي پيڙهه پـٿر جي هونـدي هـئي. انهن گهرن مان مهرون، پٿر جا زيور، ۾ مٽيا لـڌا ويـا آهن. جڏهن ته سندن گذر سفر پوکي راهي ۾ مال چـارڻ تي هوندو هو.

ڪڙي گل محمد

ڪڙي گل محمد جا قديم آثار ڪوئيٽا شهر کان 3 ميلن جي فاصـلي تي آهن. نيچـرل هسـٽري ميـوزم آف آمريڪـا جي هڪ مـاهر والـٽر سـروس 51-1950ع ۾ صـوبي بلوچسـتان جي ڪوئيٽـا مـاٿر ۾ قـديم آثـارن جي چـوڪ چڪـاس ڪنـدي، هيءُ هنـڌ

ڳولي لڌو. (6) هن کي اتي پـوئين پـٿر واري زمـاني جي شروعاتي دور جا تهه مليـا آهن. انهيءَ دور جي ماڻهن کي مٽيءَ جا ٿانون ناهڻ به کونه ايندا هئـا. (7) هتان ڪٺ جي دور کان اڳ نهيل پٿر جا اوزار لڌا آهن. هتـان جـا رهـاڪو ڪچيءَ مـٽيءَ جي گھـرن ۾ رهندا هئا. رڍون پاليندا هئا ۾ ڪيـتيءَ کـان پڻ واقـف هئا. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هـو انهن جـو گوشــت پڻ کائينــدا هئـا. هيءَ بســتي مشــهور ”شهري تمـدن“ کـان تمـام گهـٽي اڳ جي ”ڳوٺـاٽي ثقافت“ جي دور جي ڳوٺاٽي آبـادي هـئي. جنهن جي عمر ماهرن 4200 ق-م مقرر ڪئي آهي. (8)

دبر ڪوٽ

دبر ڪوٽ جـا قـديم آثـار موجـوده بلوچسـتان صـــوبي ۾ لـــورالائي جي ڏکڻ ۾ مليـــا آهن. هي دڙو 113 فـوٽ اوچـو آهي ۾ ان جـو قطـر 1255 فـوٽ آهي. دبـر ڪـوٽ قنـڌار ڏانهن وينـدڙ پـراڻي پـراڻي رسـتي تي واقـع آهي. هن دڙي جي مٿـانهين تهـه ۾ سـنڌو مـاٺري جي دور جـون باقيـات مليـون آهن. جيڪڏهن وڏيڪ کوٽائي ڪرائي وڃي تـه هيـٺين تهن مـان ان کـان اڳ جي رهـاڪن جي باقيـات ملڻ جي اميد رکي سگھجي ٿي. (9)

دمب سادات

ڪوئيٽا کـان 10 ميـل پـري قلات ڏانهن وينـدڙ رســتي تي ســنڌو ســپيتا جي وارثن جي هڪ اهم بستي دمب سادات ملي آهي. جنهن جي 1942ع ۾ آثـار قديمــه جي هڪ مـاهر سـتوارٽ پگٽ کوٽـائي ڪرائي. دمب سادات ۾ زمين جي اصل سطح تائين

ڪوٽـائي ڪـرائي وئي. جتـان آبـاديءَ جـا 3 تهـه مليـا آهن. آخري تهه مان اعلى قسم جي مٽيءَ جـا بـرتن مليـا آهن. مٿـئين تهـه مـان هڪ چبـوترو مليـو آهي. جنهن جي بنيـاد جي ڪنـڊ □ پـٿرن سـان تعمـير ٿيـل هڪ تهه خانو مليو آهي. جتان هڪ ديوي جي مورتي ملي آهي. مـورتي هڪ ننـڍي پليٽ فـارم تي نصـب ٿيل آهي. جنهن متعلق چيـو وڃي ٿـو تـه اهـا ذهـوب ديوي جي مورتي آهي. (10)

هن دڙي جي ڪوٽائي مـان معلـوم ٿـئي ٿـو تـه هتي جا ماڻهو گهر ناهي رهندا هئا. سندن گهرن جي پيڙهه □ پٿر استعمال ٿيل هوندو هو □ مٿي اوسـاري مٽيءَ جي سرن جي ٿيل هونـدي هـئي. ڪـٿي ڪـٿي پٿر به استعمال ٿيل هونـدو هـو. (11) سـندن گهـرن جي ڪـوٺين □ عام طرح پٿرن جو فرش لڳل هونــدو هو □ ڪمري جي هڪ ڪنڊ □ چلهه پڻ ٺهيل هونــدي هـئي. دڙي جي ڪوٽـائي مـان مـٽيءَ جـا ٺهيـل بت □ مورتيـون ڪـافي انـداز □ مليـون آهن، جيڪي ماتـا ديـويءَ جـون مورتيـون معلـوم ٿين ٿيـون. جن جي ڳچين □ مڻين جا هار پيل آهن □ انهن جـا وار چيلهـه تائين لڙڪندڙ آهن. ماتا ديوي جي مورتين کان سواءِ ڪونهه نما ڍڳن □ گهوڙن جـا مجسـما پڻ مليـا آهن. مــاهرن جي چــئي مطــابق هي گهــوڙن جي قــديم شڪل آهي، جيڪا ننـڍي ڪنـڊ □ اڄ تـائين ڪانـه ملي آهي. ان ڪري معلوم ٿئي ٿو ته دنيا □ پهريون دفعـو گهوڙا دمب سادات وارن پاليا. (12)

شـهر جي چـوذاري هڪ ڪـوٽ جـا آثـار مليـا آهن. جيڪــو شــايد اتــان جي رهواســين شــهر جي حفـاظت لاءِ اڏيـو هجي. (13) هتـان ملنـدڙ باقيـات، مــوهن جي دڙي جي رهواســين جي ملنــدڙ باقيــات سـان ڪـافي حـد تـائين مشـابهت رکي ٿي. اهـڙيءَ طرح هيءَ بستي سنڌو سڀيتا جي شهري تمـدن جي

وارثن جي هڪ اهم بستي آهي، جيڪا بلوچستان جي ڪوئيٽا ماٽر ۾ ملي آهي.

ستڪاجن در

ستڪاجن در جا قديم آثار مڪران جي سامونڊي علائقي ۾ درياهه دشت جي ڪناري تي مليا آهن. جيڪي ڪراچيءَ کان 300 ميل پري اولهه طرف ۾ سمنڊ جي ڪناري کان 25 ميل اتر طرف آهن. شروعات ۾ هي دڙو آريول اسٽائن 28-1926ع جي وچ ۾ ڳولهي هٿ ڪيو ۾ ان جي قديم هئڻ جي نشاندهي ڪئي. (14) بعد ۾ هن بستي جي وڌيڪ چڪاس 1960ع ۾ پنسليوانيا يونيورسٽي آف آمريڪا جي ميوزم طرفان ڊاڪٽر جارج ايف ڊيلز ڪئي. (15) اسٽائن شروعات ۾ هتي ڪجهه خندقون کوٽايون. جن ۾ 8-9 فوٽ هيٺ زمين مان ٺڪريون لڌيون. کيس کوٽاين مان هڪ قلعي جا آثار به مليا. جيڪو هڪ ٽڪري تي تعمير ٿيل هو. اهو قلعو مستطيل شڪل جو آهي ۾ اتر اولهه پاسي 17 وال ڊگهو ۾ اوپر طرف 125 وال ويڪرو آهي. ان قلعي جي اوساري پٿر جي چورس سرن سان ٿيل آهي. جيڪي وري گاري سان لنبيل آهن. (16) ان قلعي جي اولاهين حصي ۾ هڪ دروازي جا آثار مليا آهن. جيڪو تقريبن 8 فوٽ ويڪرو آهي. انهي دروازي جي ٻنهي پاسن تي مستطيل شڪل جا برج تعمير ٿيل آهن. (17) قلعي جي اندر تعميراتي آثار مليا آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو قلعو شهر وارن پنهنجي حفاظت لاءِ جوڙايو هجي ۾ دروازي تي ٺهيل برج حفاظتي مورچن جو ڪم ڏيندا هجن. جيئن ته هي شهر مڪران جي ساموندي ڪناري تي هو. ان ڪري اڄ

کان 5 هزار سال اڳ سنڌو سڀيتا جا وارث هن شهر مان بندرگاهه جو پڻ ڪم وٺندا هجن. جنهن جو ڪافي شهادتون پڻ مليون آهن. ماهرن کوٽائي مان اهو ثابت ڪيو آهي ته ان دور ۾ عراق ۽ سنڌ ۾ جيڪا جهاز راني هلندڙ هئي. انهي جهاز راني جو مرڪز هيءُ شهر به هيو ۽ هتي پڻ سامونڊي ٻيڙا اچي لنگر هڻندا هئا.(18)

هن بستي جي باشندن جو اهم پيشو واپار هيو. جيڪو هو سمنڊ رستي عراق وغيره سان ڪندا هئا. هي ماڻهو سمنڊ کي ويجهو هئڻ ڪري ۽ ان سان لاڳاپيل رهڻ ڪري ماهي گيري، ڪشتي باني جي فن ۾ پڻ ماهر هيا. (19)

راڻا گنڊئي

بلوچستان ۾ راڻا گنڊئي ۾ آبادي جا پنج تهه دريافت ٿيا آهن. جن مان ٻن صفا شروعاتي تهن ۾ ڳوٺاٽي ثقافت جا آثار مليا آهن. هي آثار، جن جي اي جي راس 1951 ۾ چوڪ چڪاس ڪئي، تن جا مٿيان تهه شهري تمدن جي دور سان واسطو رکن ٿا. هيٺين تهن تي رهندڙ ماڻهو پهريان ته هٿ جا ٺهيل سادا ٿانون ۽ پٿر جا اوزار استعمال ڪندا هئا، جانور پاليندا هئا ۽ جهوپڙين ۾ رهندا هئا. ان کان مٿئن تهه جا رهاڪو انهن کان ٿورو سڌريل معلوم ٿين ٿا. ڇو جو هو چڪ تي ٿانون ناهيندا هئا ۽ انهن کي خوبصورت بنائڻ لاءِ مٿن چٽسالي ڪندا هئا. سندن ٿانون تي پهريان ڳاڙهي ۽ هيڊي رنگ جا تهه ڏنل آهن. انهن جي مٿان ڪاري رنگ جي مصالحي سان چٽسالي ٿيل آهي. (20) قديم آثارن جي ماهر اي جي راس کي هتان ماتا ديوي جا بت به هٿ آيا آهن. (21)

بالاڪوٽ

بالاڪوٽ جا قديم آثار بلوچستان جي ضلعي لسبيلي ۾ سونمياڻي بندر ويجهو حب ندي جي ڪناري تي واقع آهن. هن ماڳ جي کوٽائي جي رٿا هڪ ماهر جارج ايف ڊيلز، ڪيلي فورنيا يونيورسٽي جي هٿ هيٺ تيار ڪئي. 1996ع ۾ هن ماڳ تي چوڪ چڪاس جو ڪم شروع ٿيو.

کوٽائيءَ دوران هتان پٿين ۾ ڪمرن جي فرش جا آثار مليا آهن. هن ماڳ مان ڪيترائي اهڙا ڪمرا مليا آهن، جن ۾ سرن ۾ پٽرن جو ناليون ۾ صحيح سالم حالت ۾ مرتبان مليا آهن. ماڳ جي الهندي حصي تي ڪيتريون ئي اوچيون ديوارون مليون آهن، جن کي پبلڪ ائڊمنسٽريشن جون عمارتون سڏي سگهجي ٿو. هتان جي رهواسين جو واپار اهم ذريعو هيو ۾ ماهگيريءَ جي فن کان پڻ واقف هئا. ان ڪري ٻيڙيون ٺاهڻ جي هنر ۾ ماهر هئا. هو پنهنجن ٻيڙين کي هڪالي نه صرف سمنڊ رستي ايراني نار ۾ پهچندا هئا، پر ان کان اڳتي مصر تائين سفر ڪندا هئا. (22)

حوالا ۾ سمجهاڻيون

(1) سنڌي، رڪ، سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ، حيدرآباد، 2024، ص: 12

(2) پنهور، ايم ايڇ، ”سنڌ جي تاريخ.... تحقيق ۾ اشاعت“ ٽماهي مهراڻ، حيدرآباد، 1984، شمارو 2، ص- 163-169

(3) سنڌي، رک، سنڌو سپيتا جا قديم ماڳ، حيدرآباد، 2024، ص: 78

(4) Wheeler, S.M “The Archaeology of Pakistan”, “The Cultural Heritage of Pakistan” P-21

(5) Hazgreaves, H, “Excavations in Baluchistan” M.A.S.I No:35 Delhi – 1927.

(6) بخاري، محمود شاهه، ”تاريخ بلوچستان“ ڪوئيٽا 1983ع، ص-23

(7) Servis, Fair “Preliminary report on the Pre Historic Archeology of Afghanistan, Baluchi Areas” American Museum of National History 1952

(8) Panhwar, M.H, “Chronological Dictionary of Sind” Jamshoro.

(9) صديقي، محمد ادريس، سنڌو ماٿر جي سڀيتا، حيدرآباد، 1979ع، ص-55

(10) بخاري، سيد محمود شاهه، ”تاريخ بلوچستان“ ڪوئيٽا 1983ع، ص-22-23

(11) ڪاڪ، لزلي ايل ”قديم ترين بلوچستان“ ماهه نو ڪراچي، آڪٽوبر، 1951ع، ص- 44-46

(12) ڪاڪ، لزلي ايل ، ساڳيو

(13) ڀٽي، رشيد، پاڪستان جا پراڻا شهر، ڄامشورو، 1981ع، ص: 44-45

(14) Steinn, Sir, A, “An Archaeological Tour in Waziristan & Baluchistan”, M.A.S.I. No: 37, Delhi 1929

(15) بخـــاري، ســيد محمـــود شـــاهه، ”تـــاريخ بلوچستان“ ص-25

(16) Sorly, H.T, “Gazetteer of Sindh” P-112

(17) صــديقي، محمــد حــنيف، ”ســنڌو مــاٿر جي سپيتا“ ص-54

(18) Stien, Sir, A, “An Archaeological Tour in Gedorosia” M.A.S.I No: 43 Delhi 1931, P-71

(19) صديقي، ص-54

(20) صــديقي، محمــد ادريس، ”ســنڌو مــاٿر جي سپيتا“ ص-25-26

(21) بخاري، سيد محمود شاهه، تاريخ بلوچسـتان، ص-23

(22) سـنڌي، رڪ، سـنڌو سـپيتا جـا قـديم مـاڳ، حيدرآباد، 2024، ص: 89

باب ارڙنهون

بلوچستان جا سنڌي شاعر

موجوده بلوچستان ۾ سنڌي زبان اتان جي اصلوڪن رهواسين جي مادري زبان رهي آهي. لسبيلي، مڪران، سبي، ڪڇي، جهالاوان ۾ بلوچستان جي ٻين علائقن ۾ سنڌي ٻولي نه فقط وڏي ويجهي آهي، پر اتان جي تهذيب ۾ ثقافت تي پڻ پنهنجا گهرا اثر ڇڏيا آهن. سنڌي ٻولي بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ اهي ماڻهو به ڳالهائيندا آهن، جن جي اها مادري زبان نه رهي آهي. ان ڪري ان چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌي ٻولي اڄ به بلوچستان جي گهڻ ڳالهائي ويندڙ عوامي ٻولي آهي. جنهن کي سنڌين کان وڌيڪ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ پاڻ ۾ رابطن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. ڪيترن ئي بلوچن ۾ بروهين ته سنڌي زبان کي پنهنجي مادري زبان طور اختيار ڪيو آهي. جهل رياست جا مگسي نواب، گهرن ۾ سنڌي زبان ڳالهائين ٿا. جهل دراصل مگسين جي رياست آهي. هن اسٽيٽ جو نواب قيصر خان مگسي چوندو هو ته اسان سنڌ مان لڏي آيل سمات آهيون(1). نواب قيصر خان جو فرزند نواب گل محمد خان مگسي سنڌي زبان جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪافيون مشهور آهن. ٻئي طرف 1987ع ۾ بلوچستان اسيمبليءَ ۾ سردار چاڪر ڊومڪيءَ هڪ رٿ تي ويچارن جي ڏي وٺ ڪندي ٻڌايو هئو ته بلوچستان ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ڪل آباديءَ جو چوٿون حصو آهن. هن بلوچستان سرڪار تي زور ڀريو هئو ته ڪوئٽا ريڊيو ۾ ٽي وي تان سنڌي پروگرام هلايا وڃن. ان وقت جي وڏي وزير جام غلام قادر، ان رٿ جي حمايت ڪئي هئي ۾ چيو هئو ته اهو ان معامري تي وفاقي سرڪار سان ڳالهائيندو.(2)، (3)

ڊاڪــٽر غلام علي الانــا مــوجب “لس ٻيلي □ سنڌي زبان جا ڪيترائي شاعر پيدا ٿيا آهن. جن جي ڪلام جو اثر سنڌ تائين وڌيو. انهن شاعرن مان ڪن جو ذڪر ڊاڪٽر بلوچ سندس ڪتاب ’ٻيلاين جا ٻــول‘ □، □ اللــه بچــائي ســمي ســير ڪوهســتان □ ڪيــو آهي.” (4)

“ڊاڪٽر بلوچ صاحب ’ٻيلاين جا ٻول‘ ڪتـاب □ لس ٻيلي جي شاعرن جو چيل سنڌي ڪلام گڏ ڪيو آهي. هن ڪتاب □ ڊاڪٽر بلوچ شـيخ ابـراهيم، شـيخ حمـر، شـيخ بڪـر، ڪبـير شـاهه، احمـد شـاهه، نم □ دوس محمــد ڪــان ســواءِ ڏار ڏار قــبيلن جهــڙوڪ سناسياٽي، رونجها، براديا، باڪرا □ موندرا مـان پيـدا ٿيـل شـاعرن جي ڪلام جـو ذڪـر ڪيـو آهي.” (5) “لس ٻيلي □ سنڌي ٻوليءَ جي پهچ، پڪـيڙ، پرچـار □ اثر جو هڪ ٻيو وڏو ڪارڻ شاهه لطيف جو ڪلام پڻ رهيو آهي، جـو لس ٻيلي جي ڪنـڊ ڪـڙڇ □ مقبـول آهي. هت شاهه جي رسـالي جـا وڏا ڄـاڻو سـگهڙ □ فقير موجود آهن. داد محمـد خـادم بـروهي لکي ٿـو تــه، “ ٻيلي جي شــاعري بلوچســتان □ ســنڌي ادب جي لازوال خزاني جي حيـثيت رکي ٿي، 20 صـديءَ جي پهرئين اڌ □ سنڌ توڙي بلوچستان جي ڏات ڌڻين ٻنهي صـــــوبن ڏانهن پنهنجي اچ وڃ ســـــان پنهنجن تخليقن ذريعي، ســـنڌي علم □ ادب جي شـــمع ڪي روشن رکندي، ان ڪي مختلف صنفن سـان مالامـال ڪري ڇڏيو. ٻنهي خطن جي اهڙن ادبي نـاتن سـبب سنڌي ادب □ مختلف بابن جو اضافو ٿيو.” (6)

صوفي شاعر رڪيل شاهه

ڪڇي ضلعي جي، جهٽ پٽ تعلقي جي ڳوٺ فتح پور □ سنڌي زبـان جـو مشـهور صـوفي شـاعر

رکيل شاهه ٿي گذريو آهي، جنهن جي مزار بــه اتي ئي آهي. رکيــل شــاهه جــو واســطو شــاهه عنــايت جهـوک واري جي درگاهـه سـان سـندس مريـدن □ فقيرن وارو هو. هت رکيل شاهه جو هر سال ميلــو لڳنــدو آهي، جنهن □ هــزارن جي تعــداد □ مريــد □ پوئلڳ اچي گڏ ٿيندا آهن. هن موقعي تي مــزار جي دروازي جي سامهون رکيــل شــاهه جــو چيــل ڪلام ڳــايو وينــدو آهي. هن ميلي □ راڳ جي محفــل پڻ ٿيندي آهي جنهن □ سنڌي زبان جا مشــهور ڳائينــدڙ شرکت کندا آهن. رکيــل شــاهه جي ســنڌي ڪلام جو مجموعو به شايع ٿيل آهي جيڪو ســنڌي ادب □ وڏي اهميت رکي ٿو. رکيل شاهه جــو فرزنــد چــيزل شاهه پڻ هر سال پنهنجن فقيرن سـان گـڏ درگاهـه شاهه عنايت تي، عـرس جي مـوقعي تي 17 صـفر تي حاضري ڏيندو رهيو. رکيل شاهه جا ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا:

ڪين ڪمايون ڪين □، چاڻ ته مان ڪجهه نه ڪيو،
حجتي لعنتي ملامتي، سچي سخن چيو،
مجاهدو ڪري ڏس من □، اندر پائي لعل ليو،
شاهه رکيل ناهي ٻيو، حق سچاٽي هک ٿو ڏسان.

**

اکيون عاشقن جون، شرم پريون شاهي،
پسڻ سان ئي پاک ٿيون، آين آزل آگاهي،
سدائين ستر پوش □، تن جو واحد ٿيو واهي،
اها چاڙهي لاهي، "رکيل" سي سمجهي ويون

صوفي شاعر چيزل شاهه

مشهور صوفي شاعر سيد چيزل شاهه پنهنجي وقت جي وڏي صوفي شاعر سيد رڪيل شاهه جو فرزند هو. سيد چيزل شاهه بلوچستان جي ڳوٺ فتح پور تعلقي گنداواهه ۾ 1332هه مطابق 1914ع ۾ ڄائو. سيد چيزل شاهه ننڍپڻ کان وٺي صوفي شاهه عنايت شهيد جهوڪ واري جي درگاهه تي پيءُ سان گڏ حاضريون پريندو هو ۾ سندس شاهه شهيد جي سلسلي جي اهم شاعرن ۾ شمار ٿيندو هو. هن 21 سالن جي عمر ۾ پنهنجي پيءُ جي هٿ تي بيعت ڪري صوفي طريقي جي راهه اختيار ڪئي ۾ پيءُ جي پيرويءَ ۾ درگاهه جهوڪ شريف جي طالبيءَ ۾ رهيو. سيد رڪيل شاهه صوفيءَ جي لاڏاڻي بعد صوفي چيزل شاهه سجاده نشين ٿيو. سيد چيزل شاهه، 15 شعبان 1404هه/ 1984ع تي وفات ڪئي. کيس فتح پور ۾ ئي دفن ڪيو ويو. “بحر العميق” جي نالي سان سندس شاعريءَ جي ڪتاب جا ڪيترائي ڇاپا پڌرا ٿي چڪا آهن. تازو ڇاپو حڪيم اعجاز حسين چانڊيي جو ترتيب ڏنل ’بحر العميق‘ روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري پاران 2010ع ۾ شايع ڪيو ويو. سندس ڪلام هيٺ ڏجي ٿو.

ڳولي ڏس تون ڳولي
اٿي اندر ۾ اسرار وي
پنهنجي اندر ۾ پائي ڏس جهاتي
سرآن ساڳي ذات سفاتي
آهي تنهنجي چولي چولي
ڏس دل اندر ديدار وي

چيزل پنهنجو پاڻ سڃاڻج

نفس نفي ڪري موجان ماڻج
ڪير اندر ٿو ٻولي ٻولي
اتي آڇ ايڏو اعتبار وي

قادر بخش گولو

رکيل شاهه ڪان سواءِ ڳوٺ صحبت پور قادر بخش گولو سنڌي زبان جو هڪ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام جو مجموعو "گلزار ڪاپاري" جي نالي سان ڇپيل آهي.

<u>فقير صاحبڏنو تنيو</u>

فقير صاحب ڏنو تنيو بلوچستان جي ڪڇي ضلعي جو سنڌي شاعر هو. پاڻ ڳوٺ ڊاڊ تنيو تعلقي ميرپور، ضلعي ڪڇي جو ويٺل هو. پاڻ هڪ اهل الله بزرگ شخص هو. سندس ڪڇي ڪان علاوه شڪارپور ڪيترائي معتقد مريد هئا. هو شڪارپور جي بزرگ شاعر خواجه فقيرالله علويءَ جو معتقد ٿيو ڪافي عرصي تائين اتي رهيو. اهو ئي سبب آهي، جو ان کي هرڪو شڪارپور جو رهاڪو سمجهندو هو شڪارپور جو ڄاڻايو ويو آهي. پاڻ ڪهنه مشق شاعر سگهڙ هو. سندس پِٽ پاراتي وارا ڪيترائي شعر خطي مشهور اڄ به ماڻهن کي ياد آهن. سندس هڪ مشهور مدح "اغٿني جي مداح" نالي سنڌ ڪان علاوه بلوچستان به ماڻهن کي چڱيءَ طرح ياد آهي. ان ئي نالي سان سندس هڪ ديوان "مدح اغٿني" شڪارپور مان شايع ٿيو. (7)

پنهنجي آخري عمر شڪارپور جي قاضين جي مسجد ۾ پيش امام ٿي گذاريائين. شڪارپور جو مشهور بزرگ مولانا ميرعبدالاحد علوي سندس خاص مريد ۽ شاگرد هو، جنهن ڪانئس سموري تعليم حاصل ڪئي. ڪجهه محققن موجب پاڻ 1841ع ۾ وفات ڪري ويو. جڏهن ته ڪجهه محقق سندس وفات جو سال 1834ع ڄاڻائين ٿا. سندس ميت شڪارپور مان کڻائي سندس مرشد جي ڳوٺ فتح پور شريف تعلقي ميرپور ضلعي ڪڇي ۾ دفنايو ويو. (8)

نانڪ يوسف

سنڌي ٻولي جو مشهور شاعر نانڪ يوسف اصل ۾ جهل مگسي ضلعي ڪڇي بلوچستان جو وينل هو. سندس والد جو نالو محمد هاشم هو. پاڻ ذات جو کوکر هو. سندس جنم 1792ع جهل مگسي شهر ۾ ٿيو. (9)۔ سنڌ جي هفت زبان شاعر سچل سرمست وٽان فيض حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو علائقو ڇڏي اچي درازا وسايائين ۽ سچل سرمست جو مريد ٿيو. پاڻ سنڌي زبان جو وڏي پائي جو شاعر ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي سندس ڪلام جو مجموعو "نانڪ يوسف جو ڪلام" نالي سان مرتب ڪري شايع ڪرايو، هي رسالو سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1983ع ۾ شايع ڪيو ويو. نانڪ يوسف 1853ع ۾ ڳوٺ اگڙن ۾ وفات ڪئي. (10) (11)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 79-80

(2) Sindh Express News Story, 26-11- 2016 story

(3) روزاني سنڌ ايڪسپريس، نومبر 25، 2016

(4) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 85

(5) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 85

(6) بروهي، داد محمد خادم، "بلوچستان □ سنڌي ٻوليءَ □ ادب جو اڀياس"، حيدرآباد، 2012ع، باب ٻيو

(7) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر،"سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1976ع، ص 45

(8) بروهي، داد محمد خادم، "بلوچستان □ سنڌي ٻوليءَ □ ادب جو اڀياس"، حيدرآباد، 2012ع، باب ٻيو

(9) بروهي، داد محمد خادم، "بلوچستان □ سنڌي ٻوليءَ □ ادب جو اڀياس"، حيدرآباد، 2012ع، باب ٻيو

(10) عباسي تنوير، مرتب، نانڪ يوسف جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1983ع، ص 21

(11) بدوي، لطف الله، "تذڪره لطفي"، حصه اول، آر ايڇ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، 52-1953ع، ص 194

باب اوڻويهون

سسئي جو پنهون بلوچ نه پر سنڌي هو

ڪنهن بـه ملڪ جي تـاريخ □ لـوڪ داسـتان، قصا ڪهاڻيون، شاعري، زباني روايتون □ پهاڪا وڏي اهميت رکندا آهن. ان سڀ مـواد ڪي چنـڊي چـاڻي تـاريخ لکڻ □ مـددگار بنـايو ويـنـدو آهي. ڇاڪـاڻ تـه اڪثر تـاريخون بادشـاهن □ حڪمـرانن جـا پگهـاردار دلال تاريخـدان لکنـدا آهن، جن □ عـوام جـو پنهنجي وطن جي ترقي □ تعمـير □ ادا ڪيـل ڪوبـه ڪـردار نظـــر نـــه اينـــدو آهي. ماضـــيءَ □ حڪمـــرانن جي پگهـاردار تاريخـدان پنهنجن ڪتـابن □ بادشـاهن ڪي پرهيزگار، نيڪوڪار، امت لاءِ خدا جا موڪليل خـاص تحفا قرار ڏنو آهي. جڏهن ته درباري تاريخـدانن جي ڪتابن □ حڪمرانن جون هڪ ٻـئي خلاف اقتـدار لاءِ

جنگيون، عوامي ملڪيتن جي ڦرلٽ، مسڪين ماڻهن جي ننگن جي عزت تار تار ڪرڻ، پنهنجي ئي پائرن کي بادشاهي بچائڻ لاءِ قيد ڪرڻ يا سازشون ڪري ۾ ازيتون ڏئي مارائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪارائتو مواد موجود ناهي. هتي ته حڪمرانن اقتدار بچائڻ لاءِ پنهنجن ئي پٽن کي ڏارين حڪمرانن وٽ گروي رکڻ کان به نه شرمايو آهي. ماضيءَ جون تاريخون خانداني جنگين، هڪ ٻئي جي زالن کي پنهنجي حرم ۾ شامل ڪرڻ لاءِ سازشن ۾ مڪارين سان ڀريون پيون آهن. ماضيءَ ۾ جيڪڏهن عوام جي تاريخ بابت ڪا پڙتال ڪرڻي آهي ته انهن لوڪ داستانن، قصن، ڪهاڻين ۾ زباني روايتن ذريعي ئي اڌوگابرو حال احوال ملي سگهي ٿو.

سنڌ ۾ اڄ تائين جيڪا به تاريخ لکي وئي آهي، اها يا ته بادشاهن جي درباري ليکڪن جي لکيل آهي يا وري ٻاهران آيل حڪمرانن جي پاڻ سان آندل ثنا خوانن جي قصيدن تي مشتمل آهي. سنڌ ۾ لوڪ داستانن جي ڪک ۾ عوام جي تاريخ لڪل آهي. جنهن کي چنڊي چاٽي لکڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته لوڪ داستانن ۾ به صديون گذرڻ بعد پنهنجي پنهنجي مفادن تحت تبديليون ڪيون ويون آهن.

سنڌو ماٿري ۾ ڪيئي لوڪ داستان مشهور آهن. جن ۾ عمر مارئي، مومل راڻو، سهڻي ميهار، ليلان چنيسر، سورٺ راءِ ڏياچ، نوري ڄام تماچي ۾ ٻيا شامل آهن. هي لوڪ داستان رڳو موجوده سنڌ جا ناهن پر سنڌو ماٿري جا لوڪ قصا آهن، ان ماٿري ۾ اڄوڪو پنجاب، موجوده بلوچستان، ڪڇ، ڀڄ ڪاٺياواڙ، گجرات، راجستان ۾ ٻيا علائقا شامل آهن. ان ڪري انهن مڙني علائقن ۾ ساڳيا لوڪ داستان ٿوري گهڻي هير ڦير سان موجود آهن. پر تاريخ کان اڻڄاڻ ماڻهو الڳ الڳ خطن ۾ ساڳيا

داستان ڏسندي مونجهاري جو شڪار ٿين ٿا ۾ انهن کي الڳ الڳ تصور ڪن ٿا.

سسئي پنهون جي عشق واري داستان جو پهريون پيرو ذڪر سما دور جي سنڌي شاعر قاضي قادن (1491ع – 1551ع) ڪيو. (1) جنهن بعد شاهه ڪريم بلڙي واري (1536ع – 1623ع) هن عشقيا ڪهاڻي جو ذڪر پنهنجي شاعري (ڪريم جو رسالو) (2) ۾ ڪيو. شاهه ڪريم بلڙي ورو سنڌ جي مشهور شاعر شاهه لطيف ڀٽائي جو ڏاڏو هيو.(3) شاهه لطيف ڀٽائي پنهنجي رسالي ۾ سنڌ جي ٻين لوڪ داستانن سان گڏ هن قصي کي به ڳايو آهي.

پنهون ڪيچ جي حاڪم جام آري جو فرزند هيو. (4) ڪجهه تاريخدانن آري کي عالي به لکيو آهي. ڪيچ مڪران سنڌي جي حڪمراني هيٺ هيو. هن علائقي تي سنڌي ڳالهائيندڙ ڄامن جي حڪومت هئي. جڏهن ته سسئي ڀنڀور جي راجا جي ڌيءُ هئي. روايتن موجب سسئي کي پنهنجي پيءُ صندوق ۾ وجهي درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو هو، جيڪا بعد ۾ درياهه تي ڪپڙا ڌوئيندڙ ڌوٻي کي هٿ آئي. ڪجهه تاريخن ۾ لکيل آهي ته سسئي جو والد ٻانڀڻ نانيا (نايون) ۾ سندس ماءُ منڌر (ستر، سڌو) هئي. جڏهن ته درياهه ۾ اڇلڻ بعد سسئي هڪ ڌوٻي نالي محمد (لالا) کي هٿ آئي. (5) ڌوٻي کيس تاتي نپائي وڏو ڪيو. سسئي ننڍي هوندي کان ئي خوبصورت هوندي هئي، جڏهن ڪيچ مڪران جي شهزادي پنهون کيس ڏٺو ته مٿس موهت ٿي پيو ۾ ساڻس شادي ڪئي. سسئي سان شادي تي پنهون جا پائر سخت ناراض هيا، جنهن سبب هنن ڀنڀور پهچي دوکي سان پنهون کي اغوا ڪري ڪيچ ڪٺي ويا. سسئي پنهنجي ور کي ڳولڻ لاءِ ڪيڏ مڪران رواني ٿي وئي. ئيس پنهنجي پنهون کي ڳولڻ ۾ سخت

مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻو پيو ۽ پنهنجي پرين ڪي ڳوليندي ڳوليندي حياتي جا پساهه پورا ڪيا. (6)۔ (7) بلوچستان جي سون مياڻي ۽ پپوڙيلڪ وٽ “سنگهر” جي سيم ۽ سنڌ جي لوڪ داستان “سسئي پنهون” جي ڪردار “سسئي” جي قبر آهي.

سسئي جي مڙس پنهون بابت اها غلط فهمي موجود آهي ته هو، سنڌي نه پر “بلوچ” هيو. جڏهن ته پنهون جو والد آري جو سنڌي برادري يا قبيلي ڄام سان تعلق هيو. لسٻيلي جي ڪيچ مڪران جا حاڪم ڄام هئا.

سنڌ جو ناميارو محقق ۽ ٻولي جو ماهر غلام علي الانا لکي ٿو ته، “پنهون بابت هي نقطو غور طلب آهي ته پنهونءَ جو ڪيچ مان واپارين جي قافلي سان اچڻ، پنيور ۽ واپار ۽ ساهري گهر رهڻ مان ائين ٿو ثابت ٿئي ته پنهون توڙي سندس پائر ۽ ڀيا ساٿي سڀ سنڌي زبان يا ڪو اُن جو لهجو ڳالهائي ۽ سمجهي سگهندا هوندا. انهيءَ خطي تائين سنڌي زبان سمجهي ۽ ڳالهائي ويندي هئي، يا پنهونءَ وارا جدگال قبيلن مان هئا. سنڌي زبان جي انهيءَ ڦهلاءُ ۽ اثر مان هي نتيجو نڪتو آهي ته اڄ به مڪران جا ڪيترائي قبيلا سنڌي زبان ڳالهائي ۽ سمجهي سگهندا آهن.” (8)

سسئي جي پنهنجو نالو به ٺيٺ سنڌي “ششي” هيو. جنهن جو مطلب چنڊ جهڙي چمڪندڙ، جڏهن ته پنهون به سنڌي نالو آهي. ڀنڀي جو سنڌي ڳالهائيندڙ برادرين سان تعلق هيو. پنهون جي ٽن ڀائرن جا نالا چنري، هوتيءَ ۽ نوتيءَ هيا. جيڪي نج سنڌي نالا آهن.

سسئي پنهون لوڪ داستان ڪهڙي دور جو آهي؟

سسئي پنهون جي عشق واري داستان جو پهريون پيرو ذڪر اسان کي سما دور جي سنڌي شاعر قاضي قادن (1491ع – 1551ع) جي شاعري ۾ ملي ٿو. جڏهن قاضي قادن هن لوڪ داستان جو ذڪر ڪيو، ان وقت هي داستان ايترو ته مشهور ٿي چڪو هو، جو ان دور جا شاعر به ان کي پنهنجي شاعري ۾ ڳائڻ لڳا هيا. جڏهن قاضي قادن 15 صدي عيسوي جو شاعر آهي ته پوءِ ان حساب سان هي لوڪ داستان ان دور کان 200 کان 300 سال ڪن پراڻو هجڻ گهرجي. اهڙي طرح هي رومانوي قصو 13 صدي عيسوي جو ٿي سگهي ٿو. ان وقت يعني 13 صدي عيسوي ۾ ڪيچ مڪران يعني لسٻيلي وارو علائقو سنڌ جي سرحدن ۾ شامل هيو. سنڌ ۾ سمن جي حڪومت هئي، سما سنڌي ڳالهائيندڙ سمات قبيلو هيو، جيڪي پاڻ کي ڄام سڏرائيندا هيا. سمن جي حڪومت ۾ سنڌ جي ملڪي سرحدن ۾ ٿر، اُچ، سبي، ڪيچ مڪران يعني لس ٻيلو شامل رهيا. (9) تاريخدانن موجب ڄام نندي جي دور ۾ سمن جي سلطنت پنهنجي وسعت جي انتها کي پهتي. ٿر جو خطو، اچ، سبي ۾ لس ٻيلو سنڌ ۾ شامل هئا. گمان غالب آهي ته ڄام سڪندر اول جي دور ۾ اچ ۾ پٽي واهڻ (پٽا واهڻ) سنڌ جي قبضي ۾ آيا. ڄام سنجر پڻ ملڪي سرحدن کي مستحڪم رکيو. (10)

سمن جي دور ۾ لسٻيلي ۾ سنڌين جي حاڪميت ڀيهر سگهه حاصل ڪرڻ لڳي. ان بابت نامياري تاريخدان پروفيسر غلام محمد لاکي موجب، “سنڌ ۾ سمن جي حڪمراني قائم ٿيڻ بعد لس جي سنڌي قبيلن سک جو ساهه کنيو ۾ سياسي طور تي کين اسرڻ جو موقعو ملي ويو. سنڌ جي سمن

گهٽي انداز ۾ وجي لس کي وسايو، جنهن ڪري خاص سنڌ جو تمدن لس ٻيلي ۾ رائج ٿي ويو. ان دور ۾ لسٻيلي ۾ “رونجها” قبيلي جي حڪمراني هئي. رونجهن جو تعلق سنڌ جي سماٽ قبيلن سان آهي.” ڪاڪي ڀيرومل جي تحقيق موجب رونجها، ڄام انڙ جي خاندان مان هئا. انهن مان هڪ حاڪم “سپڙ” يا “سپڙ” جي نالي سان ٿيو، جيڪو سخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. رونجهن تيرهين صديءَ جي وچ ڌاري لسٻيلي ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ سترهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ سندن حاڪميت ختم ٿي. رونجهن کان پوءِ ”گونگا“ حڪومت ۾ آيا. بعد ۾ سمن جي “برفت” قبيلي هتي حڪومت ڪئي. (11)

مٿين تاريخي ثبوتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته جڏهن سسئي پنهون جي محبت واري لوڪ داستان جنم ورتو، ان وقت سنڌ ۾ سمن جي حڪومت هئي ۽ لسٻيلو نه فقط سنڌ جي سرحدن ۾ شامل هيو، پر اتي سما انتهائي طاقتور حڪمران برادري يا قبيلو هيا. جڏهن ته ان دور ۾ ڪيچ مڪران لسٻيلي تي سنڌي برادري رونجهن جي حڪومت هئي. رونجها ڄام انڙ جي خاندان مان هيا. ان ڪري سسئي جو ور پنهون به لسٻيلي جي طاقتور حڪمران قبيلي ڄام سان واسطو رکندڙ هيو. مضبوط تاريخي ثبوتن جي آڌار تي پنهون کي ڪنهن به طرح بلوچ قرار ڏئي نه ٿو سگهجي.

سسئي جو ڀنڀور

سسئي پنهون جي پيار ۽ محبت واري داستان سان سنڌ جي قديم تاريخي شهر ڀنڀور جو سڌو واسطو آهي. ڀنڀور شهر سنڌ جي ٺٽي ضلعي ۾

گھـارو ڪــريڪ جي اتــرين ڪپ تي آهي. (12) هي شهر ڪراچي کان 65 ڪلوميـٽرن جي مفاصـلي تي آهي. هن شـهر جـا قـديم آثـار نيشـنل هـاءِ وي تي ڍاپيجي ۾ گھــارو جي وچ ۾ آهن. هي شـــهر پهــرين صدي عيسوي کان 13 صدي عيسوي تـائين موجـود رهيـو. ڀنڀـور جـو شـهر هنـد ساسـاني (200 ق م – 400ع) ۾ هنـــد پــارٿي (19ع – 226ع) بادشـــاهن واري دور ۾ آباد هيو. جڏهن ته هي تاريخي شـهر ٻـڌ دور (200ع -800ع) سميت شروعاتي اسـلامي دور (171 هجري بمطابق787ع) ۾ به آباد رهيو. (13) (14)۔ (15)۔ (16) جنهن بعــد ســنڌو درياهـــه جي وهڪري مٽـائڻ سـبب غـير آبـاد ٿي ويـو. جـڏهن تـه ڪجهه تاريخدانن مطابق هي شـهر ڌرتي ڌٻڻ سـبب تباهه ٿي ويـو. ڪتـاب ”تحفـة الڪـرام“ مطـابق هي شهر شيخ تراب جي ڏؤر ۾ ڦٽو هو ۾ ان جـو ڪـارڻ ڌرتي ڌٻڻ ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن ته مـير طـاهر جي راءِ آهي ته ڀنڀور شهر درياهه جي سڪڻ سـبب ڦٽـو هو ۾ هتي جي ماڻهن ساڪري ۾ وجي پڪا اڏيـا هئـا. جڏهن تـه ڪجهـه تاريخـدانن جي راءِ آهي تـه ڀنڀـور شهر ٻـاهرين ڪاهـه دوران سـاڙي نـاس ڪيـو ويـو. شـهر تي 12 يـا 13 صـدي عيسـويءَ ۾ ڪنهن وڏي لشڪر طرفان حملو ڪيو ويو. سسـئي پنهـونءَ جي قصي ۾ پنهونءَ جو واپار سانگي هتي اچڻ ثـابت ٿـو ڪري ته ڀنڀور وڏو واپـاري مرڪــز هـو. پنهـونءَ جي هتي اچڻ ۾ سسئيءَ جي حسن جي هـاڪ ٻـڌڻ بعـد پنهونءَ جو سسئيءَ سان نينهن لڳو ۾ ان ناتي سان هيءَ شهر تاريخ ۾ امر ٿي ويو.

<u>”تحفته الڪرام“ ۾ سسئي - پنهونءَ جو قصو</u>

سسئي پنهـون بـابت هيٺ سچو قصـو تحفتـه الڪرام مان حرف بحـرف نقـل ڪيـو ويـو آهي. هن ڪتاب جو مصنف مير علي شير قـانع (ڄم: 1728ع وفـات: 1788ع) سـنڌ جي 18 صـدي جـو ناميـارو تاريخدان □ شاعر رهيو آهي. پاڻ ڪلهـوڙن جي دور سان لاڳاپيـل شـاهي (درٻـاري) تاريخـدان هيـو. مـير علي شـير قـانع پنهنجي تـاريخي ڪتـاب “تحفت الڪرام” □ ڪٿي به پنهـون لاءِ بلـوچ، ٻـروچ، ٻاروچـا جو لفـظ اسـتعمال نـه ڪيـو آهي. جيڪـڏهن پنهـون بلوچ هجي ها ته مـير علي شـير قـانع ضـرور سـچي قصي □ ڪٿي ته اهڙو اشارو ڏئي ها.

سسئي - پنهونءَ جو قصو

“تانيــه” نــالي هڪ بــرهمڻ، “منــڌر” نــالي پنهنجي زال ســـان، ســـڪيو ســـتابو، “دوراءِ” جي حڪـومت □، “پانپر واهه” (برهمنابـاد) □ رهنـدو هـو. هو ٻئي فرزند جا طالب هئـا. ٿـوري وقت ڪـان پـوءِ، انهن کي هڪ اهڙي ڌيءَ ڄائي، جنهن جي حسن تي چـوڏهينءَ جـو چنـڊ بـه ريس ڪـري رهيـو هـو. 23 اتفاقاً، سندس طالع □ ڏسڻ تي معلوم ٿيو، تـه هـوءَ هڪ مسلمان جي زال ٿيندي. آخرڪار، ڌرم جي عار کان بچڻ خاطر، ڦـَٿيل دل سان، انهيءَ دُرِ يـتيم کي صندوق جي صدف (سـپ) □ رکي، دريـاه □ لـوڙهي ڇـڏيائون. اتفاقـاً انهيءَ صـندوق کي پـاٽي “پنيـور” ڏانهن لـوڙهي ڪـٽي آيـو. انهيءَ شـهر □ “منهيـه” □ ڪن جي چوڻ موجب ”لار“ ، نالي هڪ ڌوٻي رهنـدو هو، جنهن کي پنج سؤ شاگرد هئا، پر ٻار ڪونـه هـو. صــندوق جــڏهن شــاگردن جي اڳيــان اچي لنگهي، تڏهين هو اها استاد وٽ ڪٽي ويـا. ڪـولڻ تي، قـدرت جي بــرج مــان هڪ چنـڊ اپــري پيــو. سـندس نـالو

“سسئي” (چنڊ) رکي، ڪٽي پنهنجو پار بنايـائين. هـوءَ
جـڏهن جـوان ٿي، تـڏهن سـندس محبت جي نشـتر
سپ ڪنهن سهڻي جي دل ۾ چُـڀي وئي، ۽ جنهن به
ڪيس ٿي ڏٺـو، سـو سـندس خريـدار ٿي ٿيـو. اڪـثر
ماڻهو سندس عشـق ۾ دل ڦـرائي ويٺـا، ۽ جـتي بـه
وهندي هئي، اُتي سندس چوڌاري ڪَتيءَ وانگر حلقو
ٻڌندا هئا، ۽ سندس شوق ۾ پڪيءَ مٿل اڏامندا هئـا!
انهيءَ زماني ۾، ڪيچ ۽ مڪـران جـا قـافلا واپـار لاءِ
هِـن پاسـي ايـنـدا هئـا، جن وچي هن چـنـڊ جي ٽڪـر
جي خــبر ڪيچ جي حــاڪم جي پٽ “پنهــونءَ” وٽ
پهچائي. هـو ٻـڌڻ سـان دل ڪسـائي ويٺـو، ۽ قـافلي
وارن جو ويس پهري پنيور ۾ آيو، جتي سســئيءَ کي
ڏسي، دل هٿن مان نڪري ويس. نصـيب چڱي هجڻ
ڪري، طالب کي پڻ مطلوب جي دل ۾ جاءِ ملي، ۽
وصال جي اميد ۾، هن جي پيءُ جي شاگردي اختيار
ڪري، ڌوٻيءَ جو لباس پهريـائين. (هن وچ ۾ ڪيـئي
احـوال آهن، جن جي بيـان ڪـان طـوالت جي خـوف
ڪـان واڳ ڦـيرايون ٿـا). قـــصو ڪوتاهــه - سسـئي،
پنهونءَ تي گهڻو مفتون ٿي پيئي، ۽ جيئن رسم آهي،
ڪهـڙيءَ سـوناريءَ عـورت پنهنجي مطلب خــاطر،
هنن ٻنهي طالب ۽ مطلـوب کي ڦٽـائڻ جي فڪـر ۾
پئجي، پنهــونءَ کي غــيرت ڏيــاري، سســئيءَ کـان
رنجيدو ڪــري وڌو. هـوڏانهن سسـئي، جـا عشـق ۾
سچي هئي، تنهن پاڻ کي باهــه جي مچ مــان خــالص
سـون وانگيـان پـاڪ ۽ صـاف ٻـاهر ڪـڍي ڏيکـاريو،
جنهن تي سپ مـاڻهو عـبرت ڪـائڻ لڳـا. ٿـوري وقت
کان پـوءِ، طـالب (عاشـق) جي مطلـوب (معشـوق)
ســان ســهڻي نمــوني ســان شــادي ٿي. هــوڏانهن،
پنهـونءَ جي پيءُ هن حـال کـان واقـف ٿي، ٻين پٽن
کي چيو، ته “ڪـيئن بـه ڪـري انهيءَ دل ڦرايـل کي
وٺي اچو”. هنن اچي پنهونءَ سان ملاقـات ڪـئي، ۽
مهمان ٿي، رات جي وقت سسـئيءَ کي بي خـبريءَ

جي حالت ۾ چڙهي، پنهونءَ کي ڪڙي، اٺ تي سـوار ڪـري، پنهنجي ملڪ روانـا ٿي ويـا. سسـئي پـوئينءَ رات جو جاڳي، ته پنهنجي بخت بيدار جو مـُلڪ ننـڊ جي لشڪر هٿان لٽيل ڏسي، بي اختيار، ڪپڙا ڦاڙي، اڪيلي ئي اڪيلي پنهنجي محبـوب جي پويـان پئجي، شوق جي قدم سان سخت ڏونگر ڏورڻ لڳي. اٽڪل چاليهه ڪوهه پنڌ ڪري چڪي، ته اڄ ڪـان بيتـاب ٿي ڪري پيئي، ۽ جـيئن ڪـو مـاڻهو سـڪرات جي وقت زمين تي چڙيون هڻندو آهي، تيئن زمين تي پير مهڻ لڳي. خـدا جي قـدرت سـان، زمين ۾ پـاٽيءَ سـان پريل هڪ تلاءُ پيدا ٿي پيو، جنهن مان پـاڻي پي تـازي تواني ٿي. معتبر ماڻهن کان ٻڌو ويو آهي، ته اهو تلاءُ اڄا تائين پاٽيءَ سان پريل رهندو آهي، ۽ ڪٽي ڪهـڙا به ڏڪر جا سال ايندا آهن، پـر اهـو ڪنهن بـه وقت خشڪ نه ٿيندو آهي. هن واقعي کان اڳ ۾ سسـئيءَ رات جو مينـدي لاتي هـئي، ۽ دسـتور مـوجب جيڪـا مينـديءَ جي ٿـاري هٿ ۾ ڪـري سـتي هـئي، سـا سجاڳيءَ کان پوءِ به هٿ ۾ هيس، جا پاڻ سان ڪٽي نڪتي هئي، سا انهيءَ تلاءَ تي پوکيائين. قدرت سـان انهيءَ ٿاريءَ مان سرسبز وڻ ٿيو، جو اڄـا تـائين ان دل ڦٽيل جي يادگار طور قـائم آهي. قصـو مختصـر- تازي تواني ٿيڻ کان پوءِ سسئيءَ اتان اڳتي ڪـاهيو، 24 ۾ اٽڪل ڇهه ست ڪوهه پيا به جبـل جـو رسـتو جالي وئي. تنهن کان پوءِ وري اڄ ۾ مبتلا ٿي. اتفاقاً، هڪڙي ڌنـار پريـان ڏسـي، منجهس لالـچ جي نظـر وجهي، ويجهو اچي کيس پاڻ سان وٺي وڃڻ چاهيو، جنهن تي سسـئيءَ هڪـل ڪـري چيس تـه "اي بي انصاف! مـان اڄ کـان بيتـاب آهيـان ۾ تـون منهنجي ڪـڍ حـيران آهين! تـوکي پهريـائين تـه مـون کي ڍؤ ڪرائڻ گهرجي." ڌنار تڪڙو تڪڙو ڏڻ ۾ ويو تـه هن لاءِ ڪجهه کير ڏهي، ڪٽي اچي. هيڏانهن سسئي، جـا يار جي ڏس کان نا اميـد ٿي چڪي هـئي ۾ پـاڻ کي

هھڙيءَ مصيبت ۾ مبتلا ٿي ڏنائين، دل جي درد مــان
الاهي درگاهــه ۾، جــوئي بي چــارن جــو چــاره ســاز
آهي، ٻاڏايو، ۽ انهيءَ غول بياباني‌ءَ کان پناهه گهري.
الله پاڪ جي قدرت ســان جبــل ڦــاٽي پيــو، ۽ جــيئن
لعل پٿر جي وچ ۾ هوندو آهي، تــيئن انهيءَ دل ڦٽيــل
کي به پٿر جي دل ۾ جاءِ ملي، باقي عام مــاڻهن جي
عبرت ۽ محبوب کي ڏس ڏيڻ لاءِ، سندس چادر جي
چنـُــج ٻــاهر رهجي وئي. ڏنــار کــير کــٽي آيــو ۽ اچي
قدرت الاهيءَ جو تماشو ڏنائين، ڏاڍو پشيمان ٿيــو ۽
رســم مــوجب قــبر جي نشــانيءَ لاءِ پــٿر جــو لوڙهــه
ناهي چــڏيائين. عشــق ۽ محبت جــا ڦٽيــل هن طــرح
ڳالهه کــن ٿا، ته جڏهن پنهونءَ کي کــڙي، پيءُ وٽ
کٽي ويا، تڏهن هو اتي ايترو ته بيقــرار ٿيڻ لڳــو، جــو
پٽس کي اچي سندس مرڻ جي ڊپ ورايــو، ۽ لاچــار
ٿي ســندس پــائر وري بــه ســاٽس گــڏي ڏنــائين، تــه
“کيئن به کري سندس محبوب کي پڻ وٺي اچــو.”
موٽنــدي، سسـئيءَ جي قــبر وٽ پهچي، تــازا نشــان
ڏســي پنهــون حــيران ٿي بيهي رهيــو. انــدر جي چِڪ
کيس محبــوب جــو پتــو ڏنــو. ظــاهري ثــابتيءَ خــاطر
احوال جاچڻ لڳو. اوچتو مٿي ذکر کيــل ڏنــار وقت
تي پهچي، سربستو احوال ٻــڌايس. جنهن تي پنهــون
هڪدم اٺ تان لهي، پائرن کي چيو، ته “تورو ترســو
ته مان هن لوڙهه جي زيارت کري وٺان.” بس پــوءِ
تــه پــاڻ کي لوڙهــه جي مٿــان ڦٽــو کــري، کــريم
کارساز جي درگاهه ۾ ٻــاڏائي، محبــوب جي وصــال
جي درخواست کيائين ۽ جنهن صــورت ۾ بيوســيلن
جي وســيلي جي درگاهــه ۾، کنهن بــه اميــدوار کي،
نااميديءَ جي صورت ڏسٽي کانه پونــدي آهي، تنهن
کري قادر باکمــال جي قــدرت ســان هڪــدم جبــل
ڦاٽي پيو ۽ کيس به جاڙي باداميءَ وانگيان هڪــڙيءَ
ئي کــل ۾ جــاءِ ڏنــائين. انهيءَ وقت کــان وٺي هيءُ
عجيب قصــو عــام مــاڻهن جي زبــان تي جــاري آهي،

حال ۾ قال جا صاحب هيءُ احـوال انهيءَ عاشـق ۾ معشــوق جي واتــان، جن مــان هــر هڪ درحقيقت عاشــق بــه هــو تــه معشــوق بــه، ســنڌي بيتن ۾ “حسـيني” سـر ۾ ڳائينـدا آهن، ۾ انهيءَ مجـاز مـان حقيقت جـو رسـتو ڳولينـدا ۾ لهنـدا آهن، مطلب تـه انهن ٻن واصلن جي تاثير سان، وجـد ۾ سـماع وارن کي عجيب حـالت پيـدا ٿينـدي آهي. “مـير معصـوم” بکريءَ هن قصي کي “مثنوي حسـن و نـاز” ۾ بيـان ڪيــو آهي. تنهن کــان ســواءِ “قاضــي مرتضــيٰ” سورٺيءَ، ساڪن ديهه 25 “ڪتيانه” ، محمـد شـاهه بادشــاهه جي زمــاني ۾ هڪ خــاص طــرز ۾ ان کي نظم ڪيو هو. نقـل آهي، تـه ”اسـماعيل“ نـالي هڪ ملتان جو رهندڙ درويش، هنن ٻن عشق ۾ عاشـقيءَ جي ملڪ جي شهنشـــاهن جي زيـــارت لاءِ آيـــو، ۾ پنهنجي اٺ کي ٻري چڙي، ٻنهي جي ديدار جي لالـچ رکي، ٽي ڏينهن بـڪ تي ويهي رهيـو. ٽن ڏينهن کـان پوءِ، هڪ پوڙهي عورت ڪجهه مانيون ۾ تـورو پـاٽي ڪٽي ظاهر ٿي. درويش چيو، ته “جيستائين سسـئيءَ ۾ پنهونءَ کي نه ڏسندس، تيستائين هرگز ڪجهه بـه نه کائينـدس.” ٻـڍيءَ وراڻيـو تـه “سسـئي آءٌ آهيـان، باقي پنهونءَ جي ڏسڻ جي لالـچ چـڏي ڏي، چاڪـاڻ ته زماني تي اعتبار ڪــونهي، ۾ آءٌ اڳيـئي ڏيـرن جي ڏڌل آهيـــان، هيءُ احـــوال بلڪـــل دردنـــاڪ آهي.” درويش چيو، ته “مـون کي پڪ ڪـيئن ٿـئي تـه تـون سسئي آهين؟ چو ته سسئي نوجوان ۾ حسـن واري هئي ۾ تون ٻڍي عـورت آهين.” هن هڪـدم پـاڻ کي انهيءَ اصلوڪيءَ جـوانيءَ ۾ جمـال ۾ ظـاهر ڪـري چيو، ته “ٿورو کاءُ”. درويش جواب ڏنـو تـه “توهـان ٻنهي جي ڏسـڻ کـان سـواءِ هرگـز کابـه شـي نـه کائينـدس، اگرچـه بـک ۾ مـري وينـدس، چاڪـاڻ تـه مون اهڙو انجام ڪيـو آهي.” آخـر، گهـٽي مبـالغي ۾ قسم قسمات کان پوءِ، سسئي قبر ۾ وجي پنهــونءَ

کي چيلهه تائين ٻاهر ڪڍيو، ليڪن هـوءَ چنـڊ جهـڙي پاڻ به ’جواز‘ وانگيان ڪيس ٻنهي هٿن سان پـاڪر وٺي بيـٺي، تـه متـان اڳـئين وانگـر ڪـو ڪيس ڦـري وڃي. مطلب تـــه انهيءَ طـــريقي ســـان ڪيـــترن صفائيءَ وارن بـزرگن هن ڪي ڏنـو آهي. انهيءَ جـاءِ تان اٺ تي سوار ٿي لنگهندڙ لاءِ چڱائي ڪانه ٿينـدي آهي، جيڪــو وڃي سـندس قـبر تي جاڳنـدو، تــه بـــاوجوديڪ اتي هن وقت ويـــراني آهي، هـــو غيـــبي مهمان ٿي رهندو.” (17)

ڀٽائي ٻنهون کي بروچ چئي چو مخاطب ٿيو؟

شاهه عبـداللطيف ڀٽـائي سـنڌ جي هن لـوڪ داســتان “سســئي پنهــون” کي پنهنجي شــاعري ڳائي امر بڻائي ڇڏيو. شاهه لطيـف جي سـورمين سسئي جو درجو سڀ کان مٿانهون لڳي ٿو. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي هيءَ سورمي سسئي پنهنجي مقصد لاءِ جدوجهد جـو اهڃـاڻ آهي. سسـيءَ جـو اصـل شـهر ڀنڀــور هــو، پــر هــو پنهنجي ور پنهــون جي تلاش اڪيلي سر اڙانگو سفر اختيار ڪيو. ڪيچ مڪران جا جبل جهاڳينـدي رسـتي دم ڏنـائين. شـاهه سـائين سسئيءَ تي سڄا سارا پنج سـر سـرجيا آهن. جن سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري حسيني شامل آهن. سر سسئي لاءِ پروفيسر ڪليـاڻ آڏواڻي لکيو آهي ته “شاهه صاحب هن سـر سـچي سـڪ جو وستار ڪيو آهي. نينهن جي تڪ، مهـراڻ جي تـڪ کان وڌيڪ جبري آهي. سچو طـالب هميشـه عشـق جي عميق ٻڏل آهي. انهيءَ ڪري هن لاءِ ظـاهري مهـراڻ سـکي پـٽي ٿيـو پـوي.“ اڃـو تـه شـاهه جي شاعري جو مطالعو ڪيئون ته سسـئي ڪهـڙن ڏکن ڏاکـڙن کي منهن ڏنـو. هن مقصـد مـاڻڻ لاءِ ڪـيئن

پنهنجي جان به گهوري ڇڏي. ڪجهه ماڻهو ان غلط فهمي جا شڪار آهن ته شاهه لطيف پنهون کي بلوچ قرار ڏنو آهي، ان ڪري هو بلوچ هو. ان تي بحث ڪان اڳ پاڻ کي هڪ پيرو شاهه لطيف جي شاعري کي پڙهڻ گهرجي ته پتائي پنهون کي ڪهڙن ڪهڙن نالن سان مخاطب ٿيو آهي ۽ انهن نالن جو ڇا مطلب آهي:

جيهي جيتيهي، بانِهي باروچَن جِي،
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مُون ڪَمِيڻِيءَ ڪيهِي،
اَصل آريءَ ڄامَ جي، پَليءِ آئُون پيئِي،
هُوءَ جا پائِين پيرَ □، تَنهن جُتِيءَ نَ□ جيهي،
وِساري ويهِي، تَنِي ڪيچِيَنِ کي ڪِيئَن رَهان.

**

اَڪِيُون آريءَ ڄامَ جُون، اَنڊِيءَ سين آهِين،
هُوتِي وَنَ ونڊُرَ جا، سي مُون سُونهائِينِ،
ڏِسِئو ڏيکارِينِ، پيشانِي پُنهونءَ جي.

**

مُحَبَتَ جن جي مَنَ □، تن شِنَگِي تارِ؛
پي پيالو اُج جو، اُجَ سي اُجَ اُتِيار؛
پُنهون پاڻَ پِيارِ، تَ□ اُجَ سِين اُجَ اُجهائِيان.

**

ساجَنَ ڪارَڻ سُجَ، مَرُ قَبُولي سَسُئِي؛
اَندَرُ جنِين اُجَ، پاڻِي اُجِيو اُنَ کي.

**

واقُفُ نَ□ وَڻڪارَ جِي، پاڻِي ڪَنيُم نَ□ پاءُ؛
جَبَلُ چَلدايُون ڪري، تِڪَ ڏيکاري تاءُ؛
لَڳِي لُڪَ لَطِيفُ چئي، معذُورن مَتاءُ؛
اُتي اوڏو آءُ، جِتِ هوتَ هيڪِلِي آهيان.

**

پَڇي جان پَنيورَ ڪان، ڏُونگَرُ ڏُوريو مُون؛
ڪاهي رَسِيَس ڪيچَ ڪي، جِتي پاڻَ پُنهون؛
سَپِتِ آهئين تُون، قَضا ڪَندين ڪِنِ سين؟

**

ڪيچان آيو قافِلو، جامَن سَندو جامُ،
پَسَندي پُنُوهَ ڪي، اَکِيُن ڪِئو آرامُ،
ناتَرِ چايان نامُ، جَي مُون نِيو پاڻَ سين.

هتي سوال پئدا ٿئي ٿو ته آخرڪار شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ ڪجهه بيتن ۾ پنهون ڪي ٻروچ ڇو ڪوٺيو آهي؟

ٻهريان ته ڏسڻو پوندو ته شاهه لطيف پنهون کي ڪهڙن نالن يا لقبن سان مخاطب ٿيو آهي؟ شاهه لطيف پنهون کي آري ڄام، ڄامن سندو ڄام، ٻاروچو، آري، ڄام، پنهون ڄام جي نالن سان مخاطب ٿئي ٿو. جڏهن ته شاهه لطيف پنهون کي "ڪيچي" لفظ سان به مخاطب ٿئي ٿو. ڪيچ مڪران جو علائقو آهي، ان ڪري ٿئي پنهون کي سندس علائقي جي نسبت سان "ڪيچي" به سڏي ٿو. هتي هڪ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ڪنهن به بلوچ يا بلوچ قبيلي جي سردار کي "ڄام" لقب يا خطاب نه مليل هوندو آهي. تاريخ ۾ به اهڙي ڪا به لکت يا شاهدي نه ٿي ملي جنهن ۾ بلوچ کي "ڄام" لکيو ويو هجي. ڄام ۾ ڄاموٽ لقب يا خطاب فقط سنڌي سمات برادرين جي ماڻهن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جيئن سما حڪمران پاڻ کي "ڄام" سڏائيندا هيا. جيئن ڄام نندو، ڄام انڙ، ڄام بابينو، ڄام جوڻو وغيره. ساڳي طرح سنڌ کان ٻاهر لسٻيلي ۾

مڪـران ۾ جيڪي سـنڌي برادريـون رهنـديون آهن، اهي ۾ انهن جا حڪمران به پاڻ ڪي ڄـام ڪوٺائينـدا هيـا. خـود بلوچسـتان جي ثقـافتي انسـائيڪلوپيڊيا ۾ لکيــل آهي تــه، “ڄــاموٽ لقب تمــام وڏن ۾ معتــبر ماڻهن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ڄـاموٽن جي سـردار لاءِ ’ڄـــام‘ جـــو لقب انهي مـــان ورتــــل آهي. ڄاموٽ سنڌ جا قديم ترين ماڻهو آهن.” اهڙي طـرح بلوچسـتان گـزيٽ ۾ بــه لکيــل آهي تــه، “مقـامي مــورخن جي بيــان مطــابق رونجهــا، بــرفت، گُنگــا ۾ ڄاموٽ مختلف وقتن تي لسـٻيلي جا حـاڪم هئـا. ڄاموٽ، گُنگا ڪـان پـوءِ لسـٻيلي جـا حڪمـران ٿيـا.” اهڙي طرح سما قبيلي يا سنڌي قـوم جي سـردارن جو لقب ڄام هو ته ننڍا ڄاموٽ سڏبا هئا، جيئن راجا جا پٽ راجپوت ۾ نواب جا پٽ نـوابزاده سـڏبا آهن. هڪ شــــاعر قيمت راءِ جي هن شـــــعر ۾ ڄــــام ۾ ڄاموٽ جي حيثيت ڪي واضـح سـمجهي سـگهجي ٿو:

ڄاموٽ تنهنجي ڄامي، اصل ڪين وڪامي،
جنگي توڪي ’جاٽ‘ چون، سڌو آهين سامي،
راڄوڙانم راجپوت آهين، هادي ٿيندين حامي.

ناميارو محقق ڊاڪٽر غلام علي الانــا “لاڙ جــو مطالعو” ۾ ڇپيل پنهنجي مضمون ۾ پنهون ڪي بلوچ قرار ڏيڻ واري مفروضي ڪي رد ڪري ٿــو ۾ پنهــون ڪي سنڌي قرار ڏئي ٿو. هو لکي ٿو ته، “ڊاڪٽر نــبي بخش بلوچ ڪان سواءِ ٻيا ڪي به ماهر جتن ڪي بلوچ نسـل مـان تسـليم نـه ٿـا ڪن. ڪي دوسـت شـاهه لطيف جي ڪلام مان مثال ڏئي اها دعوى ڪندا آهن ته لطيف پڻ جتن ڪي بلوچ ٿو قبول ڪـري، پـر هيٺ

سر سسئي آبري، سـر معـذوري، سـر ديسـي، سـر کوهيـاري ۾ سـر حسـينيءَ مـان کي بيت چونـدي مثال طور پيش ڪجن ٿا، جن ۾ شاهه لطيف پنهو ۽ سندس ڀـائرن لاءِ "ڀـانهي ٻـاروچن جي"، "بلوچـاڻي ٻاهه"، "ٻاروچاڻي ٻاجهه"، "ٻاروچو"، "ٻاروچاڻا ٻـار" ۽ اهـڙا ٻيـا ڪـئي لفـظ ۽ فقـرا ڪم آنـدا آهن. اهي دوست، اهي لفظ دليل طور پيش ڪري، اهـو ثـابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته شاهه لطيف پنهـون ۽ سندس ڀائرن کي هڪ طرف جت ٿو سـڏي تـه ٻـئي طرف ٻـروچ. يعـني انهن جي راءِ مـوجب اهـو ثـابت ٿئي ٿو ته شاهه لطيف جتن کي بلـوچ تـو سـڏي. پـر هيٺ لطيف جي ڪلام مان اهـڙن مثـالن ۾ بيتن ڏيڻ کان اڳ هي سوال به پئدا ٿئي ٿـو تـه شـاهه لطيـف پنهون کي ٻاروچو آري، ڄام، پنهون ڄـام، آري ڄـام، ڄامن سندو ڄـام جهـڙا لقب ۽ خطـاب پڻ ڏئي ٿـو. هـتي هڪ ڳالهـه ذهن ۾ رکڻ گهـرجي تـه ڪنهن بـه بلوچ يا بلوچ قـبيلي جي سـردار کي "ڄـام" لقب يـا خطاب نه مليل هوندو آهي. تاريخ ۾ به اهڙي ڪا بــه لکت يا شاهدي نه ٿي ملي جنهن ۾ بلوچ کي "ڄام" لکيو ويو هجي. ڄام ۽ ڄاموٽ لقب يا خطـاب فقـط سنڌي سماٽ برادرين جي ماڻهن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جيئن سما حڪمران ڀاڻ کي "ڄـام" سـڏائيندا هيا." (18)

هتي اسان ثـابت ڪيـو آهي تـه شـاهه لطيـف پنهون کي علائقي جي نسبت سان ٻـروچ يـا ٻـاروچو سڏي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو بلوچسـتان جـو رهـاڪو هـو. جڏهن ته پنهون پاڻ بلوچ نه پر جت برداري جو ڄـام سمون هيو.

<u>حوالا ۽ سمجهاڻيون</u>

(1) بلوچ، نبي بخش خان، قاضي قادن جو رسالو، چامشورو، 1999ع
(2) https://heritage.eftsindh.com/districts/tmkhan/shah-karim.php
(3) Jotwani, Motilal (1986). Sufis of Sindh. Publications Division Ministry of Information & Broadcasting. p. 65.
(4) Historic Sites Documentations - Ongoing". SEAS Pakistan.
(5) Pannke, Peter (2014). *Saints and singers : Sufi music in the Indus Valley*. Internet Archive. Karachi : Oxford University Press. p. 109.
(6) Ikram, Sheikh Mohamad (1955). The cultural heritage of Pakistan. [Karachi; New York]: Oxford University Press. pp. 152–153.
(7) Baloch, Dr.Nabi Bux Khan (1976). Popular Folk Stories:Sassui Punhun. Hyderabad, Sindh, Pakistan: Sindhi Adabi Board.
(8) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 107
(9) لاکو، غلام محمد، سمن جي سلطنت، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1987ع ص: 60-62
(10) خان، خداداد، ”لب تاريخ سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1959ع، ص 65
(11) لاکو، غلام محمد، سمن جي سلطنت، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2005ع ص: 111-114

(12) Port of Banbhore, World Heritage Sites, Tentative List. UNESCO. Retrieved 3 September 2012.
(13) Kit W. Wesler (19 April 2012). An Archaeology of Religion. University Press of America. p. 253. ISBN 978-0761858454. Retrieved 8 September 2012.
(14) "Banbhore". Dictionary of Islamic Architecture (PDF). ArchNet. Retrieved 3 June 2019.
(15) Khan, F. A., Banbhore; a preliminary report on the recent archaeological excavations at Banbhore, Dept. of Archaeology and Museums, Govt. of Pakistan, 1963.
(16) Panhwar (Summer 1981). "International Trade of Sindh from its Port Barbarico (Banbhore), 200 BC TO 200 AD" (PDF). Journal Sindhological Studies. pp. 8–35. Archived from the original (PDF) on 4 July 2017. Retrieved 4 September 2012.
(17) تحفت الڪرام، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1957ع ص: 62 کان 67
(18) الانا، غلام علي، لاڙ جو مطالعو، مرتب عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1991ع ص: 117- 133

باب ويهون

بلوچستان قديم سنڌ آهي

سنڌ ته صدين کان دنيا جي گـولي تي موجـود آهي، پر “بلوچستان” نالي جو ذڪر ڪنهن بـه قـديم لڪت، تـاريخ جي ڪتـابن يـا ڪنهن پـئي مـواد جي صورت ۾ ڪونه ٿو ملي. “بلوچستان” لفـظ پهريـون پيرو “نادر شـاهه افشـار” جي ننـڍي ڪنـڌ تي حملي وقت سـنه 1736ع ۾ منظـر عـام تي آيـو. اهـو بـه ڪنهن علائقي جي سڃاڻپ طور نه پر سـندس فـوج جي هڪ جرنيل جي نالي “محمد خـان بلـوچ” طـور سامهون آيو.(1) نادر شاهه افشار سن 1736ع کان 1747ع تائين ايـران جـو حڪمـران رهيـو. (2)۔ (3) تـاريخ ۾ قلات، اربيلـه (لسـٻيلو)، شـال (ڪوئٽـا) مڪران، سيوي يا سبي ۾ ڪيچ وغـيره پنهنجن نـالن سان سنڌ جا پرڳڻا، رياستون يا صوبا سڏيا ويندا هئا. پهريـون پـيرو بلوچسـتان جـو نـالو ڪنهن خطي جي نـالي طـور انگريـزن اسـتعمال ڪيـو. برصـغير تي بـرٽش راڄ ۾ ڪجهـه بلـوچي ڳالهائينـدڙ علائقن کي گڏي “برٽش بلوچستان” جو نالو ڏنو ويو.

بلوچستان جيئن ته ماضيءَ ۾ سـنڌ جـو حصـو رهيو آهي، ان ڪـري بلوچسـتان ۾ هن وقت بـه 50 سـيڪڙو ڪـان وڌيڪ سـنڌي رهنـدڙ آهن. جن کي

مختلف طريقن سان پنهنجي سجاٽپ تان هٿ ڪٽڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. هتي اسان ثبوتن سان اها ڳالهه ثابت ڪنداسين ته آدمشماري جي سرڪاري رپورٽن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن کي ڪيئن غائب ڪيو ويو. 1931ع جي آدمشماري دوران بلوچستان ۾ بلوچي ڳالهائيندڙ 33 سيڪڙو هيا ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ 22 سيڪڙو هيا. جڏهن ته 2017ع جي آدمشماري دوران بلوچي 35 سيڪڙو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ گهٽجي 7.2 سيڪڙو ٿي ويا. جڏهن ته وري 2023ع جي آدمشماري دوران بلوچي ڳالهائيندڙ 39.9 سيڪڙو ڏيکاريا ويا، جڏهن ته سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ 6.0 سيڪڙو ظاهر ڪيا ويا. آخر 22 سيڪڙو سنڌي ڳلهائيندڙ اوچتو گهٽجي 6 سيڪڙو تائين ڪيئن پهتا. اهي انگ اکر ظاهر ڪن ٿا ته هٿ وٺي سنڌين جي آبادي جي انگ اکرن کي تبديل ڪيو ويو.

خود بلوچ ليکڪ ۽ تاريخدان پاڻ اعتراف ڪن ٿا ته بلوچستان ۾ سنڌين جي 50 سيڪڙو آبادي موجود آهي ۽ مختلف آدمشمارين دوران هٿ وٺي سنڌي ڳالهائيندڙن جا انگ گهٽ ڏيکاريا ويا آهن. سرڪاري ڳڻپ دوران سنڌين جا انگ اکر تبديل ڪيا ويا يا ڪين ڳڻپ دوران گم ڪيو ويو.

تاريخدان ۽ محقق داد محمد خادم بروهي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته، "بلوچستان ۾ مختلف وقتن تي آدمشماري دوران سنڌي ٻوليءَ کي تمام گهٽ انداز ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جيڪا بلوچستان صوبي جي اڌ آبادي چڱيءَ طرح ڳالهائي سگهي ٿي؛ چوته صوبي جي اڪثريتي آبادي صوبي جي زرعي علائقن ۾ آباد آهي، جيڪا سنڌ سان ملحق ميداني علائقن ۾ آباد آهي. بلوچستان جا مٿيان علائقا اڪثر پهاڙي ۽ غيرآباد آهن، جڏهن ته هيٺيان ۾ ميداني علائقا اڪثر زرعي طور آباد علائقا آهن. سنڌي ٻولي

ڳالهائڻ وارا بہ انهيءَ علائقي ۾ آباد آهن، جيڪو بارڪان کان مڪران تائين شمار ڪيو وڃي ٿو.

بلوچستان ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جي آبادي بابت صحيح انگ اکر موجود ناهن. سنڌي ڳالهائيندڙن جي آدمشماري ڪي هٿ وٺي گهٽ ظاهر ڪيو پيو وڃي. ان ڏس ۾ ناميـاري محقق غلام علي الانا جو چوڻ آهي تہ، “بلوچستان ۾ سنڌي زبان جي مختلف لهجن جي ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد ڪيترو آهي، ۾ صوبي جي سموري آباديءَ جو ڪيترو في سيڪڙو آبادي سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿي. هن ڏس ۾ صحيح تعداد هٿ ڪرڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو صحيح تعداد معلوم ڪرڻ لاءِ آدمشماريءَ جي ڌار ڌار رپورٽن تان مدد وٺڻي پوندي. جيتوڻيڪ مذڪوره رپورٽن ۾ بہ آدمشماريءَ جي سلسلي ۾ صحيح انگن اکرن جي داخلا جي دعويٰ ڪري نٿي سگهجي، جنهن لاءِ ڪيترائي ڪارڻ آهن، في الحال ايتري خبر پئجي سگهي ٿي تہ بلوچستان ۾ سنڌي زبان ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد ڪيترو آهي.

آدمشماريءَ جي رپورٽن ۾ انگن اکرن جي صحيح داخلا نہ ٿيڻ جو پهريون ڪارڻ انهن ايراضين جا رهاڪو پاڻ ئي آهن. سنڌي ماڻهو، اهي ڪهڙي بہ خطي ۾ رهندا هجن. پر پراڻن رواجن جي ڪري ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ کي پنهنجي گهر جي ڀاتين جو صحيح تعداد ذاتي معلومات ڪونہ ڏيندا آهن. انهيءَ ڪري آدمشماريءَ واري عملي کي سنڌي ڳالهائيندڙن جو تفصيل هرگز ملي نہ سگهندو آهي، تنهن ڪري ڪن حالتن ۾ عملدار پنهنجي فرض پوري ڪرڻ لاءِ، اندازي موجب ڳالهائيندڙن جو تعداد لکي ڇڏيندا هئا، ۾ يا تہ انهيءَ خطي کي بلڪل ڇڏي ڏيندا هئا.

ٻيو سبب هيءُ آهي ته آدمشماري ڪاتي جا عملدار ڪارڪن سهل پسنديءَ ڪان ڪم وٺندا آهن. اُهي اٿانگا پنڌ پيچرا، جتي اچ وڃ لاءِ سهوليت ڪانه هوندي آهي، اتي آدمشماريءَ وارو عملو وڃڻ ڪان ڪيٻائيندو آهي، سر زمين تي پهچڻ ڪان سواءِ ئي پنهنجي آفيس ويهي خانه پري ڪري ڇڏيندو آهي.

بلوچستان جي 1951ع ڪان پوءِ 1961ع جيڪا آدمشماري ٿي هئي، تنهن لاءِ مقرر ٿيل عملي پنهنجي فرض جي ادائگيءَ انصاف ڪان ڪم نه ورتو. گهٽو ڪري بلوچستان جي ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر 1951ع واري رپورٽ کي سامهون رکي انهن ڪتابن تان ئي مواد اتاريو اٿن. اهو ئي سبب آهي جو 1961ع واري آدمشماريءَ جي رپورٽ بلوچستان صوبي جي مختلف ضلعن سنڌي ڳالهائيندڙن جي ڏنل انگن اکرن تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي، آدمشماريءَ جو ڏنل في سيڪڙو ڪل تعداد مشڪوڪ آهي.” (4)

سبي ڪڇي علائقي به سڀ ڪان وڌيڪ سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، ڇوته هن خطي سماٽ قومن جي اڪثريت آباد آهي.(5) بلوچستان گزيٽيئر جي انگن اکرن موجب هن خطي جي آبادي ٻن طبقن آهي. يعني بلوچ سماٽ. ٻيو طبقو اُهي هندن سيدن جو، جيڪي سنڌي ڳالهائيندڙ آهن. بلوچ ٻروهي اقليت آهن. 1901ع جي آدمشماريءَ جي لحاظ ڪان ڪڇي ضلعي سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد 50190 آهي، جڏهن ته باقي قومن جو انگ 21517 آهي.(6) لسٻيلي جي آباديءَ 1901ع موجب 29166 سنڌي ڳالهائيندڙ هئا. جڏهن ته 19124 ماڻهو باقي ٻوليون ڳالهائيندڙ هئا، جن بلوچي، براهوي فارسي ڳالهائيندڙ شامل

هئــا. (7) قـــومن جي لحـــاظ ســان علائقي جي مجمــوعي آبــاديءَ 25 ســيڪڙو آبــادي ســماٽ برادرين جي آهي. (8) (9)

هــارورڊ يونيورســٽيءَ جي هڪ مـاهر هيـنري فيلڊ 1955ع پنهنجي مضمون (West Pakistan Anthropological survey) ڏار ڏار ٻولين جي في سيڪڙي جي باري جيڪي انگ اڪـر ڏنـا آهن، انهن مـــوجب قلات 51 ســـيڪڙو بـــروهي، 19 ســيڪڙو بلــوچي 29 ســيڪڙو ســنڌي ڳالهائينــدڙ آبــادي آهي. اهــڙي طــرح لســبيلي 80 ســيڪڙو سنڌي، 19 سيڪڙو بلـوچي هڪ سـيڪڙو بـروهي ڳالهائينـــدڙ آهن. ســبي 20 ســيڪڙو ســنڌي، 7 ســيڪڙو بــروهي 54 ســيڪڙو بلــوچي ڳالهائينــدڙ آهن. (10)ـ نور علي ضامن حسيني لکي ٿـو: “هيءَ ٻــولي (ســنڌي) ضــلعي قلات ســبيءَ ٻيــو نمــبر آهي. اهڙيءَ طـرح ڏاڍر جـو ميـداني علائقـو ڪڇيءَ جي نالي سـڏجي ٿـو ضـلعي سـبي جي نصـيرآباد سب ڊويزن (هاڻ ڊويزن آهي) جي جهــل مگســي روجهاڻ مگسي، جمالي، خاڪواڻي، رئيساڻي ٻيا قبيلا سنڌي زبان ڳالهائيندا آهن“ (11)

ســنڌ جــو ناميـارو تاريخـدان مــولائي شـيدائي لکي ٿــو تــه، ““لس ٻيلـو مڪـران سـميت اڳي سـنڌ جي حڪومت هيٺ هو، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ اوڏانهين ٿيـو. اڄ بــه ســنڌي ٻــولي لس ٻيلي گنداواهـــه طـــرف ڳالهـــائڻ اچي ٿي. لس ٻيلي رياســـت اٽڪـــل 65 هـــزار آدم آهي، جنهن مـــان چــوڏهن هــزار مــاڻهو بلــوچي ٻــولي نــو هــزار ڪن بروهي ٻولي ڪم آڻين ٿا، باقي 42 هزار ماڻهو جيڪا سنڌي ٻــولي ڳالهـائين ٿـا، سـا “لاسـي” معـنيٰ لس ٻيلي جي سنڌي سڏجي ٿي.” (12)

ڊاڪٽر داد محمد ’خادم‘ بروهي پنهنجي ڪتاب “بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس” ۾ لکي ٿو ته، “بلوچستان جي سياسي ۽ سماجي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن، وڻج، واپار ۽ تاريخ توڙي جاگرافيءَ جو گهرو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هي خطو قديم زماني ڪان سنڌ جي تسلط هيٺ رهيو آهي، جو قديم سنڌ جون حدون بلوچستان ڪان به اڳتي قنڌار تائين هونديون هيون، جتان جا حاڪم سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ هئا.” (13)

قاضي محمد يعقوب عليزئي لکي ٿو ته: “بلوچستان جا پٺاڻ، بلوچ ۽ بروهي جيڪي هن خطي ۾ رهن ٿا، سنڌي ڳالهائيندا آهن، ڇو ته سنڌي ٻولي جيڪب آباد ڪان مڇ تائين ۽ جيوٽي گوادر ڪان بارڪان تائين ڳالهائي وڃي ٿي ۽ علائقي جي اڪثريتي ٻولي آهي“. (14) بلوچستان ۾ پنهنجون مادري زبانون ڇڏي سنڌي زبان کي پنهنجي مادري ٻوليءَ طور ڳالهائڻ وارين قومن ۾ پٺاڻ، بروهي ۽ بلوچ قبيلن جا ڪيترائي پاڙا هن خطي ۾ موجود آهن. مثلاً: پٺاڻن ۾ باوزئي، دهپال، دروئي، باغون، لائون، ڪڙڪ، صافي، سودي، پيرائي، مزدي، نوداٽي، عليزئي، مرغزائي، سيلاچي ۽ خجڪ شامل آهن. بلوچن ۾ رند، لاشاري، لغاري، مرهٽا، چلگري، موندراٽي، چانڊيا، ڪپراٽي، گولا، گشڪوري، ڪورائي، مغيري، جمالي، دستي ۽ مگسي اچي وڃن ٿا. جڏهن ته بروهين ۾ لانگو ۽ رئيساڻي قبيلن جا ڪيترائي خاندان سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي مادري ٻولي طور استعمال ڪن ٿا. (15)

بلوچستان صوبي جي سرحدي شهرن، ۽ سنڌ جي پر واري بلوچي ايراضي جهڙوڪ اوسته محمد، جهٽ پٽ، مانجهيپور، گنداخه ۽ جهل مگسيءَ ۾ سنڌي ٻولي عام طور ڳالهائي ويندي آهي، پر ان

جي اچــار ۽ ٿــورو فــرق ضــرور آهي، ســبيءَ کــان پنجاهه ميـل اڳـتي، مڇ تـائين سـنڌي ٻـولي ڳالهـائي ويندي آهي. (16)

سنڌ جو ناميارو تاريخدان مـولائي شـيدائي ان راءِ جو آهي ته، “حقيقت ۾ بلـوچ بـه بـروهين وانگـر قـديم سـنڌي آهن. انهن کي سـنڌين کـان ڌار نٿـو کــري ســگهجي.” مــولائي شــيدائي لکي ٿــو تــه: ”سنڌي ۽ بلوچن کي به جدا جدا قومون سمجهڻ نه گهرجي. فرق صـرف ايـترو آهي جـو بلـوچ عـرب ۽ ايـراني گـڏيل قـوم آهي. سـمات ۽ بلـوچن ۾ فـرق فقـط اهـو آهي. انگريـز مـؤرخن، انگريـز قـوم جي گنـاهن کي لکـائڻ لاءِ بلـوچن کي سـنڌين کـان ڌار قوم کري ڏيکاريو آهي. حقيقت ۾ بلوچ هڪ جنگجو سـنڌي قـوم آهي، جـا پنهنجي هن فطـرتي طـبيعت کري هر وقت سنڌ ۾ بااختيار حيـثيت سـان زنـدگي گذاري ٿي . (17)

تاريخـدان داد محمـد خـادم بـروهي مـوجب. “سنڌ ۽ بلوچستان جي سياست ۽ سماج، تهذيب ۽ تمدن، وڻج ۽ واپـار، تـاريخ ۽ جـاگرافي تـوڙي علم و ادب جو جائزو ونبـو تـه اسـان کي معلـوم ٿينـدو تـه قـديم زمـاني کـان ٻنهي خطن جـا پـاڙ ۾ گهاٽـا ناتـا رهنـدا آيـا آهن، جاگرافيـائي ويجهـڙائي ۽ آبـاد هئڻ سبب قديم زماني کـان سـنڌ جـو بلوچسـتان تي نـه فقـط اثـر بلڪ غلبـو بـه رهيـو آهي. بلوچسـتان جـو ســـمورو علائقـــو، جنهن ۾ ســـبي، ڪڇي، قلات، لــورالائي، مڪــران، لســٻيلو ۽ ســمنڊ جــو ســاحل هزارين سالن کان سـنڌ جي زيـر تسـلط رهنـدو آيـو آهي.”(18) مير رحيم داد خان مولائي شيدائي لکي ٿو ته، “بلوچستان دراصـل سـنڌ جـو حصـو آهي.” (19) ٻئي هنڌ مولائي شيدائي لکي ٿو ته، “بلوچستان ۽ خراسان ٻئي اقليم سنڌ جا صوبا آهن.” (20)

آمريڪا جو ناميارو تاريخدان پروفيسر ڪارل اسڪاش سچي دنيا ۾ رهندڙ اقليتن تي تحقيق جي حوالي سان سند جي حيثيت رکي ٿو. هو انسائيڪلوپيڊيا آف ورلڊ مينارٽيز ۾ لکي ٿو ته، “سنڌ جي برهمڻ حڪمرانن جي دور کان وٺي ٽالپرن جي دور تائين بلوچستان جا ڪيترائي علائقا سنڌ جي سرحدن جو حصو رهيا آهن.” (21) هاڻوڪي بلوچستان جيڪو اڳ ڪيچ مڪران، لسٻيلا، قلات، سيوي (سبي)، وغيره جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ان جا اهي علائقا سنڌ جي پرڳڻا يا صوبا هوندا هئا.

هن ڪتاب ۾ تاريخي ثبوتن سان هيٺيون ڳالهيون ثابت ڪيون ويون آهن:

- موجوده بلوچستان هزارين سالن کان قديم سنڌ جو حصو رهيو آهي. پاڪستان جي ٻين علائقن سميت بلوچستان قديم سنڌ جي سرزمين تي جوڙيل هڪ صوبو آهي.
- سنڌو ماٿري جي تهذيب واري دور کان وٺي راءِ گهراڻي، برهمڻ دور، عربن، سومرن، سمن، ان بعد ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي حڪمراني واري دور ۾ به موجوده بلوچستان جا علائقا سنڌ جي سرحدن ۾ شامل رهيا آهن.
- قديم دور کان وٺي انگريزن جي برصغير تي قبضي تائين سنڌو ماٿري جي علائقي يعني موجوده پاڪستان ۾ ڪو به صوبو، رياست يا ڪو ملڪ “بلوچستان” جي نالي سان سڏيو يا سڃاتو نه ويندو هو، نه وري دنيا جي نقشي تي موجود هيو.

- بلوچي ڳالهائيندڙن جو اصل وطن ايران آهي. هو ڪيپسين سمنڊ جي علائقي اتر ايران جا رهواسي آهن.
- بلوچي زبان ايراني ٻولين جي گروپ سان واسطو رکي ٿي. جنهن جو سنڌو ماٿري جي ٻولين سان ڪوبه تعلق ناهي.
- بلوچن موجوده پاڪستاني بلوچستان □ ايران جي سيستان واري علائقي مان لڏپلاڻ ڪري 12 صديءَ عيسوي □ اچي رهائش اختيار ڪئي.
- بلوچن 13 □ـ 14 صدي عيسوي □ موجوده بلوچستان مان پهريون ڀيرو لڏپلاڻ ڪري سنڌ □ اچي رهائش اختيار ڪئي. جنهن بعد ٻيو ڀيرو 1669ع □ سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. ان ان پوءِ لڏي اچڻ جو سلسلو اڄ سوڌو جاري آهي.
- بلوچي ڳالهائيندڙن 15 صدي عيسوي جي آخر □ پنجاب جي ڏکڻ اولهه وارن علائقن □ اچي رهائش اختيار ڪئي.
- بلوچن پنهنجن اباڻن علائقن يعني ايران مان گهرو ويڙهه، ٻاهرين حملي آورن جي حملن □ موسمي حالتن سبب پئدا ٿيندڙ بک □ بدحالي سبب پاڪستان جي خوشحال علائقن طرف لڏپلاڻ ڪئي.
- بلوچن موجوده بلوچستان سميت پاڪستان جو ڪوبه علائقو فتح نه ڪيو هو □ نه وري هو انهن علائقن جا اصلي باشندا هيا.
- بلوچستان □ هن وقت به سنڌين جي 25 سيڪڙو ڪان وڌيڪ آبادي موجود آهي. سنڌي ڳالهائيندڙ برادريون سنڌي زبان جا مختلف لهجا ڳالهائينديون آهن.
- سنڌي ٻولي هن وقت به بلوچستان جي اڪثريتي ٻولي آهي. بلوچستان □ سنڌين سميت ٻيون

ٻوليون ڳالهائيندڙ 50 سيڪڙو آبادي سنڌي کي رابطي جي زبان طور استعمال ڪندي آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) https://web.archive.org/web/20170813053321id_/http://koochehcdn.s3.amazonaws.com/wp-content/files/Nader-Shah-and-Persian-Naval-Expansion-in-the-Persian-Gulf-1700-17471.pdf

(2) https://www.britannica.com/biography/Nadir-Shah

(3) *Tucker, Ernest (2006a). "Nāder Shāh". Encyclopaedia Iranica.*

(4) الانا، غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979، ص: 120-122

(5) انور رومان، پروفيسر، مترجم، ”بلوچستان کي قبائل“ گزيٽيئر بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، حصه اول، 87-1986ع، ص 221.

(6) انور رومان، ص: 221

(7) انور رومان، ص: 387-391

(8) انور رومان، ص: 138

(9) بروهي، ڊاڪٽر داد محمد خادم، “بلوچستان ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جو اڀياس”، حيدرآباد، 2012ع، باب ٻهريون

(10) ضامن، سيد نورعلي، معارف سرائيڪي، مصطفيٰ شاه اڪيڊمي، احمدپور شرقيه 1972ع، ص41-42

(11) ضامن، سيد نورعلي، معارف سرائيڪي، مصطفيٰ شاه اڪيڊمي، احمدپور شرقيه 1972ع، ص: 43

(12) آڏواڻي، ڀيرو مل، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص 156.

(13) بروهي، ڊاڪٽر داد محمد خادم، "بلوچستان □ سنڌي ٻوليءَ □ ادب جو اڀياس"، حيدرآباد، 2012ع، ص: 12

(14) عليزئي، قاضي محمد يعقوب، "بلوچستان □ سنڌي زبان و ادب،" هفته روز "ايلم" مستونگ، 3 آڪٽوبر، 1987ع، ص 2.

(15) بروهي، ڊاڪٽر داد محمد خادم، "بلوچستان □ سنڌي ٻوليءَ □ ادب جو اڀياس"، حيدرآباد، 2012ع، ص: 12

(16) الانا، ڊاڪٽر غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979ع ، ص: 82-83

(17) بروهي، ڊاڪٽر داد محمد خادم، "بلوچستان □ سنڌي ٻوليءَ □ ادب جو اڀياس"، حيدرآباد، 2012ع، ص: 12 يا

شيدائي، رحيم داد مولائي، تاريخ تمدن سنڌ، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 58.

(18) بروهي، ڊاڪٽر داد محمد خادم، "بلوچستان □ سنڌي ٻوليءَ □ ادب جو اڀياس"، حيدرآباد، 2012ع، ص: 13-16

(19) شيدائي، رحيم داد مولائي، تاريخ تمدن سنڌ، ص نمبر 579
(20) شيدائي، رحيم داد مولائي، ٿماهي مهراڻ اپريل-سيپٽمبر 1961ع
(21) Skutsch, Carl, ed. (2005). Encyclopedia of the World's Minorities. New York: Routledge. p. 178.

ببلوگرافي

1. آڏواڻي، ڀيرو مل، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع
2. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ، حيدرآباد، 1990ع
3. اعجازالحق قدوسي: تاريخ سنڌ، حصه اول، لاهور، انجمن ترقي، اردو 1971ع
4. الانا غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڄامشورو، 1979ع
5. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1974ع
6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر،“سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي”، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1976ع.
7. الانا، غلام علي، لاڙ جو مطالعو، مرتب عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1991ع
8. انور رومان پروفيسر، مترجم: ”بلوچستان ڪي قبائل“،جلد ٻيو, گزيٽيئر بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87-1986ع
9. بخاري، سيد محمود شاهه، “تاريخ بلوچستان”، ڪوئيٽا 1983ع
10. برٽن، رچرڊ، سنڌ □ سنڌو ماٿري □ وسندڙ قومون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1995ع
11. بروهي، داد محمد خادم، “بلوچستان □ سنڌي ٻوليءَ □ ادب جو اڀياس”، حيدرآباد، 2012ع
12. بروهي، داد محمد خادم، سبي جي ٻولي، حيدرآباد، 1992ع
13. بروهي، داد محمد خادم، سبي خطي □ سنڌيءَ جي مختلف محاورن جو مطالعو،

14. بروهي، داد محمد خادم، سبيءَ جي سنڌي سندس اهميت، ٽماهي مهراڻ 1981ع (3)، جولاءِ - سيپٽمبر 1981ع
15. بکري، مير معصوم، تاريخ معصومي، ڪراچي سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع
16. بلوچ، احمد يار، بلوچ قوم و خوانين بلوچ
17. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، ٻيلاين جا ٻول، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع
18. بلوچ، صادق علي، تاريخ بلوچان هند
19. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، ٻيلاين جا ٻول، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1970ع
20. بلوچ، نبي بخش خان، سسئي پنهون، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1976ع
21. بلوچ، نبي بخش خان، سنڌي ٻولي ادب جي تاريخ، 1999ع
22. بلوچ، نبي بخش خان، سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، حيدرآباد 1962ع
23. بلوچ، نبي بخش خان، قاضي قادن جو رسالو، ڄامشورو، 1999ع
24. بلوچ، نبي بخش خان، مقالو، ”سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ان جو ڪڇي محاورو“، مهراڻ جون موجون، 1956ع،
25. بلوچ، نبي بخش، جتڪي ٻولي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2003ع
26. بلوچ، نبي بخش، سنڌ جي تاريخ، حيدرآباد، 2017ع
27. بيولر، آر. ايڇ. هيوگز، “امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا” واليوم 1، بلوچستان سيريز ڪلڪتا، 1908ع
28. ٻُٽ، الهرکيو، سماٽ، گلشن پبليڪشن حيدرآباد، 2003ع

29. پــتي، رشــيد، پاڪســتان جــا پراڻــا شــهر، ڄامشورو، 1981ع
30. پٺاڻ، آغا نور محمد، رنج ۽ رڙيون، بارڪان ۽ سنڌين سان هڪ شام، عوامي آواز ڪراچي، 23 آڪٽوبر 2016ع مقالو، فيس بوڪ آغا نور محمد پٺاڻ جي وال تان، 24 آڪٽوبر 2020ع
31. پٺاڻ، آغا نور محمد، رنج ۽ رڙيون، سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌين جي به سارَ لهو!!، عوامي آواز ڪراچي، 2 آڪٽوبر 2016ع
32. پنهور، ايم ايڇ، ”سـنڌ جي تـاريخ.... تحقيـق ۽ اشاعت“ ٽماهي مهراڻ، حيدرآباد، 1984،
33. پنهور، ايم. ايڇ، تصوير سنڌ، 2006ع، ڪراچي
34. پيڪولين، مترجم: ڊاڪٽر شاهه محمد مري، بلوچ
35. ٺٽوي، سيد مير محمد بن سيد جلال، ترخان نامه، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1965ع
36. تحفت الڪرام، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1957ع
37. ٺٽوي، مير علي شير قانع، تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع
38. ٽڏاڻي، راءِ صاحب اُڌارام چانڊومل، پرمانند ميوارام، سنڌ جا مير ۽ مياڻي جي جنگ بيتن سوڌو، حيدرآباد 1938ع
39. جلال زئي، موسيٰ خان، تاريخ بلوچستان
40. جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار، سنڌي زبان جي ماهيت،
سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2006ع

41. جوڻيجو، عبدالجبار ڊاڪٽر هدايت آخوند، ٽر جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 1994ع.
42. خان، خداداد، "لب تاريخ سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1959ع
43. خان، خداداد، "لب تاريخ سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1959ع
44. ڊاڪٽر تنوير عباسي، مرتب، نانڪ يوسف جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1983ع
45. رائچند هريجن: تاريخ ريگستان، پاڳو پهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
46. روزاني سنڌ ايڪسپريس، نومبر 25، 2016
47. زئي، آغا نصير خان احمد، مقالو، "سيوي" ماهوار اولس، ڪوئيٽا، اپريل 1958ع
48. سمٿ، وي اي، "ارلي هسٽري آف انڊيا"، آڪسفورڊ، 1914ع
49. سمون، الهه بچايو يار محمد، سير ڪوهستان، حيدرآباد، 1971ع
50. سنڌي، رڪ، سنڌ جي تاريخ جو پوسٽ مارٽم، حيدرآباد، آن لائن
51. سنڌي، رڪ، سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ، حيدرآباد، 2024
52. سنڌي، رڪ، سنڌو سڀيتا جي اوسر، حيدرآباد، 2024ع
53. سنڌي، رڪ، سنڌو سڀيتا: آرين دراوڙن وارو مفروضو، حيدرآباد، 2024ع
54. سوهدروي، ڪامران اعظم، بگٽي قبيلا، لاهور، 2006ع
55. شيخ، محمد سومار، لاڙ جا ماڳ مڪان، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2019ع

56. شيدائي، رحيم داد خان مولائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع
57. شيدائي، رحيم داد مولائي، تاريخ تمدن سنڌ، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع
58. شيدائي، رحيم داد مولائي، ٽماهي مهراڻ اپريل-سيپٽمبر 1961ع
59. شيدائي، رحيم دادا خان مولائي، ٽالپرن جي مختصر تاريخ، 2005ع
60. شيدائي، رحيمداد خان مولائي، سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2020ع
61. صديقي، محمد ادريس، سنڌو ماٿر جي سڀيتا، حيدرآباد، 1979ع
62. ضامن، سيد نورعلي، معارف سرائيڪي، مصطفيٰ شاه اڪيڊمي، احمدپور شرقيه 1972ع
63. عليزئي، قاضي محمد يعقوب، “بلوچستان ۾ سنڌي زبان و ادب،” هفته روز “ايلم” مستونگ، 3 آڪٽوبر، 1987ع
64. قدوسي، اعجاز الحق، تاريخ سنده، جلد دوم، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1974ع ص 412
65. قدوسي، اعجاز الحق، تاريخ سنده، جلد دوم، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1974ع
66. ڪتري، رامچند ايس، شري هنگلاج جي ياترا، ڪراچي، اچي قبر رامپارٽ روڊ، 74- 1973ع
67. ڪاڪ، لزلي ايل ”قديم ترين بلوچستان“ ماهه نو ڪراچي، آڪٽوبر، 1951ع
68. گنڪوفسڪي، يوري، پاڪستان ڪي قوميتين، ماسڪو، 1976ع

69. لاکو، غلام محمد، سمن جي سلطنت، سمن جي دور جو عام جائزو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1987ع
70. لالا هيتورام، ”تاريخ بلوچستان“، بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا، ص 1973ع
71. لطف الله بدوي، “تذڪره لطفي”، حصه اول، آر ايڇ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، 52-1953ع
72. ملڪاڻي، نارائداس آر، ميراٺي سنڌڙي، ڪوڙو مل سنڌي ساهت منڊل حيدرآباد
73. مهر، غلام رسول، تاريخ ڪلهوڙا (اردو)، جلد اول، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
74. نصير، ميرگل خان، ”بلوچستان ڪي ڪهاني شاعرون ڪي زباني“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1976ع
75. يوسف ميرک مير ابوالقاسم بکري: تاريخ مظهر شاهجهاني
76. Ahmed, Manzoor; Khan, Gulawar (2017). "The History of Baloch and Balochistan: A Critical Appraisal" (PDF). A Research Journal of South Asian Studies.
77. Allana, G̲h̲ulām ʻAlī (1986). Sindi Culture: A Preliminary Survey. Indus Publications.
78. Autobiography Mir Ahmed Yar Khan, “Inside Balochistan” Karachi, 1975
79. Badalkhan, Sabir (2002). "Coastal Makran as Corridor to the Indian Ocean World". *Eurasian*

Studies. 1/2. Università degli Studi di Napoli, "L'Orientale":

80. Baloch, Akhtar, Dr. From Zardaris to Makranis: How the Baloch came to Sindh, the Express Tribune, March 27, 2014,
81. Baloch, Dr.Nabi Bux Khan (1976). Popular Folk Stories:Sassui Punhun. Hyderabad, Sindh, Pakistan: Sindhi Adabi Board.
82. Balochistan Through the Ages (Gazetter) 1901 AD
83. Baluchistan Gazetter.
84. Banbhore". Dictionary of Islamic Architecture (PDF). ArchNet. Retrieved 3 June 2019.
85. Bellew, H.W, The Races of Afghanistan, Lahore, 1979
86. Breseeg, Taj Mohammad, Baloch Nationalism: Its Origin and Development. Royal Book Company. 2004,
87. Butt, Allah Rakhio (1998). Papers on Sindhi Language & Linguistics. Institute of Sindhology, University of Sindh.
88. Cheesman, David (2013-12-16). Landlord Power and Rural Indebtedness in Colonial Sind. New Delhi, India, Asia: Routledge.

89. Dames, M. Longworth, The Baloch Race, The Royal Asiatic Society, London, 1904, digitallibraryindia; JaiGyan, https://archive.org/details/in.ernet.dli.2015.220702/page/n7/mode/2up
90. Delforooz, Behrooz Barjasteh (2008). "A sociolinguistic survey of among the Jagdal in Iranian Balochistan". In Jahani, Carina; Korn, Agnes; Titus, Paul Brian (eds.). The Baloch and others: linguistic, historical and socio-political perspectives on pluralism in Balochistan. Wiesbaden: Reichert Verlag.
91. District Census Report of Makran District, 1961
92. Documentation of the Jadgali language | Endangered Languages Archive". www.elararchive.org.
93. Elfenbein, Joseph, “Balochistan III: Balochi Language and Literature” (1988), in Yarshater, *Encyclopædia Iranica*, vol. 3.
94. Field, Henry (1970). Contributions *to the Physical Anthropology of the Peoples of* India. Field Research Projects.
95. Frawley, William (2003). International Encyclopedia

of Linguistics: 4-Volume Set. Oxford University Press, USA.
96. Grierson H.E., Linguistic Survey of India, Vol: VIII.
97. Hasnat, Syed Farooq (2011). Global Security Watch–Pakistan. Praeger. ISBN 978-0-313-34697-2.
98. Hazgreaves, H, “Excavations in Baluchistan” M.A.S.I No:35 Delhi – 1927.
99. Historic Sites Documentations - Ongoing". SEAS Pakistan.
100. https://encyclopediasindhiana.org/
101. https://heritage.eftsindh.com/districts/tmkhan/shah-karim.php
102. https://ketab.ir/book/86d71238-d9fd-4b43-8c9d-185a86f9db2d
103. https://library.sindhila.org/kitab?number=57&view=1399#_ftn47
104. https://repository.upenn.edu/anthro_papers/127
105. https://sd.wikipedia.org/wiki/
106. https://web.archive.org/web/20170813053321id_/http://koochehcdn.s3.amazonaws.com/wp-content/files/Nader-Shah-and-Persian-Naval-Expansion-in-the-Persian-Gulf-1700-17471.pdf
107. https://www.academia.edu/73051510/

Baluchistan_Geography_History_and_Ethnography

108. https://www.britannica.com/biography/Nadir-Shah
109. https://www.pbs.gov.pk/sites/default/files/population/2023/tables/national/table_11.pdf
110. Hunter, W. M. Imperial Ghazetteer of India Vol: IX, Second edition, 1881,
111. Hussain, Ghulam (2 October 2022). "The politics of metaphor: traces of casteism and patriarchy in the work of Shah Abdul Latif". *Post colonial Studies*. **25**, Routledge:
112. Ikram, Sheikh Mohamad (1955). The cultural heritage of Pakistan. [Karachi; New York]: Oxford University Press.
113. *Illustrated Weekly of Pakistan. Pakistan Herald Publications. 1964. P. 30. Jadgals who migrated from Sind via Bela to Panjgur.*
114. Iran Minorities 2: Ethnic Diversity". iranprimer.usip.org. 3 September 2013.
115. Jahani, Carina (2014). "The Baloch as an Ethnic Group in the Persian Gulf Region". The Persian Gulf in Modern Times. New York: Palgrave Macmillan.

116. Jahani, Carina; Korn, Agnes; Gren-Eklund, Gunilla (2003). The Baloch and Their Neighbours: Ethnic and Linguistic Contact in Balochistan in Historical and Modern Times. Reichert.
117. Jahani, Carina; Korn, Agnes; Titus, Paul Brian (2008). The *Baloch and Others: Linguistic, Historical and Socio-political Perspectives on Pluralism in Baloch*istan. Reichert Verlag.
118. Jones, Allen Keith (2003). Politics in Sindh, 1907 - 1940: Muslim identity and the demand for Pakistan. Oxford: Oxford University Press.
119. Jotwani, Motilal (1986). Sufis of Sindh. Publications Division Ministry of Information & Broadcasting.
120. Khan, F. A., Banbhore; a preliminary report on the recent archaeological excavations at Banbhore, Dept. of Archaeology and Museums, Govt. of Pakistan, 1963.
121. Khan, Mir Ahmed Yar, Inside Baluchistan, Op. Cit.
122. Khushalani, Gobind (2006). Chachnamah Retold : An Account Of The Arab Conquest Of Sindh. Bibliophile South Asia.
123. Kit W. Wesler (19 April 2012). An Archaeology of Religion. University

Press of America. p. 253. ISBN 978-0761858454. Retrieved 8 September 2012.
124. Kreyenbroek, Philip G (2010). Oral Literature of Iranian Languages: Kurdish, Pashto, Balochi, Ossetic, Persian and Tajik: Companion Volume II: History of Persian Literature A, Volume 18. Bloomsbury. ISBN 978-0857732651.
125. Malik, Fida Hussain (14 October 2020). Balochistan: A Conflict of Narratives. Saiyid Books. p. 11.
126. Michael, Mann. "Encyclopedia of Global Environmental Change, Volume 1, The Earth System: Physical and Chemical Dimensions of Global Environmental Change" (PDF). Archived from the original (PDF) on 2013-01-24. Retrieved 2024-03-04.
127. Pakistan Economist". October 1975.
128. Panhwar (Summer 1981). "International Trade of Sindh from its Port Barbarico (Banbhore), 200 BC TO 200 AD" (PDF). Journal Sindhological Studies. pp. 8–35. Archived from the original (PDF) on 4 July 2017. Retrieved 4 September 2012.
129. Panhwar, M.H, "Chronological Dictionary of Sind" Jamshoro.

130. Pannke, Peter (2014). *Saints and singers : Sufi music in the Indus Valley*. Internet Archive. Karachi : Oxford University Press. p. 109.
131. Pirzada, Din Ali (1995). Growth of Muslim Nationalism in Sindh: Parting of Ways to Pakistan. Mehran Publishers.
132. Port of Banbhore, World Heritage Sites, Tentative List. UNESCO. Retrieved 3 September 2012.
133. Quddus, Syed Abdul (1990). The Tribal Baluchistan. Ferozsons. p. 63.
134. Refer: https://tribune.com.pk/story/688234/from-zardaris-to-makranis-how-the-baloch-came-to-sindh
135. ScholarlyCommons : Home". Repository.upenn.edu. Retrieved 2023-06-30.
136. Servis, Fair "Preliminary report on the Pre Historic Archeology of Afghanistan, Baluchi Areas" American Museum of National History 1952
137. Siddiqi, Farhan Hanif (2012), The Politics of Ethnicity in Pakistan: The Baloch, Sindhi and Mohajir Ethnic Movements, Routledge,
138. Siddiqi, Iqtidar Husain (2013). "Chachnama and its Significance". Indo-Persian

Historiography Up to the Thirteenth Century. Primus Books.
139. Sindh Express News Story, 26-11- 2016 story
140. Skutsch, Carl, ed. (2005). Encyclopedia of the World's Minorities. New York: Routledge.
141. Sorly, H.T, “Gazetteer of Sindh”
142. Spooner, Brian (1988). "BALUCHISTAN i. Geography, History and Ethnography". Encyclopedia Iranica. Retrieved 30 December 2014.
143. Steinn, Sir, A, “An Archaeological Tour in Waziristan & Baluchistan”, M.A.S.I. No: 37, Delhi 1929
144. Stien, Sir, A, “An Archaeological Tour in Gedorosia” M.A.S.I No: 43 Delhi 1931.
145. To view this entry online, visit http://www.iranicaonline.org/articles/baluchistan-i.
146. *Tucker, Ernest (2006a). "Nāder Shāh". Encyclopaedia Iranica.*
147. Weekes, Richard V. (1984). Muslims Peoples: A World Ethnographic Survey; Second Edition, Revised and Expanded (Second ed.). Westport, Conn: Greenwood Press.
148. Westphal, Sigrid & Heinz Westphal, Jats of Pakistan, Berlin, Duneker and Humbort, 1964.

149. Wheeler, S.M “The Archaeology of Pakistan”, “The Cultural Heritage of Pakistan”.
150. Wink, André (2002). "The frontier of al-Hind". In Wink, André (ed.). *Early Medieval India and the Expansion of Islam: 7th–11th Centuries*. Al-Hind: The Making of the Indo-Islamic World. Vol. I.

ليکک جو تعارف

رڪ سـنڌي 5 آگسـت 1961ع تي تعلقي ڪنڊياري ضلع نـواب شـاهه جي ڳـوٺ حامـد اچڻ ۾ پيدا ٿيو. سندس اصـلي نـالو غلام اصـغر منگي آهي. هن سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ صـحافت جـو پيشـو اختيـار ڪيـو. پـاڻ روزاني سـنڌ سـجاڳ جي ايــڊيٽر ۽ روزاني جــاڳو ڪــراچي جي ايـڊيٽر ۽ پبلشـر طـور خـدمتون سـرانجام ڏنيـون. جڏهن ته روزاني عوامي آواز ڪراچي، روزاني سـچ ڪــراچي، روزاني ســوپ ڪــراچي، روزاني تعمــير سنڌ ڪراچي، روزاني سنڌ حيدرآباد ۾ نيوز ايــڊيٽر ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيـون. پـاڻ مختلف صحافتي تنظيمن ۾ شامل رهيو آهي.

رڪ سـنڌي سـنڌ جي حقن خـاطر مختلـف قومپرسـت ۽ تـرقي پسـند تنظيمن ۾ بـه سـرگرم ڪردار ادا ڪنـدو رهيـو آهي. هـو گـذريل 20 سـالن کـان ادب، سياسـت ۽ صـحافت سـان لاڳاپيـل هجڻ سميت ڪيترن ئي ڪتابن جـو خـالق رهيـو آهي، جن ۾ ڪيـترائي ڪتـاب ڇاپيـل آهن. جـڏهن تـه سـندس سوين مقالا ۽ مضمون مختلف اخبـارن ۽ رسـالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.

ڪتابن جي فهرست:

1. سنڌو سڀيتا جي اوسر (تحقيق)
2. سنڌو سڀيتا جي محقق (تحقيق)
3. سنڌو سڀيتا، آرين ۽ دراوڙن وارو مفروضو (تحقيق)
4. سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ
5. قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي (سياسي صورتحال)
6. ٿوڙهي ڦاٽڪ جو سـانحــو (تاريخ ۽ سياسي صورتحال)

7. سنڌي قوم جو مـقـدمــو (تاريخ، سياسي صورتحال)
8. سنڌ جي سياسي صورتـحــال (تاريخ، سياسي صورتحال)
9. تاريخ جي لاٽ (ادب)
10. قاضي فيض محمد (سوانح)
11. ســنڌ جي قـومـي تـحـريـڪ ۽ سـنڌين جو اتحاد (مقالا ۽ مضمون)
12. اڄ جي سنڌ (مقالا ۽ مضمون)
13. منهنجون يادگيريون (سوانح)
14. ڏتڙيل ديس جي ڪهاڻي (مقالا ۽ مضمون)
15. سُڪي ڌرتي، ڏڪويل ماڻهو (مقالا ۽ مضمون)
16. پاڪستان طوفان جي گهيري ۾ (بينظير ڀٽو جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو)
17. سنڌي ٻولي رت رتولي (ترتيب)
18. باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي (ترتيب)
19. بلوچستان: سنڌين جو تاريخي وطن